مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

قدس سره

توفيق احمد

مولوي محمد عظيم تاجران و ناشران ڪتب
شاهي بازار، شڪارپور سنڌ.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

ڏکڻان ڏنو چنڊ، اتر تي عيد ٿي
جهڙو ڦڙيو چنڊ، گجي ٿو گرهوڙ ٿي

سوانح حيات

شهيد گرهوڙي

رحمت الله عليه

مرتب

سائين بخش تاج محمد قبولائي

دفعو اول 2000ع قيمت:

پروپرائيٽر: توفيق احمد ولد نور احمد (مرحوم)
اداره: مولوي محمد عظيم ڪتب خانه
شاهي بازار شڪارپور سنڌ

حق واسطا اداري وٽ محفوظ

www.maktabah.org

فهرست

١. انتساب ____ 3
٢. نظر ثاني كندڙ طرفان ﮬ اکر ____ 5
۴. مهاڳ ____ 8
٥. تعارف ____ 10
٦. ولادت باسعادت ____ 10
٧. مگريہ قوم جو اصل نسل ____ 12
٨. ظاهري تعليم ____ 13
٩. تصوف کي اختيار ڪرڻ ____ 15
١٠. لواري شريف جي زيارت ____ 15
١١. گروهوڙ وسائڻ ____ 19
١٢. لواري شريف کان وطن ڏانهن واپسي ____ 21
١٣. خدا آباد جو مناظرو ____ 24
١۴. جماعت لواري شريف تي گرهوڙي صاحب جا ٿي ٽورا ____ 28
١٥. خواجہ گل محمد قدس سره جي ملازمت پررهڻ ____ 30
١٦. ميرن کي صاحبي وٺي ڏيڻ ____ 32
١٧. همعصر بزرگن سان ملاقاتون ____ 36
١٨. بزرگ گرهوڙي جا ٿي ڪارناما ____ 46
١٩. شهادت جو پيالو پيئڻ ____ 57
٢٠. مزار تي قبي جي اڏاوت ____ 60
٢١. سندس اهل وعيال ____ 60
٢٢. گرهوڙي صاحب جون تصنيفون ____ 61
٢٣. ملفوظات ____ 63
٢۴. قديم سنڌي نثر ____ 68
٢٥. بزرگ گرهوڙي جا ٿي خط ____ 70
٢٦. هندي ڪافي ____ 77
٢٧. غلط پيشنگوئيءَ جي ترديد ____ 78
٢٨. غلط پيشنگوئي تحقيق ۽ تنقيد جي روشنيءَ ۾ ____ 79
٢٩. سنڌي مداح ____ حصو پهو ____ 91

www.maktabah.org

۳۰. ڪتابيات ____________ 89
۳۱. سنڌي مداح ۾ آيل قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي عبارتن ____________ 102
۳۲. شجره مبارڪ طريقه عاليه لواري شريف ____________ 105
۳۳. سنڌي بيت ____________ 108

انتساب

آءٌ هي محنت جو سرمايو پنهنجي پياري روحاني ڀاءُ، جناب عبدالجبار "جاني" پٽ صاحب طالب حسين، عبدالوحيد، حاڪم علي ۽ حزب الله جن جي خدمت ۾ انتهائي عزت ۽ محبت سان پيش ڪريان ٿو، هي ناچيز هميشه فرصت وقت سندس صحبت ۾ ويهي دلي سڪون حاصل ڪندو آهي. شال رب ڪريم اسان جو قرب ۽ محبت قائم رکي. آمين! يا رب العالمين

دعاگو

سائين بخش قبولائي

تاريخ: ۱۱ ڊسمبر ۱۹۹۵ع

مطابق ۱۸ رجب المرجب ۱۴۱٦هـ

بروز سومر

www.maktabah.org

نظر ثاني ڪندڙ طرفان
ٻه اکر

سڀ کان پهريان آءٌ نوجوان پبلشر جناب توفيق احمد بن مرحوم نور احمد جو شڪر گذار آهيان جنهن اداره مولوي محمد عظيم ڪتب خانہ شاهي بازار شڪارپور سنڌ طرفان معرفت محمد عثمان عباسي هن ڪتاب جو مسودو نظرثانيءَ لاءِ ڏنو. سرسري مطالعي کان پوءِ معلوم ٿيو تہ محترم جوڻيجو سائين بخش قبولائي محنت تمام سٺي ڪئي آهي ڪيس جس هجي. ڪتابن جا حوالا جهجها ذڪر ڪيا اٿس پر منجهس ڪيترين ئي اوڻايون رهجي ويون آهن. سي گهڻي قدر تہ درستي ڪئي وئي آهي.

شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ تي ١٩٥٦ع ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي "ڪلام گروهوڙي" جي نالي سان ڪتاب شايع ڪيو هو. سندس ٻيو ايڊيشن وري ١٩٩٥ع ۾ ڇپيو آهي تنهن کان پوءِ علي نواز حاجن خان جتوئي "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام" ڇپجي چڪا آهن. حقيقت ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي وارو ڪتاب ٻين ڪتابن کان بي نياز ڪري ڇڏي ٿو پر مرحوم ٻہ گهڻي قدر ضعيف ۽ بي سند روايتن جو سهارو وٺي غلط فهمين جو بنياد وجهي ڇڏيو آهي. جيئن تہ گرهوڙي صاحب بابت هن عاجز جي سٺي تحقيق آهي اڄ کان ڪجهہ سال اڳ مون بزرگ تي پي. ايچ. ڊي جو مقالو پڻ لکيو پر خبر پئي تہ ڪو نوجوان اڳيئي ئي ڪم ڪري رهيو آهي پر اڃا تائين اها تحقيق ٻہ منظر عام تي نہ آئي آهي، جڏهن تہ سندس سوانح حيات، ديني مذهبي ۽ روحاني خدمتن کان سواءِ ڪيترائي سندس شعر، مڪتوبات، ملفوظات ارشادات، حڪايات، نوادرات، روحاني رموز ۽ نڪات پڻ موجود آهن. جن تي جديد انداز ۾ تحقيق ٿئي تہ سون تي سهاڳو ٿيندو ڇو تہ صوفي بزرگ، ولي، عارف، ڪامل، اديب، عالم، سگهڙ ۽ قلم ڌڻي اسانجي ڌرتي جو اهم سرمايو آهن تنهنڪري جيترو جلد ٿي سگهي تہ انهن جي مواد کي سهيڙي مرتب

www.maktabah.org

ڪجي جيئن ايندڙ نسل کي بي غبار ۽ تعميري ادب ملي سگهي.

گرهوڙي صاحب ڏانهن منسوب پيشن گوئي غلط آهي. جيڪا حقيقت ۾ مذڪوره ڪتاب علامه جلال الدين سيوطيءَ جي فتوئي جو ننڍڙو رسالو آهي جيڪو پاڻ ٨٩٨هه ۾ لکيو هئائين جنهن جو سچو نالو "الڪشف عن مجاوزة هذه الامه الف" يعني هن امت جي مٿان هزار ورهين جي گذرڻ جو چٽو بيان. انهيءَ ڪتاب ۾ علامه سيوطيءَ اهو پڻ بيان ڪري ٿو ته آثار هن ڳالهه جي دلالتَ ڪن ٿا ته هن امت جي مدت هزار سالن کان مٿي آهي پر زيادتي پنج سؤ ورهين کان زياده نه ٿيندي. انهيءَ متعلق راقم جو هي رايو آهي ته گرهوڙي صاحب مذڪوره ڪتاب کي بنياد بڻائي هن امت جي عمر وڌ ۾ وڌ چوڏنهن صديون قرار ڏئي اڳ ڪٿيون بيان ڪيون هجن ڇو ته پاڻ پيشنگوئين ۾ تقريباً چوڏهين صدي تائين جو احوال ڏنو آهي والله اعلم. ليڪن هيءَ حقيقت ڄاڻڻ ضروري آهي ته هي ڳجهه جو علم آهي جنهن جي الله واحد کان سواءِ ڪنهن کي به تر جيتري سڌ نه آهي. هي هڪ اندازو آهي جنهن ۾ مثبت ۽ منفي ٻئي عنصر شامل آهن. خود گرهوڙي صاحب به انهيءَ حقيقت جو اعتراف ڪندي آخر ۾ فرمايو آهي ته:

"غيب جي خبر خاوند کي جو آهي مولو مختارا"

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي فرمائي ٿو ته سندس ڪجهه پيشنگوئيون من گهڙت آهن جيڪي مولوي احمد علي "مجذوبَ" دل ڍورو نارائيءَ ١٩١۴ع ۾ ٺاهيون هيون. جنهن جي تائيد مرحوم امير احمد کهڙائي، مرحوم مولانا غلام محمد گرامي ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ڪئي آهي.

بحرحال مرتب جي محنت قابل قدر آهي. اميد ته ڪيس علمي ۽ ادبي حلقن مان ڪيس مهان مانُ ملندو

فقط خادم

مگريو رفيق احمد بازيدپوري.

www.maktabah.org

مهاڳ

الا ان اولياء الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون

تعريف لائق آهي الله تعاليٰ جل شانه، جنهن بني آدم جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ انبيائن ۽ اوليائن کي موڪليو ۽ ڪروڙين صلواتون ۽ سلام ان جي پيغمبر محمد ڪريم ﷺ تي ۽ سندس اصحابن تي.

امابعد! گهڻي وقت کان وٽي مون خادم کي دلي تمنا هئي تہ حضرت شمس العارفين، قبلة الطالبين، امام السالڪين، صاحب شريعت وطريقت، شيخ الاسلام، عاشق رسول ﷺ، عظيم صوفي شاعر، شهيد ميان عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره جي شان ۾ ڪو ڪتاب لکان. آخر ڪار ڪا ملن جي باطني مدد سان هي ڪتاب "سوانح حيات شهيد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي" جو لکيم. حالانڪہ آءٌ ليکڪ يا اديب نہ آهيان. ان ڪري منهنجي لکڻ ۾ ڪيئي خاميون نڪرنديون. هن ڪتاب جي لکڻ جو مقصد صرف شهيد گرهوڙي صاحب ۽ مرشد گرامي، قطب عظامي، حضرت سلطان الاولياء قدس سره سان روحاني محبت ۽ معرفت آهي. جيڪا امڙ جيجل جي جهوليءَ کان نصيب ٿي آهي. ۽ بابا سائين جي خاص شفقت واري تربيت ۽ تعليم سبب اهڙن ڪاملن جي صحبت نصيب ٿي. شال رب ڪريم منهنجي والدين کي ظاهر ۽ باطن ۾ نجات ۽ عمر سعيد عطا ڪري. آمين يا رب العالمين.

بيشڪ نبين، ولين، ڪاملن، صالحن ۽ درويشن جي محبت بہ هڪ انمول تحفو آهي ۽ سندن صحبت ڪيميا آهي. خدا پاڪ ۾ قوي اميد آهي تہ مون گنهگار کي پنهنجن، دوستن جي جماعت ۾ شامل فرمائي آمين.

حديث پاڪ آهي: "المرءُ مع من احب" يعني: جن سان هن دنيا ۾ محبت هوندي تہ آخرت ۾ انهن سان گڏ هوندو. انهيءَ فرمان جي نسبت سان

www.maktabah.org

اي منهنجا مولىٰ! انهن جو سچو عشق ۽ بي انتها محبت عطا فرماءِ. آمين! ڇاڻ گهرجي تہ منهنجي هي پهرين ڪوشش آهي، جيڪا عاشق رسول، ايمان ۽ عرفان ۾ درياءِ بي ڪنار، شريعت ۽ طريقت ۾ بي نظير، مقام ۽ مرتبي ۾ بي مثل، ديني بصيرت ۽ سياسي تدبر جو مالڪ، فنا في الله ۽ بقا با الله ۾ رهندڙ جي احوال ۽ افضل اقوال تي مشتمل هي ننڍڙو ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ نمايان جاءِ ولاريندو ۽ عاشقن صادقن وٽ قبول پوندو.

پڙهندڙن کي هي عرض آهي تہ هن ناچيز لاءِ دعاءِ خير فرمائي تہ جيئن مولىٰ ڪريم! هن مسڪين کي ٻنهين جهانن جي ڀلائي نصيب فرمائي آمين! پڇاڙيءَ ۾ عرض تہ مان ادره مولوي محمد عظيم جي پروپرائيٽر جناب توفيق احمد ميمڻ جو شڪر گذار آهيان جنهن مون کي هن ڪتاب جي مرتب ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ سان گڏوگڏ پڻ ڪتاب کي شايع ڪري منظر عام تي آندو.

خادم

سائين بخش قبولائي

تاريخ: ٢٧ رجب المرجب ١٤١٦ هہ

مطابق ٢٠ ڊسمبر ١٩٩٥ع بروز اربع

www.maktabah.org

مخدوم شهيد عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره
جي سوانح حيات ۽ ڪلام

تعارف

قطب الاقطاب، غوث الاحباب، آفتاب ملڪ ولايت، شيخ الاسلام، شيخ المشائخ، صاحب الارشاد طريقہ عاليہ نقشبنديہ، شهيد اعظم مخدوم شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره العزيز، حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سره العزيز جو وڏو خليفو، پنهنجي وقت جو بي نظير عالم، عارف، شاعر ۽ ڪامل، مڪمل بزرگ ٿي گذريو آهي. ڇاپندي ٿي ڄام هو. ننڍي هوندي کان ئي مطالعي جو شوق هوندو هوس ۽ ايتري قدر ظاهري علم ۾ تجربو حاصل ڪيو هئائين، جو ساري سنڌ ۾ نٿي ڪان ويندي ملتان تائين، سندس مقابلي جو ڪوبہ عالم ڪونہ هو. مباحثي ۽ مناظري ۾ ايڏو تہ دسترس هوس، جو ڪوبہ عالم مٿس غالب پئجي نہ سگهندو هو. فقه جي ميدان ۾ جهڙي تهڙي کي ڪين ميڄيندو هو ۽ هميشه پنهنجي اجتهاد تي هلندو هو.

ولادت باسعادت

هن برگزيده، مجتهد، صاحب، شريعت، شيخ ميان عبدالرحيم گرهوڙي ولد سعد الله مگريو رحہ، جي ولادت باسعادت تاريخ ١٢ ربيع الاول سن ١١٢٩هجري مطابق ۴ فيبروري ١٧١٧ع سومر جي ڏينهن (١) خيرپور رياست جي شهر راڻيپور (٢) ويجهو "صوپوديرو" ۾ ٿي پر اجا تائين سندس جنم جي سال ۽ تاريخ جو تعين نہ ٿي سگهيو آهي ۽ نہ وري جنم هنڌ لاء ڪا حتمي راء قائم ڪري سگهجي ٿي باقي عبدالرزاق "راز" سندس جنم يومي راڻي پور بيان ڪئي آهي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي فرمايو آهي تہ قرائن مان

(١) درگاہ گرهوڙي جي خانداني مجاور فقير الهڏنو ڪوري جي روايت موجب
(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: "ڪلام گرهوڙي" ص - ٨

www.maktabah.org

معلوم ٿئي ٿو تہ شايد سندس جنم هنڌ راڻي پور هجي حالانڪہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سندس ولادت جو هنڌ "واڙ" (پير محمد مگريو) تعلقو ڪپرو ضلع سانگھڙ بيان ڪيو آهي جڏهن تہ ولادت جي سن ۾ مڙني فردوس العارفين جي مصنف بلوچ خان بن مڪرم خان جي تقليد ڪئي آهي جنهن فرمايو آهي تہ وفات وقت سندس عمر چاليهہ ورهيہ هئي انهيءَ اندازي تي اڪثر محققن سندس جنم جو سن اندازاً ١١٥٢هہ بمطابق ١١٣٩ع بيان ڪيو آهي پر حقيقت اها آهي تہ فردوس العارفين وارو عمر جو صحيح ڪاٿو نہ ڪري سگھيو آهي چو تہ انهي تمام ٿوريءَ عمر ۾ علم جي مڪمل تحصيل ڪرڻ، طريقت ۾ رچي ريتو ٿيڻ، شاهہ ڀٽائيءَ سان روحانيت جا راز پلٽڻ ۽ هڪ ٻئي ڏانهن سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ نياپا سنيها موڪلڻ تمام ناممڪن آهي چو تہ شاهہ صاحب جي وفات ١١٦٥هہ ۾ ٿي آهي ۽ گرهوڙي صاحب جي ڄمڻ جو سن ١١٥٢هہ تصور ڪبو تہ پوءِ گرهوڙي صاحب جي شاهہ صاحب جي وفات وقت عمر ئي تيرنهن سال مس ٿيندي پوءِ ڪئين سندن وچ ۾ روح رهاڻيون ۽ ڪچهريون ٿيون هونديون اهو تہ گرهوڙي صاحب جو بلڪل ٻاراڻو دور هوندو تنهنڪري سمجهہ ۾ هئين ٿو اچي تہ گرهوڙي صاحب پنهنجي وفات وقت ٦٢، ٦٣ ورهين جو هوندو نہ ڪي چاليهن ورهين جو، انهيءَ اندازي مطابق سندس جو سن ١١٢٩ هہ بمطابق ١٧١٧ع ٿيو هوندو ۽ خود صوفياءِ اڪرام وٽ بہ هي مڃيل حقيقت آهي تہ سالڪ حقيقي بالغ ۽ صاحب امانت چاليهن سالن کان پوءِ ئي ٿي سگھي ٿو ان کان علاوه هيءَ روايت بہ آهي تہ گرهوڙي صاحب جنهن ويري چوٽارين جي مدرسي ۾ پڙهندو هو تنهن وقت شاهہ صاحب سندس استاد ميان مبين بن رعد جي چار چشميءَ لاءِ چوٽارين کھي آيو هو اتي سندن ملاقات ٿي هئي تنهن وقت ڀٽائي صاحب پنهنجي ڀوهہ جوانيءَ ۾ هو ان کان علاوه سندن ٻيون بہ ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون آهن. ان جو اندازو هن مان بخوبي لڳائي سگھجي ٿو تہ شاهہ صاحب پنهنجي لٺ، تلوار ۽ جمني گرهوڙي صاحب ڏانهن تحفي طور موڪليا هئا. جن مان تلوار ۽ جمني اڄا سوڌو درگاهہ جي گادي نشين سيدن وٽ موجود آهي، باقي لٺ زماني جي اٿل پٿل ڪري ضايع ٿي وئي آهي. (١) سندس ابن ڏاڏن جو وڏيڪ احوال ڪونہ

(١) آدم فقير بهاراڻي ٽالپر: سوانح حيات مير بلوچ خان ٽالپر، (قلمي)

ٿو ملي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪين "موسيجا" سڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مگريا قوم جي هڪ سردار موسيٰ خان جي اولاد منجهان آهن. (١) حالانڪہ خود گرهوڙي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ کي عبد، عبدالرحيم ۽ مگريو سڏيو آهي نہ ڪي موسيجو. شايد ديهہ راڻي پور ۾ "موسيجي مڪان" انهيءَ مگريہ قوم جي سردار موسيٰ جي نالي سان وجود ۾ آيو هجي، جيڪو تحقيق طلب آهي.

مگريہ قوم جو اصل نسل

روايت آهي تہ راجپوتانا جي رڻ پٽ ۾ راجا باجيراءِ جي ڪنهن وقت حڪومت هئي. سندس راڻيءَ کي پيٽ ٿيو، پورن پنجن مهينن جي عرصي ۾ راڻي جي پيٽ مان ڪلمہ "لا الہ الا الله" جو آواز اچڻ لڳو ۽ جڏهن ٻار پيدا ٿيو تہ چيائين "محمد رسول الله" اهڙي آواز تي ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا. آخر راجہ ان ٻار کي مسلمانن جي حوالي ڪيو جيڪي چانهيا قوم جا هئا ۽ کيس چيائين تہ هي نينگر مسلمان ٿو ڏسجي. اوهين وچي ڪمس سنڀاليو. ڇوڪري جو نالو "مگر راءِ" رکيو ويو. سندس پالنا لاءِ چانهين کي ڪجهہ جاگيرون بہ ڏنيون ويون.

المقصد تہ مگريا قوم ان مگر راءِ جي اولاد مان آهن. ڪجھ زماني جي گذرڻ بعد مگريا جيسلمير ۾ رهيا، جتان پوءِ لڏي شاهہ ڳڙهہ بهاولپور رياست ۾ رهيا، پوءِ اتان تلڪندا تلڪندا اچي سنڌ ۾ پهتا، ڀرين ڀرين راڻيپور جي آس پاس ۾ رهڻ لڳا. (٢) جيستائين گرهوڙي صاحب جي ولادت ۽ سندس وڏن جي رهائش جو تعلق آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڀريان سندس وڏا راڻيپور جي آس پاس ۾ رهندا هجن پر هيءَ حقيقت بہ سامهون آئي آهي تہ گرهوڙي صاحب جو ڄم راڻيپور ۾ ٿيو آهي اتان جي ڪيترن ئي ماڻهن جو شاهديون مليون آهن تہ اسان وڏڙن کان نقل بنقل ٻڌندا آيا آهيون تہ سندن وڏا هتي رهندا هئا شايد سندن گهرڙا انهيءَ جڳهہ تي هوندا جتي هن وقت گرلس اسڪول ۽ سئي گيس وارن جي آفيس آهي. پرسان گرهوڙي صاحب جي وڏن

(١) پروفيسر علي نواز جتوئي: "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام" ص ٧
(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: "ڪلام گرهوڙي" ص، ٨ - ١٠

www.maktabah.org

جي نهرايل مسجد اڃا تائين ڍٽل حالت ۾ موجود آهي، مسجد جي ڏکڻ ۾ ننڍڙو قبرستان جيڪو خود گرهوڙي صاحب وارن جي وقت جو آهي ٿي سگهي ٿو ته گرهوڙي صاحب جا ڪجهه عزيز اتي به مدفون هجن مسجد جي اولهه ۾ وڏي ڪڏ ، اتر ۽ اوير ۾ ڪاسائين، شيدين ۽ مير بحرن جا گهر آهن. انهيءَ ڳالهه مان پليءَ پٽ معلوم ٿئي ٿو واقعاً گرهوڙي صاحب جو جنم اتي ٿيو هوندو ۽ سندن وڏا ڪجھ عرصو راٽيپور ۾ ٽڪيا هوندا. (١)

ظاهري تعليم

گرهوڙي صاحب ظاهري تعليم ٽن درسگاهن مان حاصل ڪئي هئي، جيڪي هن طرح آهي.

پهرين درسگاهه: گرهوڙي صاحب شروعاتي تعليم راٽيپور شهر جي مشهور عالم محمد شريف فاروقي (٢) جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي، جيڪو بزرگ شاهه لطيف ڀٽائي رحه جو همعصر ۽ دوست هو، چيو وڃي ٿو ته بزرگ شاهه لطيف ڀٽائي رحه خيرپور جي سفر دوران راٽيپور ۾ ميان محمد شريف فاروقي جي مدرسي ۾ رهيو هو. جتي ان وقت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره طالب علم هو. (٣) شايد گرهوڙي صاحب جي پهرين ملاقات شاهه لطيف ڀٽائي رحه سان اتي ٿي آهي. جيڪا تحقيق طلب ڳالهه آهي.

ٻي درسگاهه: گرهوڙي صاحب ڪجهه وقت دائري شريف (اڏيري لعل) جي هڪ سيد بزرگ وٽ درس وٺندو هو. (۴) هن درسگاهه جو پهريون

(١) مگريو رفيق احمد بازيد پوري (مضمون) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رح ماهوار الفاروق ڪراچي ڊسمبر 1990ع
(٢) مخدوم محمد شريف راٽيپوري، سن 1160 هه (1747ع) ۾ الف اشباع واري نظم ۾ "سنڌي ملن واري" لکيائين. جنهن کي، ڊاڪٽر دائودپوٽي، ڪلام گرهوڙي سان گڏ سال 1956ع ۾ شايع ڪرايو.
(٣) بدرالدين ميمڻ: (مضمون) "شاهه ڀٽائي جي ضلع خيرپور ۾ آمد" (روزاني عبرت حيدرآباد، ٣١ جولاءِ 1991ع).
(۴) ڊاڪٽر دائود پوٽو: "ڪلام گرهوڙي" ص - ١١

www.maktabah.org

استاد ۽ باني سيد محمد مسعود (المتوفي ١١٨٣هـ) هو. جنهن کي "صاحب دائره" سڏيو ويو آهي. (١) چئي سگهجي ٿو ته گرهوڙي صاحب ان سيد بزرگ کان ئي درس حاصل ڪيو هوندو.

ٽئين درسگاهه: گرهوڙي کان اتر طرف چوٽيارين جي ڳوٺ ۾ سن ١١٤٠ هجري ۾ ميان محمد مبين بن رعد ڪيريو هڪ وڏي علمي درسگاهه جو بنياد رکيو هو. جنهن بزرگ وٽان گرهوڙي صاحب ظاهري تعليم ۾ فارغ التحصيل ٿيو. گرهوڙي صاحب کي پنهنجي استاد ميان محمد مبين لاء تمام عزت ۽ محبت هوندي هئي، ۽ کيس "بابو" ڪري سڏيندو هو.

هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته گرهوڙي صاحب اتر ڏي (٢) منهن ڪيو ويٺو هو زور سان چئي، "ميان مبين ڪو پرو، ميان مبين ڪو پرو" توري ئي وقت ۾ ميان مبين اچي پهتو ۽ ڏونگهين جا ڪوپرا اچي اڳيان رکيائينس. مجلس وارن ائين سمجهيو ته شايد گرهوڙي صاحب کي ڏونگهين جي ضرورت هئي، جنهن لاء ميان مبين کي سڏي رهيو هو. مگر پوء معلوم ٿيو ته گرهوڙي صاحب دريافت ڪري رهيو هوته: "خدا وند ڪريم ذوالجلال جو ڪو پرو پاند آهي يا نه؟ ۽ ائين ناهي جيئن ماڻهو سمجهي رهيا آهن. (٣)

روايت آهي ته شاهه ڀٽائي رحه ٽر جي سفر دوران هاڪڙي جي ساڄي پاسي چوٽياريء جي پٽ ۾ چلو ڪڍيو هو. انهيء سفر دوران شاهه لطيف ميان محمد مبين ڪيريو جي مدرسي ۾ پڙ رهيو هو. جتي بزرگ گرهوڙي صاحب کان امتحان خاطر پڇيو هئائين ته:

جو مڙ نيا موچارو، سو آهي ڪهڙو؟

جنهن جي جواب ۾ گرهوڙي صاحب فرمايوته:

هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرينء جو پاڙو.

شاهه لطيف انهيء سفر دوران گرهوڙي صاحب کي هڪ بي مثال جمني، هڪ تلوار ۽ هڪ لٺ سوکڙي طور ڏنيون هيون. (٤)

---

(١) ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر: سنڌ جا اسلامي درسگاهه ص - ٣٠٦

(٢) چوٽيارين جو ڳوٺ گرهوڙ شريف کان اتر ۾ آهي.

(٣) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ١١، ١٢

(٤) معمور يوسفاڻي: سنڌ باب الاسلام، جلد پهريون ص ٥٧

www.maktabah.org

تصوف کي اختيار ڪرڻ

گرهوڙي صاحب ظاهري علومن سان آراستہ هوندي بہ هميشہ باطن ڏي مائل هوندو هو ۽ خواهش هوندي هيس تہ ڪو باڪمال روحاني بزرگ ملي تہ ان جي دامن وٺان. روايت آهي تہ گرهوڙي صاحب اڃا تصوف جي طريقي ۾ داخل نہ ٿيو هو تہ هڪ دفعي سيد ميان ناگي شاهہ لاڙائي مجذوب جي خدمت ۾ پهچي دعا جو طالب ٿيو. ناگي شاهہ مجذوب فرمايس تہ: "ملان! تون مڙس آهين ۽ اڳتي هلي مڙس ٿينديـن" (١) ان کان علاوه گرهوڙي صاحب پورا ٻارنهن مهينا شاهہ عنايت صوفي (شهادت ١١٣٠هہ) جي خاص خليفي ميان ابن سمي اوڙاهہ جي صحبت ۾ جهوڪ شريف جي درگاهہ تي گذاريا ۽ وٽانس گهڻو فيض پرايائين. آخر ۾ خليفي ابن سمي گرهوڙي صاحب کي چيو تہ: "اسان کان جيڪا خدمت پڳي سا ڪئي سون، هاڻ وڃو لواري شريف جتي اوهان جي عقيده ڪشائي ٿيندي."

هن روايت جي تائيد جهوڪ شريف جي سجاده نشين جناب ميان عبدالستار صوفيءَ پڻ ڪئي آهي. اها روايت حضرت شاهہ عنايت شهيد جي فقراءَ کان پڻ ٻڌي وئي آهي. اهو چار جو وڻ، جنهن جي هيٺيان دڪيءَ تي خليفو ابن ۽ گرهوڙي صاحب پاڻ ۾ روحاني راز اورينداهئا. سوچار ۽ دڪي اڃا بہ موجود آهي (٢)

لواري شريف جي زيارت

هڪ دفعي لواري شريف ڏانهن هڪ فقير (اهل الله) کي ويندو ڏٺائين. ٽوڪ ڪري کيس چيائين تہ: "پنهنجي پير کان منهنجي پاران پڇج، تہ معراج، خاص رسول ڪريم ﷺ جن لاءِ هو يا ٻيا بہ اهو مرتبو ماڻي سگهن ٿا؟ فقير جيڪو "فنا في الشيخ" هو، تنهن کان اها ڳالهہ وسري ويئي. لواري شريف ۾ ان وقت حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سره العزيز نقشبندي

(١) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص ٢٦٧

(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ١٢

www.maktabah.org

"هدايت و رشد" جي مسند تي مامور هو ۽ نهايت ڪمال جو صاحب هو، سندس هٿ مبارڪ تي بعيت ڪرڻ لاء اوري جا تہ چڙيو پر پري ڏيهن جهڙوڪ سمرقند، بخارا ۽ خود عربستان ڪان بہ حق جا طالبو ايندا هئا. اهڙي هستي جي هٿان هن سياڳي جيد عالم دين (ميان عبدالرحيم صاحب) کي وحدت جو ونڊ مِلٺو هو. جڏهين فقير مرشد ڪان موڪلائي واپس ٿي وريو تہ حضرت سلطان الاوليا؛ جن ڪيس چيو تہ ابا، توکي واٽ تي اسان لاء جيڪو نياپو مليو هو سو تہ تو پهچايو ئي ڪونہ. هاڻي انهيء عالم عبدالرحيم کي چئج تہ "بغداد جي پل خاص طرح وقت جي خليفي لاء نهرائي ويئي هئي، جتان ٻئي ڪي لنگهڻ جي اجازت ايستائين ڪانہ هئي، جيستائين اهو خليفو نہ لنگهي وڃي. مگر خليفي جي اڪرڻ بعد اچ ڀَائين اتان آدمي لنگهن پيا. ساڳي طرح معراج شريف بہ رسول ڪريم ﷺ لاء مخصوص هو. گويا سندن لاء بہ هڪ پل نهرائي ويئي هئي، سا ڪا ڍهڻ جي آهي ! ؟ مگر حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جو ان تان لنگهڻ خاص سندس شان ۽ دستور وٽان هو. سلطان پويان سندس لشڪر جو لنگهڻ بہ سندس شان ۽ رواج موافق آهي. انهيء ڀر تہ پاڻ سندن فخر آهي." چون ٿا تہ جڏهين مخدوم ميان عبدالرحيم گروهڙي کي اهو نياپو مليو تڏهن اکين تان اولا لهي پيس ۽ هڪدم لواري شريف وڃي مريد ٿيو. (١) ڪامل مرشد جي رهبري ۽ رهنمائيء هيٺ حقيقت جون روشن راهون ڏسندي وڏي واڪي چيائين تہ: "مون جهڙو عالم، فاضل، فقه ۽ محدث ملڪن ڀر ڳوليو ليندو، مگر جڏهن ڪان حضرت سلطان الاوليا؛ جن جي دست بيعت ڪئي اٿر، تڏهين ڪان سڀ ويچا وسري ويم، بس، آءٌ تہ پاڻ کي مرشد اڳيان اهڙو تہ هچارو سمجهندو آهيان، جهڙوڪ جاهل، فاضل اڳيان!" (٢)

پاڻ اڪثر فرمائيندو هو تہ آءٌ سچو سنڌ جو ملڪ گهميو آهيان تہ ساري ملڪ ۾ ٻئي هنڌ جيڪو فيض آهي، تنهن فيض جو درياءُ مون کي گوڏي تائين بہ نہ آيو آهي.

روايت آهي تہ گرهوڙي صاحب جڏهن پهريائين لواري شريف آيو،

(١) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون ص ١۴٠
ڊاڪٽر دائودپوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ١٢ - ١۴
پروفيسر علي نواز جتوئي: "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام ص - ٨
(٢) ڊاڪٽر گربخشاڻي: لواري جا لعل ص ٧٨

www.maktabah.org

تڏهن حضرت سلطان الاولياء سندس علمي لياقت معلوم ڪرڻ لاءِ هن آيت شريف: والطور وڪتاب مسطور• في رق منشور• والبيت المعمور• (سورة والطور) جي معنيٰ پڇي. گروڙي صاحب ظاهري معنيٰ ۾ ڪهڙو وقت تقرير ڪئي ۽ مختلف تفسيرن جا حوالا ڏيندي وڏي علمي اپٽار ڪيائين پر جڏهن حضرت سلطان الاولياء جن مٿس روحاني معنيٰ جا راز پلٽيا ۽ فرمايائونس ته: "اهو سڀ قلب آهي" تڏهن اکين تان انڌاريون لهي ويس. (١)

حضرت خواجه عبداللطيف صغير رحه کان روايت آهي ته، شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ڪڏهن به درگاهه لواري شريف تي نه بي وضو رهيو ۽ نه پنهنجي وات جي پڪ اڇلايائين ۽ نه وري ڪا جتي وغيره پائيندو هو. (٢)

گرهوڙي صاحب مرشد جي مهربانين جو ذڪر هن ريت ڪريٿو.

ڏکڻان ڏٺو چنڊ، اتر تي عيد ٿي.

جهڙيو ڦڙيو جنڊ، گجي ٿو گرهوڙ تي.

لواري شريف، گرهوڙ جي ڏکڻ ۾ آهي. ان ڪري مخدوم صاحب کي چنڊ (يعني مرشد) ڏکڻ کان ڏسڻ ۾ آيو. (٣)

گرهوڙي صاحب فرمائيندو هو ته، "طريقت جي تعليم کان پوءِ مون تي هڪ ڏينهن ابوالبشر آدم عليه‌السلام جي پيدا ٿيڻ جي حقيقت کولي ويئي. خاڪ جي مٺ کي ڳوهي تصوير ٺاهڻ واري ڪيفيت پڌري پٽ نظر آئي ۽ روح جو ان ۾ پوڻ ۽ چڪ ڏيڻ جي واردات اکين سان ڏٺم. (۴)

پر انهيءَ فنايت جي باوجود به گرهوڙي صاحب هڪ عالم دين هو ۽ سختيءَ سان فقه حنفي جي پابندي ڪندو هو: ڪنهن روحاني راز جي ڪري نقشبندي بزرگن جو اهو دستور رهيو آهي ته وچين نماز ڪجهه ليٽ سان

(١) آخوند الهڏنو بوبڪائي "مجلس شريف "48 (قلمي) ص ٢٣٩

(٢) مير نظر علي خان ٽالپر آئينه اولياء ص ٥٨

(٣) پروفيسر علي نواز جتوئي "شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام" ص ٩

(۴) مولوي دين محمد وفائي تزڪره مشاهير سنڌ جلد ٣، ص ١۴١ (شيخ عبدالحق محدث دهلوي، مدراج جلد ١، باب ۵، ص ١۴۴تي پڻ ساڳي حقيقت جو ذڪر ڪيو آهي ته پاڻ رسول ڪريم صلعم جن پڻ حضرت آدم عليه السلام جي پيدا ٿيڻ جي حقيقت ڏني).

www.maktabah.org

پڙهندا آهن. اها ڳالھ فقه حنفي جي لحاظ سان مناسب نہ آهي، پر پراڻي عادت کا منجهڻ جي آهي. گرهوڙي صاحب فرمايو تہ هڪ ڏينهن ٽيهريءَ نماز جو وقت ضعيف ٿيڻ تي هو. مون مرشد سائين کي نماز پڙهڻ لاءِ عرض ڪيو. حضرت سلطان الاولياء جن فرمايو تہ " اسان جي مشائخن اهو وقت دير سان پڙهيو آهي." مون اعتراض ڪيو تہ "فرضن جي ادائگي ۾ مشائخن جي پيروي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ حضرت سلطان الاولياء جن فرمايو تہ "اهان مولون وارا مناظرا نٿو ڇڏين ۽ وڏيڪ فرمايائون تہ "وڏي عمر ۽ بدني ڪمزوريءَ ڪري اسان کي نماز ۾ دير ٿي ٿئي" ڪهڙي ڪن رکي پاڻ نماز پڙهڻ لاءِ اٿيا. خواجہ صاحب جن وضو ڪري، هٿ ڇنڊي گرهوڙي صاحب ڏانهن اڇلايو. پاڻيءَ جا ڇنڊا گرهوڙي صاحب کي لڳا ۽ بي هوش ٿي ويو. گرهوڙي صاحب کي بي هوشي جي عالم ۾ ڇڏي پاڻ جماعت سان نماز ادا ڪيائون. وري ٻئي ڏينهن وچين نماز ٿي. حضرت سلطان اولياءَ قدس سره آيو. تڏهن فقيرن عرض ڪيو تہ قبلا! ميان عبدالرحيم گرهوڙي اڃا بي هوش پيو آهي، حڪم ٿيو تہ هاڻي اٿاري وٺي اچوس. گرهوڙي صاحب هوش ۾ آيو ۽ خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. تڏهن مرشد فرمايس تہ، "مگريا فقير! اسين تہ وچين نماز ليٽ سان ٿا پڙهون، پر ڪر خبر تنهنجون ڪيترييون نمازون قضا ٿي ويون." مقام حيرت آهي جو گرهوڙي صاحب جهڙو صاف گو پرجوش ۽ بي باڪ عالم دين، مرشد جي اڳيان سراپا ادب ۾ خاموشيءَ جي تصوير بنيو مانڪريو بيٺو رهيو. خواجہ صاحب کيس هڪ ڪتاب ڏئي هليا ويا.

گرهوڙي صاحب اهو ڪتاب پڙهي زار زار پئي رنو ۽ هيٺيان بيت پئي پڙهيائين:

1 ڏڙهہ، ڏونگر ۽ ڏيهہ، وڃن رات وسائيا،
مون منجهانرا کيهہ، ڪنهن وڏي ٻارڻ نڪري.

2 منهنجو ماهہ مجاز، پيچاري جڻن پچيو،
ورد وظيفا وسريا، نڪا رهي نماز،
هينڙو بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

بظاهر بي هوشيءَ وارن انهن ائنيهرن ۾ سلطان الاولياء جي نگاه ڪرم جي نشاني هيٺ گرهوڙي صاحب ڇا ڇا حصل ڪيو سا فقط کيس ئي خبر رهي جو پاڻ ئي فرمائي ٿو:

"ڳڙ نہ سنجاپي ڳالهڙن، جان جان ڳڙ نہ کاءِ."

www.maktabah.org

حضرت سلطان الاوليا ء جي هٿان اڇلايل پاٽي جي ڇنڊن ۾ ڪيترو اثر هو. ڊاڪٽر اقبال هن طرح فرمائي ٿو:

ڪوئي انداز ڪرسڪتا هي، ان ڪي زور بازو ڪا.
نگاه مرد مؤمن سي، بدل جاتي هين تقديرين.

حضرت سلطان الاولياء ۾ ڪيڏي ڪرامت هئي. حق جي طالبن تي سندس فيض جي پالوٽ ڪهڙي انداز سان ٿيندي هئي. سندس درٻار مان نور معرفت جا طلبگار ڪيئن مالا مال ٿيندا هئا. اهاڳالهه ڀٽائي گهوٽ ڪان پڇڻ چاهيون ته فرمائيندو:

سي مون ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

گرهوڙي صاحب فرمائيندو هو ته، " انهيءَ اعتراض کان پوءِ مون کان هميشه ٽيهري جي نماز اداڪرڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي."(١)

گرهوڙ وسائڻ

يقين سان چئي نٿو سگهجي ته شيخ عبدالرحيم صاحب ڪڏهن گرهوڙ وسايو. جڏهن شيخ عبدالرحيم قدس سره صوبوديرو ۾ رهائش پزير هو، تڏهن بلوچ ٽالپر بهاراڻي خاندان پڻ اتي آس پاس ۾ اچي رهيا هئا. جيڪي سندس صحبتي هئاگرهوڙي صاحب جي سنگت جي سبب ئي اهي بلوچ ٽالپربهاراڻي خاندان درگاه لواري شريف جا مريد ٿيا هئا.

روايت آهي ته شيخ عبدالرحيم صاحب وڏي ڪاني ڪرامت جو صاحب هو. تنهن ڪري سندس مائٽن مٿس زور پريو ته اسان کي جيسلمير ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جون کسيل جاگيرون واپس وٺي ڏيو. سيني فقراءِ ۽ والده صاحبه جي ستائڻ تي جيسلمير ڏانهن هلڻ جو قصد ڪيائين. جڏهن گرهوڙ وٽان انهيءَ هنڌان اچي لنگهيا، جتان هن وقت زيارتي تبرڪ طور خاڪ جي چپٽي ڪشندا آهن. (٢) تڏهن پري کان هڪڙو سفيدريش نوراني شڪل وارو

(١) حليم هاليپوٽو (مضمون) "هڪ همه گير شخصيت" (روزانه الوحيد ڪراچي ٢٠ جون ١٩٩٣ع)

(٢) انهي جاء تي پاڻ عبادت ڪندا هئا ۽ چالبها ڪڍندا هئا انهيءَ جاء جي چوڌاري پٽ ڏنل آهي.

www.maktabah.org

پير مرد ايندو ڏسي اٿ تان لهي پيا، پير مرد ويجهو اچي عرض ڪيو ته قبلا سائين. جڏهن خداوند ڪريم پوڻ پڪيڙي، تڏهن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مديني منوره واري زمين مان هڪ ٽڪرو ڪڍي هن هنڌ رکيو، ۽ مون کي امر ڪيائون ته تون هت ويهي رهه ۽ جڏهن شيخ عبدالرحيم اتي اچي تڏهين هي زمين جو ٽڪر سندس حوالي ڪري پوءِ جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هليو وڃ. توهان جي صورت مبارڪ مون کي ڏيکاري ڇڏي هئائون. هاڻي توهان اچي ويا آهيو، سو پنهنجي امانت هٿ ڪريو. ۽ آءٌ وڃان ٿو. انهيءَ بڌڻ تي پاڻ يڪدم قافلي سميت اتي ترسي پيا ۽ اڳتي وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون. پنهنجا ٻار ٻچا ۽ عزيز به گهرائي ورتائون. ٻهاراڻي ٽالپر پڻ لڏي اچي گرهوڙ جي ويجهو خانپور ۾ رهيا.

ان وقت گرهوڙ ۾ پلن جو هڪ وڏو راڄ رهندو هو. جن جو مرشد نالي سيد محمد شاهه وڏي امانت جو صاحب هو. شيخ عبدالرحيم وٽ ماڻهن جي رجوعات ڏسي ڪيس اچي ڏپ ورتو ته متان سندس مريد به وڃي شيخ عبدالرحيم جامريد ٿين. تنهن تي شيخ صاحب وٽ هلي آيو ۽ چيائينس ته "هتان هليا وڃو، نه ته اوهان لاءِ چڱائي نه ٿيندي." تنهن تي شيخ صاحب فرمايس ته، "مان توهان جي پٽ آهيان ۽ توهان کي مون مان ڊهو نه ٿيڻ گهرجي." سيد محمد شاهه جواب ڏنو ته، "ٻه شينهن ٻيلي ۾ نه ماپندا"، بهتر آهي ته اوهان هتان هليا وڃو، ٻي صورت ۾ مان اوهان کي ڪرامت جي زور تي ڪڍي ڇڏيندس." پاڻ فرمايائون ته: "اوهان جي مرضي، مگر مان هتان نه چرندس." اهڙي ڪتي جواب ملڻ تي سيد محمد شاهه ڪاوڙجي روانو ٿي ويو. ۽ وڃڻ سان وڃي ڏهو ڪيائين انهيءَ ڏهي ۾ ميان محمد شاهه پاڻ کي حضرت رسول ڪريم ﷺ جي ڪچهريءَ ۾ ڏٺو، جتي سڀ وڏا وڏا بزرگ ۽ اصحاب حاضر هئا. مجلس پنهنجي پور ۾ هئي ته هڪ شخص ڪاغذ کڻي آيو، جنهن تي حضرت رسول ڪريم ﷺ جن ٽي مهرون هڻيون، پوءِ ڪاغذ کڻي هليو ويو. تڏهن محمد شاهه پاڻ ڪريمن ﷺ جن کان دريافت ڪيو ته هي ڪير شخص هو؟ جو مجلس جا آداب بجا نه آڻدائين ۽ ويهڻ جي بدران هليو ويو. تڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن جواب ڏنس ته هي اهو شخص آهي، جنهن کي تڙڻ لاءِ اوهان ڏهو ڪيو آهي. تنهن کان پوءِ سيد محمد شاهه يڪدم توبهه تائب ٿيو ۽ معافي گهري عرض ڪيائين ته هاڻي مان ٿي خود اتان هليو ويندس،

www.maktabah.org

مگر سائين مون کي آگاهہ تہ ڪريو تہ هي ٽي مهرون ڇا جون هٿائي ڪٽي ويو آهي. پاڻي ڪريمن ﷺ فرمايو تہ:

١) پهرين مهر: پٺورو اصل مسلمان هو، مگر مٺي کان پوءِ ڪيس هندو سمجهي، مٿس ڏيوري ٺاهي وئي آهي. ان کي ڊاهي قبر ٺاهڻ ۽ بانگ ڏيڻ جي اجازت.

٢) ٻي مهر: ٽر ۽ ٻن وٽن جا ٽڙ آهن، جن جي وچان ماٺهو اڪاري، حرام ۽ حلال جي خبرورتي ويندي آهي. انهن ٻنهي وٽن جي ڪپڻ جي اجازت.

٣) ٽين مهر: خيرپور رياست جي ٽر پاڳي ۽ ڪافر مها ڏيو جي مڙهيءَ پٽڻ جي اجازت.

سيد محمد شاهہ ڏهو پورو ڪري، گرهوڙ مان لڏو ڪٽي هليو ويو ۽ پنهنجن مريدن کي پڻ هدايت ڪيائين تہ توهان بہ گرهوڙ مان ٽپڙ ڪٽي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهو. (١)

لواري شريف
کان وطن ڏانهن واپسي

گرهوڙي صاحب مرشد جي روحاني فيض مان اعليٰ مقام تي فائز ٿيو، ۽ سنت ٿي ارشاد جي اجازت وٺي خلافت جو خرقو ڍڪي اچي گرهوڙي ۾ رهيو. چون ٿا تہ ڪيس اهڙي جلالت ٿيندي هئي، جو وٽن تي چڙهي پاڻ کي ڪٽي هيٺ ڇڏيندو هو ۽ بار بار هيٺيون بيت پڙهندو هو

فرزند بي بي فاطمہ جا، ناحق ڪسن ڪيڻ؟

پاسو پٽ نہ ڪوڙيان، وير وئندو سيڻ.

الله اڪبر، ڪونهي تڪبر.

ائين چئي پاڻيءَ جو ڪونرو وٺي مٿي تي هاريندو هو جو سڄو مٽي ۾ جذب ٿي ويندو هئس. اها حقيقت ٿورن گهڻن ڏينهن ۾ وڃي لواري شريف پهتي. اتان نياپو آيو تہ پاڻ هينئر جلاليءَ ۾ آهي، ۽ ڪوبہ سندس ويجهو نہ

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ٣٤ - ٣٦

www.maktabah.org

وچي، مبادا ڪو نقصان نہ ڪري وجهي، ۽ ڪيس چورائي موڪليائون تہ: "بهتر آهي تہ معمول تي رهو جڏهن هي پيغام پهتس، تڏهن وٽن تي چڙهڻ ۽ پاڻ کي پٽ تي ڪيرائڻ جڏي ڏنائين ۽ چيائين تہ منهنجو ارادو هو تہ شيطان کي دنيا مان تڙي ڪيان، جو تہ خدا جي مخلوق کي پيو خراب ڪري، پر هاڻي اجازت نہ ملي. (١)

گرهوڙ ۾ رهڻ دوران سوين ماڻهو سندس مريد ٿيا. اڪثر خلوت ۾ رهندو هو ۽ چوندو هو تہ: "مون کي پنهنجي سر شيخي مشائخيءَ جي ڪا تمنا ڪانهي صرف الاهي امر جي متابعت ڪري ماڻهن کي حضرت جن جي طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿو ڪريان." (٢) شهادت ماڻڻ کان اڳ بلڪل ٿورو کائيندو هو ۽ هڻي ٽئين ڏينهن جلاب وٺي پيٽ هلڪو ڪندو هو. جنهن ڪري بلڪل ضعيف ٿي ويو. تڏي تي سمهندو هو ۽ متانئس ڪتو اوڇيل هوندو هو. هميشه حق سان واصل گذاريندو هو ۽ مراقبي ۾ مستغرق رهندو هو. ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن خلوت مان نڪري تڙ ڪري، نئون وڳو پهري، دهلاري کي سڏي چيائين تہ "وڃي ڍنڍورو ڏي تہ جو ماڻهو اڄ اچي منهنجي بيعت ڪندو، تنهن کي سڀاڻي (قيامت) دوزخ جي باهہ کان بچائڻ جو ذمون آءٌ پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار آهيان" (٣) هڪ دفعي هڪ شخص "بخشڻ شامو" وٽس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ آيو. جنهن کي اڳ ۾ هڪ مجذوب مڪٽي کان فيض پهتل هو. گرهوڙي صاحب بخشڻ تي توجهہ لاءِ اکيون ھوٽي هڪدم ڪري کوليون، فرمايائين تہ: "تنهنجو ڪم تہ هو مجذوب پورو ڪري ويو آهي، هاڻي توکي اسان جي فقط صحبت ڪافي آهي. (٤)

شيخ فتح محمد بيطار بہ سندس مريدن مان آهي ان جي ڳالهہ ڪن ٿا تہ اڃا بالغ ئي مس ٿيو هو، تہ پنهنجن عزيزن سان شهداد پور مان پاڙي جا اٺ قطاري ميرپورخاص پهتو هو. شيخ عبدالرحيم جي اچڻ جو غوغا ٿيو. دل ۾ خيال ٿيس تہ فقير کي ڏسان. دوستن ۽ عزيزن جهليس تہ متان وڃين، ماڻهن

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ١٦
(٢) ڊاڪٽر گربخشاڻي: لواري جا لعل، ص - ٧٦
(٣) پروفيسر علي نواز جتوئي: شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام، ص - ١٠
(٤) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص ١٤٣

www.maktabah.org

ڪي ماري ٿو، هو مست آهي. چيائين ته مان سندس ويجهو ڪونه ويندس. هن زيارت لاءِ گهڻو زور ڀريو. آخر ڪيس ڪٽي ڪوٺي ۾ بند ڪيائون. قدرت خدا جي فقير صاحب ان گهر جي ڀويان اچي ويٺو. فتح محمد ڪوٺي جي سوراخ ۾ اکيون پائي ويهي رهيو هو. هن نوجوان جو ڏسڻ ۽ شيخ صاحب جي نظر پوڻ تي فتح محمد حال ڪان بي حال ٿي ويو. پوءِ ته وٺي ڀڳو گرهوڙي صاحب ماڻهن کي حڪم ڪيو ته پڪڙي وٺي اچوس. ڪيس ٻڌي وٺي آيا پاڻ فرمايائون ته ڇڏي ڏيوس. نوجوان جي عزيزن عرض ڪيو ته، ڇڏينداسين ته گم ٿي ويندو. تنهن تي بزرگ وراڻيو: "جيڪي ويو سو ويو، آئينده سندس هڏا به هت پراڻا ٿيندا." فتح محمد جو چوڻ آهي ته، بزرگ جي انهن لفظن دل ۾ اهڙو ته گهرو اثر ڪيو، جو دنيا ۽ ماسوا کي ڇڏي سندس خدمت ۾ ويهي رهيو، جنهن ڪان پوءِ چوندو هو ته: "مون کي الله تعاليٰ جو حضور هر دم حاصل آهي. ۽ هڪ اک جو لمحو به الله تعاليٰ مون کان پري ناهي. (١)

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره جا عزيز خانپور ۾ رهندا هئا، انهن سان ملڻ ڪڏهن خانپور ۾ ويندو رهندو هو. جمع جي نماز جامع مسجد ۾ ادا ڪندو هو. پوءِ اتان جي اڪابرن جي چوڻ تي ڪڏهن ڪڏهن واعظ پڻ ڪندوهو. هڪ دفعي واعظ دوران اوليائن جي بزرگيءَ بابت ڳالهه اچي نڪتي، مجلس وارن مان هڪڙي چيو ته: "اوليائن ۾، شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني رح سچ وانگر آهي." انهيءَ تي گرهوڙي صاحب فرمايو ته: "هن زماني ۾ اسان جي حضرت سلطان الاوليا قدس سره جي مريدن مان گهڻا انهيءَ جهڙا آهن." بزرگ جي هن سخن تي دانشمندن اعتبارڪيو چو ته خود شيخ عبدالرحيم گرهوڙي به زماني جي مشهور عالمن مان هو. ۽ پنهنجي پرهيز گاري ۽ ديانت ڪري گهڻو مشهور هو يعني اهو سندس پاڻ ڏانهن اشارو هو. (٢)

هڪ دفعي حضرت سلطان الاوليا قدس سره العزيز جن آسمان ڏانهن نگاهه ڪري ٽي دفعا لفظ "قحط الرجال، قحط الرجال، قحط الرجال"، فرمايو، ياران طريقت حاضر هئا، مگر پڇڻ جي طاقت ڪنهن کي نه ٿي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ان وقت ڪوٽ ويل هو. جڏهن اتان واپس لواري

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٢۴

(٢) مولوي عبدالقادر بوبڪائي: ارشاد الباري، (قلمي) ص - ٩٨

www.maktabah.org

شريف آيو تہ فقيرن گرهوڙي صاحب کي مذڪوره احوال ٻڌايو. شيخ صاحب فرمايو تہ: "سچ چيو اٿن تہ ڪو بہ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ اهڙو ماڻهو ڪونهي جو سندن صحبت جي لائق هجي، يا سندن استداد ڪماليت فيض موجب هجي، جنهن تي پنهنجي ڪماليت جو فيض ان تي عطا ڪن ۽ هو سهي سگهي، باقي پنهنجي استداد موجب تہ اسين سيئي سندس مريد ۽ صحبتي فيض لهندڙ آهيون" وڌيڪ فرمايائون تہ جنهن شخص هڪ ڀيرو حضرت سلطان الاوليا قدس سره العزيز کان توجهہ يا ذڪر ورتو سو گهٽا مرتبا سنڌ جي ٻين شيخن کان افضل ۽ ڪامل آهي. (١)

هڪڙي رات، لواري شريف ۾ مريدن پاڻ ۾ مجلس پئي ڪئي. جڏهن اڌ رات جو گذريو تہ هنن حسين بن منصور حلاج جي بابت گفتگو شروع ڪيو. جڏهن قتل جي احوال تي آيا تہ حضرت سلطان الاوليا قدس سره العزيز جن انهن وٽ آيا. سندن اها گفتگو ٻڌي فرمايائون تہ: "اهو منصور ئي هو، جنهن پاڻ کي ڦاسي تي چاڙهايو. اسان پنهنجن مريدن کي اهڙين ڦاسي جي حوالي ڪونہ ڪرائينداسين." سندن اهو چوڻ، شيخ گرهوڙي صاحب سان عالمن جي مناظري وقت بلڪل صحيح ثابت ٿيو. (٢)

خدا آباد ۾ مناظرو (٣)

حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره، سر زمين سنڌ جو سدا ملوڪ عارف، شريعت جو ايڏو باڪمال عالم جو پنهنجي وقت ۾ سندس ڪو مٽ ۽ مثال نہ هو. عام رواجي فقه جي ڪتابن تي اعتماد ئي نہ رکندو هو. هميشه پنهنجي فهم فراست ۽ اجتهاد موافق فقه تي عمل ڪندو هو. انهيءَ ڪري وقت جي ظاهر پرست عالمن سندس تبديع ۾ فتوائون لکيون ۽ اتفاق

(١) مولوي عبدالقادر بوبڪائي: ارشاد الباري، (قلمي) ص - ١٠١

(٢) ميرنظر علي ٽالپر: آئينہ اوليا، ص - ٦٢

(٣) خدا آباد (نئون) هالا نوان کان ڪوهہ پنڌ تي ميان سرفراز خان ڪلهوڙي سن ١١٨٦ هہ مطابق ١٧٧٢ع ۾ ٻڌايو ۽ سن ١٨٨٨ع تائين سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. خدا آباد دادو ضلعي وارو سن ١٧٥٩ع ۾ ميان مراد يار خان جي دور ۾ ويران ٿي ويو.

(حوالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي لغت جلد ٽيون ص - ١١٣٢)

www.maktabah.org

ڪيائون تہ ڪيس تعذير ڏيون. ڇو تہ هو بي شرع ڳالهيون ٿو ڪري. سنڌس ڪيترائي اجتهادي فيصلا مشهور آهن ۽ ڪافي حد تائين مناظرن ۽ مباحثن جو ذڪر پڻ ملي ٿو. خصوصن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (۱۱۰۳هہ - ۱۱۷۴هہ) سان پڻ سنڌس ڪيترائي مناظرا ٿيا هئا، ۽ ان جي ڪيترن ئي فيصلن تي رد ڪد ڪندو هو.

سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز خان ڪلهوڙو جي دور ۾ سن ۱۱۸۷هہ مطابق ۱۷۷۳ع ڏاري مناظري لاءِ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي کي دارالسلطنت خداآباد گهرايو ويو.

گرهوڙي صاحب وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، پر اول ڇوائي موڪليائين تہ هڪ عالم جو سيد آل رسول هجي، تنهن کي امين مقرر ڪيو وڃي. ۽ هرهڪ سان جدا مباحثو نہ ڪيو ويندو، بلڪ پاڻ مان هڪ عالم چونڊين، جو مون سان گفتگو ڪري، ۽ ٻيا ان جا مددگار ٿين جو ڪيس ڪتابن مان حوالا ۽ عبارتون وغيره ڪڍي ڏين. عالمن اهو شرط قبول ڪيو ۽ سيد جمال شاه جيلاني گهوٽڪيءَ واري کي منصف ڪري چونڊيائون. جيڪو ميان سرفراز وٽ خاص ملازم هو. مناظري ۾ علمائن جو تعداد ۲۳۰ هو. (۱)

هن مناظري ۾ علمائن جو سرڪردو مخدوم عبداللطيف ٺٽوي بن محمد هاشم ٺٽوي (۱۱۴۳هہ - ۱۱۸۹هہ) هو. جيڪو ان دور ۾ قضا جي عهدي تي فائض هو. حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب جڏهن خداآباد شهر کي ويجهو پهتو. تڏهن پنهنجي رفيقن کي هن آيت موجب "لاتدخلوامن باب واحد، وادخلو من ابواب متفرقه" (يعني هڪ دروازي کان داخل نہ ٿيو پر مختلف دروازن کان داخل ٿيو.) امر ڪيائين تہ جداجدا ٿي مناظره لاءِ مقرر ٿيل جامع مسجد ۾ داخل ٿين ۽ پاڻ تنها رواجي لباس ۾ اچي وارد ٿيو. اهو رمضان شريف جو مهينو هو. ۽ سخت اڃ لڳي هيس، مسجد ۾ گهڙڻ شرط پاڻيءَ جي گهر ڪيائين. علماء ڪيس منع ڪئي. چيائين تہ: "آءٌ مسافر آهيان." عالمن چيو تہ: "پوءِ بہ منع ڪرڻ بهتر آهي." تنهن تي گرهوڙي صاحب هي قرآن پاڪ جي آيت پڙهي: "ومن ڪان مريضا اوعلي سفر، فعدة من ايام اخر." (يعني، اوهان مان جيڪو بيمار هجي يا مسافر هجي، ان لاءِ روزن لاءِ ٻيا ڏينهن مقرر آهن.) ۽ هي حديث مبارڪ پڻ پڙهيائون: الصائم في السفر ڪالمفطر في الحضر" (يعني، روزائت سفر ۾ ائين آهي جيئن روزو ڇوڙيندڙ پنهنجي شهر ۾.) سنڌس

(۱) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ۱۸

www.maktabah.org

خادمن مان هڪ اٿي پاڻي ڏنو، پاڻ پاڻي پيتائون. اتي عالمن ڪين سڃاتو تہ: "اهوئي شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رح آهي." منصف کي چيائون تہ: "رمضان شريف جي مهيني ۾ پاڻي پيئڻ سراسر بدعت آهي." گرهوڙي صاحب منصف کي چيو تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ هڪ سفر (جنگ) ۾ سيني اٺن تي سوار ٿيل اصحابن کي گڏ ڪري علي الا علان پاڻي پيتو هو. ۽ رمضان ۾ روزو کوليو هو. سابہ بدعت آهي؟" ايتري ۾ گرهوڙي صاحب جي تشريف آوريءَ جو ٻڌي، شهر جا اڪابر ۽ فاضل، دربار جا امير ۽ مشير ۽ پڻ عام ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ اچي جمع ٿيا.

گرهوڙي صاحب مناظري ڪان اڳ ۾ قرآن شريف هٿ ۾ ڪٺي پٽ تي ويهي رهيو. تڏهن سڀ مجلسي اٿي بيهي رهيا. عالمن ۽ عام ماڻهن اعتراض ورتو تہ پهرين الزام تہ اهو آهي، جو قرآن پاڪ کي پٽ تي رکيو ويو آهي. انهيءَ جي جواب ۾ گرهوڙي صاحب فرمايو تہ: قرآن ڪريم حضرت رسول ڪريم ﷺ تي نازل ٿيو، ۽ پاڻ سڳورا پٽ تي هئا، ۽ آخر زمين ۾ داخل ٿيا. پوءِ ڪهڙو گناهہ ٿيو، جو قرآن مجيد پٽتي رکيو ويو. انهيءَ جواب تي مولين پنهنجو اعتراض واپس ورتو. ڪيس عرض ڪيو ويو تہ مٿي ڪرسي تي ويهو. تنهن تي پاڻ ٽپ ڏيئي ڪتابن جي ڍير تي چڙهي ويٺا. (جيڪي عالمن جي وچ ۾ تفسير، حديث ۽ فقه جا ڪتاب رکيا هئا.) انهيءَ فعل تي گهڻو گوڙ ٿيو. جنهن جي جواب ۾ گرهوڙي صاحب چيو تہ مان بہ هڪ ڪتاب آهيان (ڇاڪاڻ تہ ڪيس سيئي ڪتاب بر زبان ياد هئا) پوءِ جيڪڏهن هڪ ڪتاب ٻين ڪتابن تي رکيو ويو تہ ڪهڙو قصور؟.

مباحثو ٻپهريءَ کان ٽيهريءَ تائين هليو علماء ڪرام ڪتاب کولي سوال پئي پڇيا ۽ گرهوڙي صاحب انهن جا شڪ، شبها ۽ اعتراض قرآن پاڪ ۽ حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ پئي رد ڪيا. ۽ وري وري امين کي چوندو رهيو تہ منصف صاحب انصاف ڪر تہ مان دليل قرآن ۽ حديث موجب ڏيان ٿو. ۽ صحابہ ڪرام جي اجماع ۽ مجتهدن جي قياس موجب، ۽ ڪنهن بہ جهڙي تهڙي فقه جي قول کي شمار ۾ نہ ٿو آڻيان، ۽ انهن سان منهنجو واسطو ڪونہ آهي. انهيءَ ردو بدل بعد فيصلو ڪيو ويو تہ هڪ هڪ تي ڳالهائي، ۽ جيڪو وچ ۾ ڳالهائيندو، تنهنجو رت ڪڍيو ويندو، ۽ ٻيو شرط هي وڌائين تہ مون سان اهو عالم بحث ڪري، جيڪو مرشد وارو هجي. انهيءَ شرط ٻڌڻ تي

www.maktabah.org

مجلس جي امين سيد جمال شاهه جيلاني يڪدم عرض ڪيو ته قبلا! مون ڪي مرشد ناهي. مون کي ارشاد جي نوازش ٿئي. انهيءَ دوران خاموشيءَ واري معاهدي جي پيڪڙي ڪندي هڪ طالب علم محمد ابراهيم (١١٦٢ هه - ١٢٢٥هه) (جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو پوٽو هو) (١) تنهن چيو ته " مخدوم محمد هاشم هيئن لکيو آهي." جنهن تي گرهوڙي صاحب هڪ مس جي ڪپڙي هن کي پر ڪري هٽي ڪئي. انهيءَ طالب العلم جي پيشانيءَ مان رت وهڻ لڳو، ۽ ڪيس چيائين ته "مخدوم محمد هاشم جا سڪايل وڻ اجا ساوائي نه ٿيا آهن، ۽ تون پيو هاشم هاشم ڪرين. جيڪڏهن ٻيو دليل ڪونه اٿئي ته چوٿين در جي جو دليل (قياس) آڻ نه ته بيهودو نه ڳالهاءِ". انهيءَ سندس فعل تي ڏاڍا اعتراض ٿيا، مگر مقرر ڪيل شرطن موجب گرهوڙي صاحب کي ڪجهه ڪري نٿي سگهيا.

القصه، علماءِ جواب ڏيڻ کان عاجز ٿيا ۽ سيد جمال شاهه فيصلو ڏنو ته "گرهوڙيءَ ۾ بدعت ڪتان آئي، هي ته خود قرآن ۽ حديث جو نور آهي ۽ ان تي عمل ڪندڙ آهي."

اهڙي طرح مولوين جي مناظري جي ڪيڏي نتي پئي، سيد جمال شاهه تمام گهڻو زور ڀريو ته مون کي پنهنجو مريد ڪيو. تنهن تي پاڻ کيس گهڻو سمجهايائون ته: "هن وقت ارشاد توهان لاءِ چڱو نه ٿيندو. جو مون تي جلالت جو جوش آهي ۽ ان جي سختي اوهان جي سهڻ کان پري آهي. بهتر آهي ته مڪان تي اچو ته ارشاد به ڏجي ۽ ان کي جهلڻ لاءِ ٿانءُ به ڏيانو. ٻي صورت ۾ جلي مري ويندا." مگر سيد جمال شاهه نه مڙيو ۽ کين ارشاد ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيائون. تنهن تي گرهوڙي صاحب چيس ته هڪدم پنهنجي ڳوٺ هليا وڃو. جيئن پنهنجي وڏن جي قبرستان کي پهچي سگهين." شاهه صاحب انهيءَ دم روانو ٿيو، ۽ گهوٽڪي جي ٻاهران هڪ فرسنگ (٣ ميل) پنڌ تي وفات ڪيائون. سندس ساٿي جنازو کڻي سندس وڏن جي مقام ۾ آيا، ۽ اتي دفن ڪيائونس. (٢)

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٢٠

(٢) هن مناظري جو تفصيل، ڪلام گرهوڙي، آئينه اولياءَ ۽ تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون تان ورتل آهي.

www.maktabah.org

جماعت لواري شريف تي گرهوڙي صاحب جا ٽي ٽورا

چون ٿا تہ هڪ رات گرهوڙي صاحب خواب ڏٺو تہ، حضرت رسول ڪريم ﷺ جن تشريف فرما ٿيا آهن. ۽ کيس فرمايو اٿن تہ: "هڪدم لواري شريف هليو وڃ. جو خاندان ۾ رولي پوڻ جو امڪان آهي، انهيءَ کي وڃي بند ڪر." انهيءَ فرمودي موجب پاڻ يڪدم لواري شريف پهتو. ۽ ڇا ڏسي تہ حضرت سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان قدس الله سره العزيز جن هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪرڻ وارا آهن. (١) حضرت خواجہ صاحب جي وصال وقت سندس فرزند ارجمند حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد قدس سره جي عمر مبارڪ فقط 11 ورهيہ هئي. سندس رشتيدار سليمان (٢) جي سازش تي ڪن وڏن مريدن سجاده نشينيءَ تي اعتراض اٿاريو. خواجہ گل محمد قدس سره لاءِ چوڻ لڳا تہ، هو اڃا ٻار آهي، سو مريدن جي ڪهڙي تربيت ڪري سگهندو. ڇو تہ خلافت جو امر چاليهن سالن کان پوءِ ٿيندو آهي جنهن ڪري مريدن جي تربيت ڪين ڪري سگهندا. اڃا اڪثر مريد حضرت سلطان الاولياء جي ڪفن دفن ۾ مشغول هئا، تہ ميان سليمان مخالف ڌر جي مدد سان وڃي خانقاهہ ۾ مسند تي ويٺو، ۽ ماڻهن کان بيعت وٺڻ لڳو. اها خبر جڏهن شيخ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب کي پيئي، تڏهن يڪدم ڏوڪيندو خانقاهہ ۾ آيو ۽ گوڏا ڀڃي ميان سليمان ڏي نوڙڻ لڳو. ميان سليمان سمجهيو تہ شيخ گرهوڙي بہ شايد سندس بيعت ڪرڻ آيو آهي پر شيخ صاحب بہ نڪا ڪئي هر، نڪا تر، تنگ کان گهيلي ٻاهر ڪڍيائينس، ۽ پاڻ صاحبزادي سان بيعت

(١) حضرت سلطان اولياء جن جو وصال مبارڪ ڇنڇر جي ڏينهن ۴ ذوالقعد ١١٨٨ هہ (6 جنوري 1775ع) ۾ ٿيو.

(٢) حاجي عبداللطيف "ڏيرڏٺي" هڪ اڳ ڄاول نياڻي نهڙيہ قوم جي ٻيبيءَ مان پالي هئي جنهنجو نالو حليمہ هو. اها حضرت خواجہ محمد زمان ڪلان جي عيوض ارباب ولي محمد نهڙيئي کي ڏني ويئي. انهيءَ مان ميان سليمان ۽ ميان ٻلاول پيدا ٿيا. (حوالہ: مير نور علي شاهہ ۽ مير محمد شجاع: حاشيہ لطيفة التحقيق، ص- ٣٦ - ٥٠)

ڪري ڪيس هنج ۾ وهاري مسند تي چڙهي تلوار ڪڍي ويهي رهيو. (١) ۽ سيني خليفن مريدن ۽ خادمن کي اعلان ڪيائين تہ اچي بيعت ڪريو. تنهن تي حضرت سلطان الاولياء جي خاص خليفن شيخ حاجي ابوطالب اڳهمي، حاجي طاهر ۽ حافظ هدايت الله بيعت مڃي. (٢) ۽ پوءِ سيني حاضرين سندن هٿ ورتو ۽ شيخ صاحب ٻين فقيرن کي فرمايو تہ غرض معنيٰ سان آهي ۽ نہ ظاهر سان. پوءِ ٻہ ماڻهن جي تسليءَ خاطر ٻہ عقيدتمند ماڻهو صاحبزادي جي خدمت ۾ موڪليائون. جڏهن صاحبزادو انهن ڏانهن متوجهہ ٿيو تہ يڪدم انهن جي مٿان وڏي ڪيفيت وارد ٿي ۽ سڀ لطيفا ڪلي پيئي. هن حقيقت مان سڀ دوست خوش ٿيا.

حضرت خواجہ عبدالاحد سرهندي قدس سره چڱو چيو آهي:

وحدت اين دار محال است ڪہ خالي ماند،

گريڪي رفت چو منصور دگرمي جو شد.

يعني: مشڪل آهي جو هن گهر جو مالڪ هڪ هجي جو اهو مالڪ کان خالي رهي. جيڪڏهن هڪڙو ويو تہ ٻيو منصور مثل جوش ڏيکاريندو. (٣)

فقط ٻہ ڇٽا پوءِ تي پرڪيا، ۽ بيعت نہ ڪيائون انهن مان هڪ ظاهري عالم هو. جنهن کي شيخ عبدالرحيم صاحب مناظرو ڪري ميڄايو. ۽ قرآن شريف جي هي آيت پڙهي: "و آتيناه الحکم صبيا". (يعني: اسان حضرت يحيٰ عہ کي دانائي بخشي جڏهن اهو اڃا ٻار هو.) ڪيس شڪن ۽ شبهن جي گرداب مان ڪڍي، اقرار ۽ ايمان جي ساحل تي آندو. ٻيو شخص ڪمال عصار (چاڪي) هو. جو پنهنجي گمراهيءَ تي قائم رهيو. (٣)

گرهوڙي صاحب وڏيڪ صاحبزادي لاءِ فرمايو تہ، جيڪڏهن يتيم هوندو تہ جلدي مفلس ٿي ويندو. نہ تہ هي خزانو خدائي آهي. جنهن جون ڪنجيون هاڻ سندس حوالي ڪيون ويون آهن. (٥)

(١) هفتيوار پيغام ڪل ١٣، جلد ٻيو سال ١٩٣٠

(٢) ڊاڪٽر گربخشاڻي: لواري جا لعل، ص - ١٢٩

(٣) مير بلوچ خان ٽالپر: "فردوس العارفين" (قلمي) ١٢٠١هہ - ص ٢٣٨

(٣) ڊڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٢٢

(٥) مير نظر علي ٽالپر: آئينہ اولياء، ص - ٢٨

www.maktabah.org

ٻيو ڏورو: حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي تدفين بابت ٿيو. ڪن ماڻهن پنهنجي ڪم فهميءَ سبب حجره شريف ۾ مزار مبارڪ ٺاهڻ کان منع ڪئي. جامع علوم، قاطع الرسم، واقف الحائق، شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره ۽ ٻين مريدن حجري شريف ۾ مقبري ٺاهڻ لاءِ زور ڏنو. ۽ گرهوڙي صاحب فرمايو ته: ”هر نبي کي سندس رحلت واري جاءِ تي دفن ڪيو ويو آهي. خاص طور تي حضرت خاتم الانبياء سيدالمرسلين محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي، تنهن ڪري حضرت سلطان الاولياء قدس سره العزيز کي پڻ سندس وصال واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي. طالبن جو اجتماع پڻ برقرار رهندو. (١) آخر ڪار حجري شريف جي وچ ۾ مسند جي جاءِ جي اڳيان انهيءَ گنج همايون (برڪت ڀرئي خزاني) کي دفن ڪيو ويو. (٢)

ٽيون ڏورو: حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي ساليانے عرس شريف تي ميلو لڳڻ نه ڏنو. جهڙيءَ ريت ٻين درگاهن تي ساليانے عرس شريف تي ميلا ٿيندا آهن ۽ جن ۾ غير شرعي ڪم به ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري ساليانے ميلي جو رواج نه پيو. صرف شريعت ۽ طريقت جي مطابق ساليانے عرس جون تقريبات ملهايون وينديون آهن. مذڪوره ٽئي ڪم قابل تحسين آهن. (٣)

خواجه گل محمد (ق - س) جي ملازمت ۾ رهڻ

حضرت خواجه گل محمد محبوب الصمد قدس سره جي بيعت بعد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب سڄا ٻارنهن مهينا سندس ملازمت ۾ رهيو. پوءِ اجازت وٺي پنهنجي ڳوٺ گرهوڙ ۾ اچي رهڻ لڳو. سوين ماڻهو سندس مريد ٿيا. گرهوڙي صاحب فرمائيندو هو ته حضرت خواجه گل محمد قدس سره العزيز جن ۾ به اهڙيون خصلتون آهن جي ٻئي ڪنهن شيخ ۾ ڪونهن،

(١) مير نظر علي ٽالپر: آئينه اولياء، ص - ٢٨
(٢) مير بلوچ خان ٽالپر: ”فردوس العارفين“ (قلمي) ١٢٠١ هه، ص - ٢٤٠
(٣) صقال الضمائر: مترجم محمد آدم اسحاقاڻي (اردو) ١٩٨٨ع، ص ٣١٧

www.maktabah.org

هڪ تہ سندن ظاهري روش اهڙي آهي، جو ڪوبہ شخص متن شريعت مطابق اعتراض نٿو ڪري سگھي. ٻيو تہ ڪائنات ڪو بہ رنجيدو نٿو ٿئي. (۱) اڪثر گرهوڙي صاحب هن طرح پڻ فرمائيندو هو تہ، فرضن جو پاءِ بند قلندر خواجہ گل محمد جهڙو ۽ سخي ملان مون جهڙو نڪو آهي ۽ نڪي وري ٿيندو." (۲)

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره حضرت خواجہ گل محمد قدس سره العزيز سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

گوهر گل محمد جا، دليءَ دماما،

اللهم صل عليٰ محمد، آيا اماما. (۳)

گرهوڙي صاحب جن ڪمال محبت جي سبب مثنويءَ جي نموني "رسالہ گل نما" لکيو آهي، جنهن ۾ حضرت جن جي مدح ۽ تعريف ۾ فرمايو آهي تہ:

گل محمد دل منازلها تمام،

غير بلبل اينچہ داند خاص و عام.

(گل محمد (قدس سره) جو سيني منزلن جي دل آهي، تنهن کي بلبل کان سواءِ ٻيا عام ۽ خاص ڇا ڄاڻن.)

دست شرڪ ڪئي رسد گل پاڪ را،

خاڪ را اي نور ايمان ! خاڪ را.

(مشرڪ جو هٿ پاڪ گل کي ڪئين رسي؟ اي ايمان جا نور! (ان جو هٿ) خاڪ کي ۽ خاڪ کي پهچندو)

خاڪ مسجود ست بهر بوئي گل،

جز خراباتي بنا شد جائي مل.

(گل جي بوءِ واسطي مٽي مسجود ٿي آهي، جو شراب جي جاءِ سواءِ شراب خانہ جي ٻئي هنڌ نہ هجي.)

عارف آن باشند گل شناس،

گل بہ بيند جملئہ بيند بيقياس

(عارف اهو آهي جو گل جو سڃاڻو هجي. گل ڏسي ٿو ۽ سڀ

(۱) مير نظر علي خان ٽالپر: آئينہ اولياءِ، ص - ۲۹

(۲) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص - ۱۱۸

(۳) ڊاڪٽر دائود پوٽو: "ڪلام گرهوڙي" ص - ۲۲۷

www.maktabah.org

بيشمار پسي ٿو.) (١)

ميرن کي صاحبي وٺي ڏيڻ

گرهوڙي صاحب جي زماني ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو زوال اچي رهيو هو. ميان سرفراز ڪلهوڙي کن شريرن جي چوڻ تي، ميربهرام خان ۽ سندس نندي پٽ صوبدار خان ٽالپر کي گهرائي مارائي ڇڏيو. ان وقت بهرام خان جو وڏو پٽ مير بجار خان حج تي ويل هو. تڏهين انهيءَ حادثي جي خبر مير بجار خان کي حرمين شريفين موڪلي وئي. مير بجار خان کي ان حقيقت ڪري سخت اندوهه ۽ ارمان ٿيو، دل ۾ انهيءَ درد جي دانهن ڪٺي مديني جي مير حضرت رسول ڪريم ﷺ جي روضي پاڪ اڳيان روچ راڙو ڪيائين. سندس آهه ۽ زاريءَ هٽي هنڌ ڪيو.(٢) رات جو خواب ۾ مديني ڌڻي فرمايس ته: ”اسان سنڌ جي واڳ درگاهه لواري شريف جي حوالي رکي آهي. ڪنهن کي به ڏئي، اوڏانهن وڃ.“

القصه مير بجار خان ٽالپر حرمين شريفين کان انهيءَ ارشاد ملڻ ڪري واپس سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. سامونڊي رستي کان غراب ۾ سوار ٿي ڪڇ پڄ رياست جي جڪائو بندر تي اچي لٿو ۽ اتان ڪڇ جو رڻ ۽ رحمڪي بازار جي رستي کان سڌو لواري شريف ۾ سن ١١٨٩ هه مطابق ١٧٧٥ع ۾ پهتو. ان وقت درگاهه لواري شريف ۾ صاحب مسند وارشاد خواجه گل محمد (قدس سره) هو. ان وٽ شرف قدم بوسي جو حاصل ڪري عرض ڪيائين ته ڪلهوڙن جي حڪومت اسان سان ظلم ڪيو آهي.آءٌ داد خواهي لاءِ حضرت رسول مقبول ﷺ جي ارشاد مبارڪ سان اوهان جي حضور ۾ آيو آهيان. تنهن تي خواجه صاحب جن فرمايس ته انهيءَ فيصلي لاءِ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي کي مقرر ڪيو ويو آهي. وڃي سندس دامن جهل ته ماڳهين سنڌ ئي اوهان کي وٺي ڏئي. (٣) انهيءَ امر تي مير بجار خان ٽالپر اچي گرهوڙي صاحب وٽ حاضر ٿيو ۽ دامن جهلي عرض ڪرڻ تي هو ته گرهوڙي صاحب يڪدم فرمايس ته:

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ”ڪلام گرهوڙي“ ص - ٢٢٨
(٢) مير بلوچ خان ٽالپر: فردوس العارفين (قلمي) ص - ٢٤٩
(٣) هفتيوار پيغام ڪل ١٧، جلد ڇهون، سال ١٩٣٠ع

www.maktabah.org

" ڪاٿا متان مديني جو تو نشان ڏين."

تڏهن مير صاحب چيو تہ: "قبلا ! هائو." تنهن تي مير صاحب کي چيائون تہ:

بحر ڪاٿا، وچي وڃهينس گهاٽا،
نہ چٽندس توبون، نہ ليندس ناٿا.

وڏيڪ گرهوڙي صاحب فرمايس تہ اسين تنهنجو هيئنر ئي ٿا فيصلو ڪريون.

"اسين ٿا ڪريون ڪهڙ ۽ تون وڃي ڏي باهہ"

مير صاحب کي اعتبار نہ آيو، تڏهن پاڻ فرمايائونس تہ:

"تون آهين ڏاتو، ۽ هو (يعني ڪلهوڙا) آهن گاهہ، وڃي لٽين."

تڏهن بہ مير صاحب نہ مڃيو، ۽ عرض ڪيائين تہ "قبلا ! آءٌ اڪيلو ڪونہ ويندس، مهرباني فرمائي مون سان گڏجي هلو. (۱)

ان وقت سنڌ جو حاڪم ميان غلام نبي ڪلهوڙو (۲) هو. جيڪو هڪ فرقہ ميانوالي طريقہ جو هو. درگاهہ لواري شريف جي ڪمن ۾ دست اندازي ڪندو هو. انهيءَ ميان غلام نبي خان کي هڪ خط گرهوڙي هدايت ۽ ڌمڪيءَ جو لکيو هو، تہ خدا وارن سان ڪئونس ڪرڻ پنهنجي پاڙ کي اکيڙڻ آهي. وغيره. (۳)

ان سبب ڪري گرهوڙي صاحب ڪلهوڙن حاڪمن کان ناراض هو. تنهن ڪري ميربجار خان کي چيائين تہ اوهان جي سوڀ هن شرط تي آهي: "ديندارن جي پر گهور ۽ بيدينن جي پائمالي." (۴) انهيءَ شرط موجب حڪومت هلائيندا رهندا تہ: "اوهان ٽالپرن جي ميري منهنجي پيري قيامت تائين هلي ايندي. پر افسوس جو ميرن انهيءَ شرط جي پرواهہ ڪانہ ڪئي، جنهن جو نتيجو آخر اهو نڪتو، جو سٺ ورهن اندر ئي سندن حڪومت ختم ٿي ويئي. (۵)

(۱) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ۳۱
(۲) مهر ڪا چيلوي: " ڪلهوڙا شڪست ڪان پوءِ" اردو ص ۳۳
(۳) هفتيوار پيغام ڪل ۱۷، جلد ٻيو، سال ۱۹۴۰
(۴) پروفيسر علي نواز جتوئي: شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام: ص ۱۰
(۵) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ۳۴

www.maktabah.org

انهيءَ گفتگوءَ دوران ٻہ ماڻهو مير بجار خان کي ڪن ۾ ڪي مخفي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا. حضرت شيخ گرهوڙي صاحب مير صاحب کي مخاطب ٿي فرمايو تہ: "هي لشڪر تنهنجي عيال وانگر آهي، جي پنهنجا سر تنهنجي لاءِ قربان ڪرڻ لاءِ راضي ٿي آيا آهن. انهن کان راز لڪائڻ منافقي آهي." مير صاحب، حضرت شيخ کي ماڻهن کان ٿورو پر پور ڪري عرض ڪيو تہ: "اهي ٻہ شخص اسان جا جاسوس آهن. جيڪي هيئنر، مخالفن جي لشڪر مان ٿي آيا آهن. ٻڌائن ٿا تہ دشمن جو لشڪر پنجاهہ هزار آهي، جنهن جو سپہ سالار هڪ سرڪش ۽ ظالم شخص پيروز پتافي نالي آهي. انهن جي ڳالهہ، انهيءَ ڪري مخفي رکيم، جو اسان جو لشڪر فقط چار هزار آهي سو مون خيال ڪيو تہ متان اسان جي لشڪر وارا خوفزده نہ ٿي وڃن." بزرگ گرهوڙي صاحب فرمايو تہ: " جيڪڏهن مخالف پنجاهہ لک بہ هوندا، تہ بہ فتح اوهان جي آهي." پوءِ شيخ صاحب ڊڪي وڃي هڪ بلوچ سپاهي جي ڏاڙهي پڪڙي مير صاحب کي چيائين تہ: "هي وٺ ! پيروز پتافي جي ڏاڙهي آهي." فقير عبدالرحيم صاحب تيستائين ڏاڙهي مان هٿ نہ ڪڍيو. جيستائين خود مير صاحب پنهنجي هٿ سان ان کي نہ اچي پڪڙيو.

گرهوڙي صاحب لشڪر سان ڪوهہ (٣ ميل) گڏجي پنڌ ڪيائون. هڪ لڪڙي ۾ جهنڊو ٻڌي مير بجار کي هٿ ۾ ڏنو تہ: "هي اسلام جو جهنڊو آهي." مير صاحب عرض ڪيو تہ "قبلا ! لشڪر لاءِ دعا ڪريو." فرمايائين تہ آءٌ لشڪر جو دعاگو آهيان، هاڻي توهان اڳتي وڃو." پوءِ گرهوڙي صاحب لڙائي جي ميدان کان هڪ طرف هٽي پاسي تي ٿي ويٺا. جتان مقابلي کي پي ڏٺائون ڪجهہ وقت کان پوءِ اٿيا ۽ پنهنجي خلوت واري جاءِ کي هٿن سان ٻهاري ڏني، با ادب مراقبہ ۾ ويهي رهيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ اٿي فرمايائون تہ "ٻئي امام سڳورا (سيدنا حسن رضہ ۽ سيدنا حسين رضہ) منهنجي سڏ تي آيا هئا ۽ هينئر سوڀ جي مبارڪ ڏئي ويا آهن." آخر سنت ٿي ميربجار جو قاصد گرهوڙي صاحب وٽ پهتو، جنهن فتح جي خوشخبري ڏني ۽ اهو پڻ ٻڌايائين تہ پيروز پتافي کي انهيءَ شخص قتل ڪيو. جنهن کي گرهوڙي صاحب ڏاڙهي کان جهليو هو. تنهن ئي پيروز پتافي جو سرڌڙ کان ڌار ڪري آڻي مير بجار خان جي حوالي ڪيو. (١) هن ڪاميابي تي گرهوڙي صاحب، الله

(١) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص - ١٣٥

www.maktabah.org

تعاليٰ جا شڪرانہ بجا آندا ۽ هن فتح کي اسلام جي فتح ڪوٺيائين. هي جنگ لانياري (١) سن ١١٩٠ هہ (١٧٧٦ع) ۾ لڳي هئي. ياد رهي تہ ٽالپر اصل ۾ ڪلهوڙن جا مريد هئا. ۽ ميربهرام خان ۽مير صوبدار خان کي قتل ڪرائيندڙ مري چڪا هئا. تنهن ڪري باوجود ايڏن ظلمن جي، ميربجار خان ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي، مسند تي وهاريو. ۽ پاڻ سندس وزير ٿيو ۽ ملڪ جو سمورو ڪاروبار سندس هٿ ۾ رهيو. (٢)

هڪ دفعي مير فتح علي خان جو ننڍو پٽ ميرالهيار خان (ٽنڊہ الهيار جو باني) جي دربار لڳل هئي. گرهوڙي صاحب، انهيءَ جڳهہ کان اچي لنگهيو جتي مير صاحب تخت تي ويٺو هو. چؤ طرف خادمن جا انبوهہ لڳا پيا هئا. مير صاحب گرهوڙي صاحب کي ڏسي سندن استقبال لاءِ تخت کان لهي ہہ ٽي وکون اڳتي وڌيو. تخت جي چئني طرفن کان بي انداز سپاهي بيٺل هئا. جڏهن مير صاحب شيخ عبدالرحيم جي بلڪل ويجهو آيو. تہ گرهوڙي صاحب جن سخت چماٽ مير صاحب کي هڻي ڪڍي، جو مير صاحب جي پڳ اچي پٽ تي ڪري. سپاهي غصي ۾ اچي وچ ۾ پوڻ لڳا. مگر مير صاحب منع ڪئي. گرهوڙي صاحب انهن ٽي پيرن تي پوئتي موٽي روانو ٿيندي فرمايائون تہ "مير صاحب کي حڪومت جي هواءِ دماغ ۾ پرجي ويئي هئي سا ڪڍي ڇڏي مانس. هڪ ئي چماٽ سان هن کي دنيا کان آزاد ڪري ڇڏيم." انهيءَ کان پوءِ مير الهيار خان باقي عمر نيڪ ڪردار ۽ مجذوبن وانگر ٿي گذاري. (٣)

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن شيخ عبدالرحيم گروهڙي قدس سره پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ تڏو وڇايو پٽ تي ليٽيو پيو هو. اتر سنڌ جو بادشاهہ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. گرهوڙي صاحب جو هي حال ڏسي حيرت وچان دانهن نڪري ويس. بزرگ فرمايو تہ "مير صاحب ! هيءَ دنيا رڳو هڪ لنگهہ آهي، هتان جي لاءِ هي تڏو ڪافي آهي، جتي هميشہ رهڻو آهي، اتان جي لاءِ، خدا جو شڪر آهي، ڪجهہ چڱو بندوبست ڪيو اٿم (٣)

(١) لانياري تعلقہ شهداد پور ۾ هڪ ڳوٺ آهي. موجوده جهول شهر کان ٢ ميل ڏکڻ ۾ ديهہ بجر ۾ هڪ ڪچي قلعہ جا نشان آهن. انهيءَ ديهہ کي "تارو" پڻ چون ٿا.

(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٢

(٣) مير نظر علي خان ٽالپر: آئينہ اولياء. ص - ٦٥

(٣) پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن. جلد پهيو، ص - ٩٨

www.maktabah.org

همعصر بزرگن سان ملاقاتون

١- حضرت شيخ سڏاتوره قدس سره. (١) حضرت سلطان الاولياء جي خاص خليفن مان هو. حضرت جن جي وصال کان پوءِ ڪجهه وقت سيلاني ٿي رهيو. سفر تان موٽڻ بعد شيخ سڏاتوره، گرهوڙي صاحب وٽ اچي ترسيو. سندس اچڻ تي گرهوڙي صاحب گهڻي خاطرداري ڪئي ۽ چيائين ته: "اڄ رات حضرت رسول مقبول ﷺ جن شيخ سڏاتوره جي سفارش ڪئي آهي."

شيخ سڏاتوره قدس سره فرمائيندو هو ته: "گرهوڙي رحمة الله عليه مون کي چيو هو ته سندس جهڙي جذبي واري ڪيفيت وري توتي به وارد ٿيڻ واري آهي. مگر گرهوڙي صاحب جوان مرد هو جو سهي سگهندو هو پر آءٌ بلڪل هيڊو ٿي ويو آهيان، جنهن ڪري اهو بار ڪٺي نٿو سگهان. پر آخر پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان ثاني قدس سره جي همت ۽ همراهي سان انهيءَ جذبي واري حالت مان ڪامياب ٿي نڪري آيو آهيان. (٢)

٢- حضرت شاهه برهان منصور ثاني قدس سره. (٣) گرهوڙي صاحب جو پير ڀائي ۽ وڏو صحبتي هوندو هو. هڪ دفعي گرهوڙي صاحب فرمايس ته: "تون آسمان ۽ زمين جي حقيقت کي گڏين ٿو. تنهنڪري ملان تو کي تعذير ڏيئي ڇڏاندا." شاهه برهان رح فرمايو ته: "مون کي تعذير قبول آهي." مخدوم گرهوڙي صاحب فرمايس ته: "جيستائين مان جيئرو آهيان، ته توکي ملان تعذير نه ڏئي سگهندا، پوءِ تنهنجي مرضي."

---

(١) حضرت خواجه سڏاتوره قدس سره سن ١٢٣٦هه مطابق ١٨٣٠ع ۾ وصال ڪيو. سندس مقبره شريف ٽنڊو جان محمد کان ٣ ميل اتر طرف خداداد ۾ مشهور زيارت گاهه آهي.(حواله: آئينه اولياء، ص - ١٠١)

(٢) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون، ص ١٣٩

(٣) درويش برهان شاهه ولد مياں يعقوب شاهه دل، ميرپور خاص کان ڏکڻ اولهه طرف ٥ ميل پري سنهڙو شاخ تي ديهه ڪاڪ ۾ سندس ئي آباد ڪيل ڳوٺ "برهان شاهه" ۾ سندس وڏي درگاهه آهي. شاهه برهان منصور ثاني کي ڪمال شاهه به سڏيندا هئا. سندس هزارن جي تعداد ۾ مريد هئا. حضرت سچل سرمست درازن وارو (جيڪو پير راشد جو هم مڪتب هو) ۽ حضرت پير محمد راشد ڪنگري واري بزرگن کي پڻ روحاني فيض ڏنو هئاين. شاهه برهان جا خليفا ته گهڻا هئا، پر انهن مان درويش سويو لغاري ۽ سيد تقي شاهه ڪنيڙي تعلقه ميرپور خاص وارو گهڻو مشهور هئا

www.maktabah.org

تحقيق ٿيو ته ائين ئي ته شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره جي شهادت کان پوءِ مير فتح علي خان ٽالپر جي دؤر ۾ 1197هه مطابق ١٧٨٣ع ڏاري ملن شاهه برهان منصور ثاني قدس سره کي تعذير ڏنو.

٣- حضرت شيخ ابراهيم ساند قدس سره، (١) گرهوڙي صاحب جو پير ڀائي ۽ صحبتي هو. مهاڏيوجي مڙهي تي چڙهائي دوران پڻ هي بزرگ گرهوڙي صاحب سان گڏ هو. جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، مشهور روايت آهي ته، جوڌپور جا هندو ٺڪر، جي پرپاسي ۾ وڏا ڌاڙا هڻندا هئا. اهي ٺڪر ڌاڙيل فقير ابراهيم رحمة الله عليه جو مال ڪاهي ويا. فقير صاحب واپس وٺڻ لاءِ ٺڪرن وٽ ويو. مگر ٺڪرن ڪيس مال ته واپس نه ڏنو، بلڪ هڪ ڪکن جي چونٽري ۾ بند ڪري ڪيس باهه ڏيڻ جا سانبا ڪرڻ لڳا. ماڻهو تماشو ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. فقير صاحب پريشاني جي عالم ۾ مراقبو ڪري، پنهنجي رب ڪريم کي پڪارڻ لڳو. خدا جي قدرت ته اجا باهه ڏئي مس بينا ته اوچتو انهن ٺڪرن جي سردار جو شهزادو گهوڙي تان ڪنڌ ڀر ڪري پيو ۽ اتي ئي دم ڏنائين ۽ ٺڪرن ۾ ماتم ٿي ويو. (٢) وري اوچتو ٺڪرن جي سردار جي زال کي اچي پيٽ ۾ سخت سور پيو هڪدم ٺڪر سردار کي خيال آيو ته چونٽري ۾ جنهن فقير کي بند ڪري ساڙيو پيو وڃي سو ڪو الله جو نيڪ ٻانهو آهي، هڪدم باهه کي وسائي، فقير کي ٻاهر ڪڍيو ويو. سڄي ماجرا سندس اڳيان پيش ڪري توبهه تائب ٿيا. فقير کي مال واپس ڪيائون. اهي ٺڪر سيئي سندس مريد ٿيا. فقير ابراهيم مال ڪاهي ڳوٺ آيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گرهوڙي صاحب سان ملڻ آيو. گرهوڙي صاحب ڪيس چيو ته: " تون ابراهيم خليل الله هئين جو توکي باهه نه ساڙيو؟" تنهن تي ابراهيم فقير جواب ڏنو ته: "جيڪڏهن مون کي باهه ساڙي ها ته پوءِ تون منهنجي مدد نه ڪرين ها؟" (٣) گرهوڙي صاحب فرمايو ته: "راجه جي پٽ جو ڪنڌ به مون گهوڙي

---

(١) حضرت خواجه ابراهيم ولد بيگ ساند رحه جو مقبرو ڳوٺ ڇهوٽڻ ڏونگر تعلقي ٻهاڙ مير رياست ۾ آهي. خواجه ابراهيم رحه حضرت سلطان الاولياء جي ملفوظات جو ڪتاب "مقولات تصوف" لکيو آهي جيڪو سنڌي ۽ اردو ۾ شايع ٿيو آهي.

(٢) هفتيوار پيغام ڪل ١٣، جلد ١٤يو سال ١٩٤٠ع

(٣) شيخ ابراهيم ساند: مقولات تصوف، ص - ٢١

www.maktabah.org

تان ڪيرائي ڇڳو هو، نه ته تون باهه ۾ سڙي وڃين ها." (١)

۴- رئيس ابوالحسن غازي خان ٽالپر، (٢) جو سندس پير ڀائي هو. سو شيخ عبدالرحيم وٽ زيارت لاءِ ويو. ڏنائين ته هڪ گودڙيءَ ۾ ويڙهيو تڏي تي ستو پيو آهي. ۽ ماٺهو سندس چوڌاري مراقبي ۾ ويٺا آهن. دل ۾ خيال آيس ته حضرت سلطان الاولياء قدس سره جو شان ڏٺوسين ۽ هي وري ڪهڙي حالت ۾ آهي قوم جي اڳواڻ کي قدري تجمل سان رهڻ گهرجي. گرهوڙي صاحب هڪدم مون ڏانهن نظر ڪري منهنجي دلي واردات جي جواب ۾ هي بيت فرمايو:

مکن عيب درويش مدهوش مست،

ڪه غرق ست زان مي زند پاء دست.

يعني: مدهوش ۽ مست درويش جو عيب نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هو غرق آهي ۽ انهيءَ ڪري هٿ پير هٽي رهيو آهي. (٣)

۵- حاجي شهمير خان ٽالپر، (۴) جو گرهوڙي صاحب جو پير ڀائي هو. سو سندس ديدار ۽ صحبت لاءِ لنگهي آيو. ڏٺائينس ته سخت ضعيف ٿي ويو هو. ۽ هڏن جي مٺ وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. حاجي شهمير خان چيس ته، چو پاڻ کي ايتريءَ محنت ۾ وڌو اٿو؟ شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جواب ۾ فرمايس ته: قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته:

" واذڪرو الله في ايام معدودات"

يعني: ۽ الله کي ياد ڪريو، ڪن مقرر ڏينهن ۾.

جنهن ڪري پاڻ لاءِ ان ۾ ئي مصلحت ڏٺي اٿم (۵)

٦- فقير ڪمال چاڪي، حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي مريدن مان هو. حضرت خواجه گل محمد قدس سره جي بيعت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو هو. جيڪو پوءِ وڃي مير بجار خان ٽالپر جو خاص ملازم

(١) هفتيوار پيغام ڪل ١۴، جلد ٻيو، سال ١٩۴٠

(٢)

(٣) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٢۵

(۴) حاجي شهمير ولد سليمان ٽالپر، اصل خانپور (ديهه مگٽي تعلقه سامارو) جو ويٺل هو.

(۵) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ص - ١۴١

www.maktabah.org

ٿيو هڪ دفعي مير صاحب جا ڪي نياپا ڪٺي شيخ عبدالرحيم گرهوڙي وٽ آيو هو. هٽ ملاڻ وقت گرهوڙي صاحب ان کي ڏاڙهيءَ کان جهلي زمين تي ڪيرايو ۽ خوب لتون هنيائينس، ۽ چيائينس ته، انهيءَ ڏينهن کان وٺي جڏهن تو اسان جي مرشد جي بيعت نه ڪئي هئي، منهنجي دل ۾ سخت غيرت ويٺل هئي. پير پائي هڻڻ کري گهڻي ئي ڪوشش ڪير ته اهو ڏمر دل تان لهي، پر پيو ڪو چارو نظر نه آيم. سواءِ انهيءَ جي ته توسان اها جٽ ڪريان ۽ توکي هلاڪيءَ کان بچايان. جيڪڏهن سچ سمجهين ته مون توسان وڏي ڀلائي ڪئي آهي."

ظهور خشم بزرگان تهي ز رحمت نيست،
غبار چهره گردون دليل باران است.

يعني؛ بزرگن جي ڪاوڙ رحمت کان خالي ناهي، آسمان جي چهري تي لٽ مينهن جو دليل آهي. (١)

٧- شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره سان ابن فقير دهلڙي وارو، صوفي صادق فقير سومرو (٢) ۽ راضي شاهه لڪياري جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هوندي هئي هڪ دفعي سڀ دوست گڏجي راضي شاهه لڪياريءَ واري ڳوٺ خانپور (تعلقه سامارو) ويا. جتي اڪثر شاهه صاحب ڪيس لسي ۽ ڪير پياريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته انهن درويشن کي اهو به نه ملندو هو. جنهن جو سبب اهو هوندو هو، جو وقت جا حاڪم مير صاحبان، سوئر پاليندا هئا ۽ شڪار جي شوق ۾ سيدن جي ننڍن پاڏن تي سوئر ڇڏيندا هئا. ۽ انهن کي ماري چڙهيندا هئا. نتيجي طور مينهون ويچاريون ڪير نه ڏينديون هيون ۽ غريب ماڻهو ڪير چڪي کان پيا سڪندا هئا. هن ظلم تي هڪ ڏينهن چارئي درويش ويچارڻ لڳا.

ابن فقير دهلڙي تي ڏک هٽي چيو،
"خانپور جا خان لڏي لهوارا ٿيا."

---

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو؛ ڪلام گرهوڙي، ص - ٢٢

(٢) صوفي صادق فقير سومرو ١١٧٠ هه (١٧٥٦ع) ڏاري ڳوٺ اهر (موجوده ڳوٺ صوفي تعلقه عمر ڪوٽ) ۾ پيدا ٿيو. فقير صاحب ميرانپور جي صوفي فضل الله شاهه قلندر جو مريد ٿيو. هن بزرگ سن ١٢٢٥ هه (١٨٣٩ع) ۾ وصال ڪيو. سندس ڪلام راڳنامون جي نالي سان ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو آهي.

www.maktabah.org

صوفي صادق فقير وراڻيو تہ: ” سائين حڪومت ڪيڏانهن ويندي“ بزرگ گرهوڙي صاحب فرمايو تہ:

”سائين حڪومت ڪٽي اوهان ٿي سنڀاليو.“

صوفي فقير جواب ڏنو تہ: ” نہ، اسان جا ڏاڏا پڻ انهيءَ حڪومت پٺيان وڙهي ڊانگا ٿيا هئا. اسان کي وڙهي مرڻو ڪونهي.“ (هي اشارو دودي چنيسر ڏانهن هو.) ٿوري دير صوفي صادق فقير ڪنڌ جهڪائي وري چيو تہ: يارو مون کي پورا پورا ماڻهو پيا نظر اچن، اهي ٿي اچي حڪومت سنڀاليندا“، سيني اچرج مان چيو تہ فقير اهو ڪيئن؟ وراڻيائين تہ:

حيدرآباد ۾ هل ٿيو، رت وهيو ٿي ريل،
ٻاروچاڻي ٻيل ٻڏي نہ ٻڏي جهڙي.

پورا اچي پيل ساري سنڌ صديق چئي،
درياءَ مٿان ريل، توپراچي ٽپاء تون. (١)

٨- درويش لقمان فقير ٽالپر ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي ۽ پڻ پير ڀائي بہ هئا. مخدوم صاحب کي هڪ دفعي سڪر جي حالت طاري ٿي تہ وٽس ڪيترائي طالب اچي گڏ ٿيا. هوڏانهن لقمان ٽالپر اچي گرهوڙ پهتو ۽ ملاقات لاءِ درخواست ڪيائين اجازت وٺڻ تي مخدوم صاحب چواريو تہ مان بيمار آهيان ٽي دفعا ساڳيو جواب ملڻ تي لقمان ٽالپر بنا اجازت جي اندر هليو ويو. ڏسي تہ مخدوم صاحب تہ چڱو ڀلو آهي. حيرت وچان عرض ڪيائين تہ، ”سائين توهان فرمايو هو تہ آءٌ بيمار آهيان.“ گرهوڙي صاحب فرمايو تہ، ”بيماري جي بهاني کان سواءِ دنيا دارن کان ڇوٽڪارو لهڻ مشڪل آهي.“ (٢)

٩- محمد عارف (محمد حسن) نظاماڻي ولد غلام محمد نظاماڻيءَ جو چوڻ آهي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وفات کان ڪجهہ پوءِ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي منهنجي مامي جي ڌيءَ سان نڪاح ڪيو پوءِ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ڏينهن اچي اسان جي ماڻئن ۾ لٿو گهڻا ماڻهو مٿي ۽ پيرن

(١) ماهوار نئي زندگي: نمبر ٣، جلد ٣٥، اپريل ١٩٩٢ع
(٢) ملفوظات پير محمد راشد رحہ: حصو ٻيو، ص - ٦٢ ۽ حصو ٽيون، ص - ٢٨

www.maktabah.org

اگھاڙا جوش ۽ خروش سان مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتا. آئون به ان مجلس ۾ اچي حاضر ٿيس ۽ سمورن مان مخدوم صاحب مون کي ڏاڍو پيار ڏنو. ايتري قدر جو مون کي به ٽي مهينا پاڻ سان گڏ رهايائين (١)

١٠- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه ۽ مخدوم گرهوڙي صاحب جو ذڪر ڪري آيا آهيون ته گرهوڙي صاحب ننڍپڻ ۾ ئي ڀٽائي صاحب سان ملاقاتيون ڪيو هيون.

روايت آهي ته هڪ دفعي سفر دوران ڪنهن ڳوٺ جي مسجد ۾ ٻئي بزرگ نماز ادا ڪرڻ لاءِ ويا. مسجد ۾ ماڻهن زور ڏنو ته بزرگ گرهوڙي صاحب عشاء جي نماز پڙهائي. مگر گرهوڙي صاحب شاهه صاحب کي مصلي تي بيهاريو. پٺيان عالمن جو هجوم به هو. ۽ گرهوڙي صاحب پڻ انهيءَ جماعت ۾ شاهه صاحب جي پٺيان بيٺو رهيو بزرگ نماز جي تڪبير هن طرح چئي:

مارئي نه چائي ! نه مارو پون ها مامري !!

الله اڪبر !! (٢)

پهرين رڪعت ۾ هڪ بيت پڙهي رڪوع ڪرڻ مهل، پنهنجو منهن اتر طرف ڦيريائون ۽ اهڙي طرح هر رڪعت ڀيري پنهنجو منهن نئين طرف ڦيرائيندا رهيا. تان جو آخري رڪعت قبلي طرف منهن ڪري نماز پوري ڪيائون سيئي عالم نماز ڇڏي جدا پڙهڻ لڳا. باقي فقط شيخ عبدالرحيم گرهوڙي شاهه لطيف جي پٺيان بيٺو رهيو. نماز کان فارغ ٿيڻ بعد جماعتين شيخ عبدالرحيم کان شاهه جي انهيءَ عجيب روش جو سبب پڇيو. بزرگ گرهوڙي فرمايو ته، ”موڳا ! اوهان کي انهيءَ مام جي کهڙي خبر ؟ سڀ ڪنهن رڪعت وقت ملائڪن سڳورن ڪعبة الله کي ڦيرائي جدا جدا طرفن تي ٿي بيهاريو. تنهن ڪري اسان ٻن ڄڻن جي نماز قبول ٿي وئي. (٣)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جن حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره العزيز جا صحبتي هئا لواري شريف ۾

(١) ملفوظات پير محمد راشد رح: حصو پهريو، ص - ٦٢ ۽ حصو ٽيون، ص - ٢٨

(٢) هن طرف اشارو مهر ڪا چيلوي: مشائخ لواري شريف، (اردو) ص ٣٢ تي ڪيو آهي.

(٣) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي ص - ٦٢

www.maktabah.org

ملاقات دوران ڪين خلافت جو اجرڪ پڻ مليو هو. (١) ۽ حضرت سلطان الاولياءُ جو جڏهن بہ سندس مجلس ۾ ذڪر ٿيندو هو، تڏهن شاهہ صاحب بي اختيار هي بيت مبارڪ فرمائيندا هئا.

سي مون ڏٺا ماءِ، جني ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي. (٢) ڀٽائي صاحب ۽ حضرت سلطان الاولياءِ جي ملاقات دوران گفتگو اڪثر سنڌي بيتن ۾ ٿي هئي. لواري شريف ۾ ڪجهہ وقت رهڻ دوران حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح خواجہ صاحب جا ڪافي بيت ڀڏا ۽ ياد ڪيا هئا. جيڪي پوءِ اڪثر پنهنجي مجلس ۾ پڙهندا هئا. سندس مريدن اهي ابيات پڻ شاهہ صاحب جا سمجهي شاهہ جي رسالي ۾ لکي ڇڏيا آهن. (٣) (جيڪي اڄ تائين تقريبن سيني شايع ٿيل رسالن ۾ موجود آهن.) انهن بيتن بابت حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ فرمايو آهي تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آتيون آهين،
ويجهو لنئون لائين، پريان سندي پار ڏي. (سر سهڻي)

جڏهن گرهوڙي صاحب انهن بيتن جي تعريف شاهہ ڀٽائي جي زبان

---

(١) چون ٿا تہ وفات وقت شاهہ لطيف وصيت ڪئي تہ، "منهنجو ڪفن هن اجرڪ مان ڪجو. ائين نہ ڪيو ويو بلڪہ اهو اجرڪ سندس جنازي مٿان وڌو ويو ۽ دفن بعد سندس قبر مٿان پڙ ڪري چاڙهيو ويو.
(حوالہ: ڊاڪٽر گربخشاڻي: لواري جا لعل ١٩٣٤ع ص ٧١)
انهيءَ خلافت جي چادر (اجرڪ) بابت شاهہ صاحب هن طرح فرمايو آهي:

(١) جاگرڏني گودڙي، ساٽئي لاهيندي لڄ،
سندا تنهن سهج، چيلو چوندا ڪيترا.
(٢) جاگر ڏني گودڙي، سامون گهٽو سهاءِ،
نيئي رسائي ماءِ، اوڏين جي ادب سين.
(٣) جاگر ڏني گودڙي، سامون ڪي ٿي مرڪ،
چيلا ماري چرخ، اوڏي ويهہ ادب سين. (سررامڪلي)

(٢) ڊاڪٽر گربخشاڻي : لواري جا لعل، ١٩٣٤ع ص ٧١
(٣) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: لطيفي لاٽ، ١٩٩١ع ص، ١٣٣

www.maktabah.org

مان پڙدي ته. يڪدم گرهوڙي صاحب وري شاهه صاحب جي تعريف هن بيت مبارڪ ۾ ڪرڻ فرمائي:

آهي عبداللطيف تي، رضامنُدو رحمان،
پڙهيائين پريت مان، باريءَ جو بيان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحي ڪيو (۱)

شاهه لطيف رحه جي ڪلام جو شهيد گرهوڙي تي ڪافي اثر پيو آهي. مگر اسان کي اها ڳالهه به مڃڻي پوندي ته اسلوب بيان ۾ گرهوڙي صاحب شاهه صاحب جي تتبع نه ڪئي آهي. گرهوڙي صاحب جو انداز بيان نرالو آهي ۽ فڪر جي لحاظ کان نئين نوعيت جو آهي. گرهوڙي صاحب شاهه وانگر مختلف مثالن، تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي سمجهايو آهي. شاهه صاحب جو ڪلام سازن سان ڳايو ويندو آهي پر گرهوري صاحب نقشبندي سلسلي ۾ داخل هو، تنهن ڪري وٽس ڪوبه راڳ، سرود جو سلسلو ڪونه هو. تنهن ڪري سندس ڪلام کي سازن سان نه ڳايو ويندو آهي. شهيد گرهوڙي، شاهه لطيف جي ڪلام کان نه فقط واقف هو، پر انهن کان ڪافي متاثر به هو پنهي بزرگن جي لفظن، فقرن ۽ معنوي اهڃاڻن ۾ ويجهي مناسبت آهي.

ملاحظي خاطر نموني طور ڪجهه بيت پيش ڪجن ٿا.

شاهه ڀٽائي رحه جو ڪلام

(۱) سرمون سرخي جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺو تن، رونق ريتي جهڙو
(آسا)

(۲) مون سارئيندي سپرين، اڇين جي تون هاڻ
ڪريان روح رهاڻ، لکن منجهه لطيف چئي
(بروو سنڌي)

(۳) پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهو ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ٿئا.
(سسئي آبري)

شهيد گرهوڙي رحه جو ڪلام

لاڳاپا هن لوڪ جا، جڏهن ڇڏيا جن،
تڏهن ڏٺو تن، ڏونگر وارو سپرين.
(سسئي)

اڇين جي اوطاق، مون سارئيندي سپرين
مون جهڙو مشتاق، ڏسيو لاهي ڏڪڙا.
(بروو)

سنڌي دل درياهه ۾، جان وياسون پيهي،
نڪو آدم نه آدمي، نڪي اسين ئي،
وائي ٿي ويئي، ته هيڪوئي هڪ ٿيو.
(يمن ڪلياڻ)

(۱) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي ۱۹۵۶ع ص ۶۴

www.maktabah.org

شاه ڀٽائي رحہ جو ڪلام

(۴) اکيون سيئي ڌار، جن سين پسين پرين کي،
ٻئي ڏانهن ڪير نهار، گهڻو ريسارو سپرين.
(آسا)

(۵) محبت ڀائي من ۾، رند اروڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو آگهايو.
(ڪاپائتي)

(٦) سکو سپن ڪان، سرتيون ريت سکڻ جي،
مگن جر مٿان، اوري ڪن نہ آسرو.
(مارئي)

(۷) احد احمد پاڻ ۾، وچان مير فرق،
آهي مستغرق، عالم انهي ڳالهہ ۾.

(۸) ڇڏيم حج هلڻ جي، چکيم چاڙهيڪا،
اديون آڙيڪا، هيڙي ٻيم هوت سين.
(حسيني)

(۹) اڳي ائين هياس، جو پنهون ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي ائين ٿياس، جو جت نہ نينم پاڻ سين.
(حسيني)

(۱۰) ڪاري رات اڇو ڏينهن، اي صفتان نور،
جتي هوت حضور، اتي رنگ نہ روپ ڪو.
(ڪاموڙي)

(۱۱) هاري هنئونِ م لوڏ، سکن پوندئن سسئي،
ڪوهيارو تو ڪوڏ، اڇي ڪره قطاريو.
(حسيني)

(۱۲) پاٺيءِ متي جهوپڙا، مورگ اڇ مرن،
ساهان وڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن،
دم نہ سيجاڻن، دانهو ڪن مٿن جٺن
(سسئي آبري)

شهيد گرهوڙي رحہ جو ڪلام

اڪ ابتي وار، سبتي سور پرائيو،
ٻئي ڏانهن ڪير نهار، سجڻ ريسارو گهڻو.
(آسا)

آڌي رات اٿي ڪري، پيرڻ پيرو جن،
ڪاپو سندو تن، اڻ توريو اگهايو.
(ڪاپائتي)

سرتيون سپن ڪان، سکو ريت سکڻ جي،
اوڏي اوڏيائي نہ اچي، گهري آب مٿان.
(مارئي)

احمد سوئي احد ٿيو، وئو مير وچان،
انا احمد بلا ميم، سيو فرق فنا.

حجت ڇڏي هل، من ماري ميڻ ڪر،
انهيءَ پرا ڪمل، دوس گڏبيءَ دادلو.
(سسئي)

عشق اگهاڙيس جيڏيون، پڌر ٿي پياس
ههڙي تا نہ هياس، پرستر سک وڃائيو.
(سسئي)

الله ڪارو اوجرو محمد نور نبات،
نور صفاتي سوجهرو، ذات نسوري رات.
(ڪالياڻ)

ٻڙي ٻانہ م لوڏ، ڇورين ابيتين سين،
هل م تن سين هوڏ، جي هلون ڪوهياري ڪوڏ ٻئي
(سسئي)

هينيان ڍيندِ ميجي مري، مٿان مهاٺي،
ڪنن ڪرپاٺي، تا انڌا مرن اج سين.

(آسا)

www.maktabah.org

شاهه ڀٽائي رحه جو ڪلام	شهيد گرهوڙي رحه جوڪلام
(۱۳) حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري، لڳي ماٺ مروئن کي، ڏونگر پون ڏري، وجن وڻ ٻري، اوڙ ايري ڪين ڪي. (آسا)	ڏونگر جي ڏسين ڪڏهين، رتي مون منجهان، تہ پرزا ٿي پلڪ ۾، هوند ڦاٽي في الحال
(۱۴) هٿين پيرن، مونڙيئن، هلج ساڻ هنيئن، عشق آري ڄام جو، نباهي نئين، جان جان ٿي جئين، تان پاڙج ڪوم پنهون سين (معذوري)	سڄڻ جيڏانهين، ڪاتيڏانهين هٿ ڪٽي، هٿين، مونين پيٽ ۾، سران تيڏانهين، مان ڪيڏانهين، ڪوڏو ريندي ڏس پوي. (سسئي)
(۱۵) پٽ نہ پرهيان سومرا، جان ڪي جيان، آءُ ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان، جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪي ٻيو (مارئي)	جيڪر آءُ جيان، تہ پٽ پرهيان سومرا، پاٿي پتاشن جو، پايو پوڄ پيان، ڪاٿي ڪاچ خوشيءَ مان، ماهہ پڻ مڇايان، پرڪارڻ ٻن ڏينهان، ٿي لاهيندي لڄ مران (مارئي)
(۱۶) مر سپني مارئي، مٺي مر جاڻي، جہ اچي امر ڪوٽ ۾ لوئي لڄائي، جاسانگين سيڏائي، ساڪين مرڪي ماڙيين (مارئي)	پلي جائي مارئي، جنهن مارو ملهائيا، ستيءَ ساماڻي، بڌاموڙ ملير ڪي (مارئي)

خليفي محمود ڪڙيئي گهنور واري کان روايت آهي تہ، هڪ دفعي حضرت پير محمد راشد رحمة الله عليہ ڪنگري واري کان حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي حالات بابت عرض ڪيو تہ ڪهڙيءَ طرح هئا؟

پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ، حضرت شاهہ ڀٽائي قدس سره کي عشق، محبت ۽ طلب جو شوق بي حد گهڻو هو. مگر حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره حقيقت ۽ اسرارن جا دريا هئا. (۱)

۱۱- هڪ دفعي گرهوڙي صاحب، مير بجار خان، سندس وزير معروف (مارو) ٽيپو (جيڪو پڻ لواري وارن بزرگن جو مريد ۽ گرهوڙي صاحب

(۱) خليفہ ڪڙيہ وارو: ملفوظات پير محمد راشد رحہ، حصو ٻيو ص - ۸

www.maktabah.org

جو صحبتي هو.) ۽ سيد الله بخش شاهه پاڻ ۾ گڏجي ماني پئي کاڌي. جڏهن کاڌو کائي فارغ ٿيا، تڏهن ڳالهين ڪندي حضرت شيخ گرهوڙي فرمايو ته: "اسين چارئي شهيد ٿينداسين." مير بجار خان گرهوڙي صاحب کان پڇيو ته قبلا! ٻڌائي سگهندا ته منهنجي پڇاڙي ڪيئن ٿيندي. پاڻ فرمايائون ته: "اوير کان ٻه بگهڙ ايندا، جي اچي تنهنجو پيٽ ڦاڙيندا". آخرڪار ٿيو به ائين، جوڌپور کان ٻه راجپوت آيا، جن ٻنهي خنجر هٽي ڪيس ماري وڌو. سيد الله بخش کي فرمايائون ته توکي حسيني درجو حاصل ٿيندو." آخر ان کي هڪ سخت واقعو پيش آيو، جنهن جي ڪري آل عيال سميت منهن ڏئي اٿي پڳو. لاچار اچ کان ماندا ٿي هڪ پاڻيءَ جي چشمي وٽ پهتا، جتي شهادت جو شربت چکيائون. مير بجار، حجاب لاهي پڇيو ته پلا ٻڌايو ته اوهان جو موت ڪيئن ٿيندو. تڏهن پاڻ جلالت ۾ اچي فرمايائون ته: "مون کي به حسيني شهادت نصيب ٿيندي." انهيءَ ٻڌڻ تي ماروءَ ٿيبي رڙ ڪري عرض ڪيو ته قبلا! آءٌ ڪيئن جهان ڇڏيندس. گرهوڙي صاحب فرمايو ته: " پنهنجا رت، گڏ با."(١)

بزرگ گرهوڙيءَ جا ٽي ڪارناما

مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته گرهوڙي صاحب حضرت رسول ڪريم ﷺ جن کان هڪ ڪاغذ تي ٽن ڪمن لاءِ اجازت جون ٽي مهرون هٿايون هيون. جن جو واسطو هيٺين ڪارنامن سان هو.

"پهريون ڪارنامون"

پهريون ڪم گرهوڙي صاحب يڪدم هٿ ۾ جيڪو ڪنيو، سو هو پير پٺوري جي ڏيوري ڍهرائي، مٿس قبر نهرايائين ۽ بانگ ڏيارايائين. ان ڪان پوءِ جڏهن ميلو لڳندو هو، تڏهن سندس ماڻهو انهيءَ موقعي تي اچي قبر تي بانگ ڏيندو هو ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته پير پٺرو مسلمان آهي نه هندو، جيئن سندس مريد مينگهواڙ سمجهندا آهن. پير پٺورو اصل ۾ غوث بهاؤالدين (زڪريا) ملتان واري جو مريد هو. ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو آهي ۽ وڏيءَ ڪرامت جو صاحب هو. هرسال بدي مهيني جي پهرين تاريخ مٿس، ڏام

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٨

www.maktabah.org

ڏوهہ سان ميلو لڳندو آهي. (١)

ٻيو ڪارنامو

پراڻ جي پٽ ۾ ٽنڊو جان محمد کان اتر طرف ۾ شيطاني ٽڙ هئا، جن ۾ جادوگر رهندا هئا، جي جادوءَ جي زور تي ماڻهن کي ڪاريندا هئا. پاڻ گرهوڙي صاحب ٻن چٽن کي انهن شيطاني ٽڙن جي ڪپڻ لاءِ سنبرايو ۽ کين هدايت ڪئي تہ، مان ٿو انهن جادوگرن جي ننڍ ٻڌان ۽ اوهين وڃي ٽڙ ڪپيو، انهن ٽڙن جي اندران ۾ نانگ نڪرندا، جن کي جيڪڏهن اڇٽ ماري وجهندا تہ آئينده شيطاني ڪم ڪونہ ٿيندا. جي نہ تہ انهيءَ جاءِ تي ميلو لڳندو رهندو. ٻيو چيائين تہ جيڪڏهن ٻئي جادوگر جاڳي پون تہ يڪدم ولي ڀڄجو، نہ تہ جان جو جوکو آهي. مان اوهان کي زمين تنگ ڪري ڪٽي وٺندس. آخرڪار گرهوڙي صاحب جا ٻئي ماڻهون منزل مقصود تہ پهتا. حڪم موجب هڪ ٽڙ ڪپيائون، تہ برابر ٽڙ مان نانگ نڪتو. جنهن کي يڪدم ماري وڌائون وري ٻيو وڻ ڪپيائون، ۽ نانگ بہ نڪتو، پر جادوگر جاڳي پيا. گرهوڙي صاحب جا ماڻهو اتي ڀڳا. تان جو اچي گرهوڙ کان نڪتا، هن جاءِ تي اڄا ميلو لڳندو آهي. جنهن کي آمريءَ جو ميلو سڏيندا آهن. (٢)

چون ٿا تہ ان آمريءَ وٽ حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني وڻ هيٺان اچي چلو ڪڍيوهو. جيڪا جاءِ پوين لاءِ متبرڪ بنجي وئي. جنهن کي "سمن صالحن" ڪوٺيو ويو. اها آمري پوءِ آهستي آهستي پوڄڻ لڳي هئي. (٣)

ٽيون ڪارنامو

مهاڏيو جي مڙهيءَ جو ذڪر

مهاڏيو جي مڙهي خيرپور رياست جي ريگستان ۾ راڻا سر کان پر پرو "هتونگي" جي ڳوٺ ۾ هئي. (۴) چون ٿا تہ انهيءَ مڙهيءَ جو بنياد ٥٠٠

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٦
(٢) ڊڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٧
(٣) ماهواري نئي زندگي: ڊسمبر ١٩٨١ع
(۴) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي ص ٣٨

www.maktabah.org

هـ (1106) ۾ ٻائي مهاڏيو پاڻا نالي مجوسي ڪافر رکيو هو. وقت بوقت ان جا مهنت بدلبا پئي آيا. (١) روايت آهي تہ مڙهيءَ جو برپا ڪندڙ گنگا نديءَ مان پاڻي ڪٽي نڪتو هو. انهيءَ ارادي سان تہ ڪٿي هڪ وڏي مڙهي (مندر) ٺاهي وڃي وهان ۽ دل ۾ رٿيو هئائين تہ جنهن هنڌ جو پاڻي گنگا جي سان تور ۾ هڪ جيترو بيهندو. اتي اها مڙهي اڏائي ويندي. گهڻائي ڏيهہ ڏوريائين. مگر پاڻي يا وزن ۾ گهٽ تي بيٺو يا وڌيڪ. آخر جڏهن رلندي رلندي هتونگو وٽ آيو، تڏهن اتي جو پاڻي گنگا جي سان برابر ٿيو. پوءِ اهو ٻائو اتي مڙهي ٻڌي ويهي رهيو. ۽ انهيءَ ڪي مهاڏيوجي مڙهي يا مهاڏيو جو مندر ڪري سڏيائين. آهستي آهستي ان جي چوگرد هڪ شهر بنجي ويو. انهيءَ مڙهيءَ جي مهنت کي جادوءَ جي زور تي ڏاڍي طاقت هوندي هئي، جنهن ڪري سڄو ملڪ نميو پيو هوندو هو. چيو وڃي ٿو تہ اوائل ۾ مڙهي جو مهنت پنهنجي مرڻي ڪو نہ مرندو هو. بلڪہ پاڻ کي جيئري دفنائيندو هو. وڏي ڪوهي کٽائي انهيءَ اندر مهنت وهندو هو ۽ تنهن بعد سائن سوٽن سان وٺي متس لوڻ پلٽيندا هئا. پوءِ اڌ ڪن ڪوهي لوڻ سان ڀري مٿي وجهي، مٿانس ڏيوري نهرائي ڇڏيندا هئا. آهستي آهستي اهي ڏيوريون ٻڌي زمين دوز ٿي وينديون هيون، جڏهن مهاڏيو جي مڙهي مسلمانن جي قبضي ۾ آئي. جيئن هيٺ ذڪر ايندو، تڏهن انهيءَ زمين اندر ڪوهيون کوٽينديون ٻن ٽن هنڌان لوڻ مان ماڻهن جا مڙهہ نظر آيا هئا. (٢)

مهاڏيو جي مڙهي تي چڙهائي

حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره اڪثر الهي قرب جي مرتبن ۽ شهادت ڪبريٰ جي حاسلات هوندي بہ شهادت صغريٰ جا شائق هوندا هئا. (٣) ظاهر ۾ خواهہ باطن ۾ مجاهد اعظم هو. جهاد اڪبر ۾ تہ اڳيئي فتحياب ٿي چڪو هو. ليڪن ڪيس اهو بہ شوق هوندو هو تہ جهاد اصغر جو موقعو ملي تہ ان ۾ بہ فتح پائجي. قرآن پاڪ ۾ ٻين جي عبادتگاهن کي ڊاهڻ جي سخت ممانعت آهي. مخدوم صاحب کي هندو ڌرم يا ان جي عبادتگاهن

(١) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور: عظيم سنڌي انسان ص ٣١٠
(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٩
(٣) مير بلوچ خان ٽالپر: فردوس العارفين (قلمي) ص ١٢٧

www.maktabah.org

سان، سچي مسلمان جي حيثيت ۾، دشمني ڪانہ هئي. (بلڪ ڪيترائي هندو حضرت سلطان الاولياء جا مريد هوندا هئا جن ۾ موٽيو فقير، وتايو فقير، اوڀايو فقير وغيره. موجود هوندا هئا.) پر گرهوڙي صاحب الهيٰ حڪم موجب مڙهيءَ خلاف جهاد جو اعلان ڪيو. ڇاڪاڻ تہ اتان جو سوامي جادو جا ڪرشما ڏيکاري، ابوجهہ ۽ اڻ پڙهيل مسلمانن کي برغلائي ۽ متن ذهن نشين ڪرائيندو هو تہ هو ”زندهہ خدا آهن.“ (١) ان سبب ڪري ئي ان سواميءَ سان لڙائي لاءِ بزرگ گرهوڙي صاحب روانو ٿيو هو.

ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ مهاڏيو جي مڙهيءَ جو مهنت سوامي دت گر نالي هو. جو پنهنجي ننڍي پاءُ گرت گر جي حمايت سان وڏي هستي رکندو هو. هندو خواهہ مسلمان هزارن جي تعداد ۾ سندس پوئلڳ هئا. ۽ گهٽي پسگردائي ۾ سندس ميٽا هلندي هئي. سندس لنگر هميشه جاري هو. تنهن ڪري آيو ويو سندس نمڪڪائي سندس اراد تمنديءَ جو دم ڀريندو هو. چانهيا ۽ گجو ذات جا ملسمان پڻ سندس مريد هوندا هئا. انهن جي استدعاتي سوامي دت گر ڪين شڌ ڪري وري هندو ڌرم ۾ داخل ڪندو ٿي ويو. جڏهن کان مسلمانن جي مرتد ٿيڻ جو پڙلاءُ گرهوڙي صاحب جي ڪن تي پيو، تڏهن کان وٽي دلي ارادو هوندو هوس تہ اها مڙهي ڊاهي ساري مانداڻ کي نابود ڪري ڇڏيان. (٢)

هڪ دفعي لواري شريف ڏي ويندي، ڪن واتهڙن کان خبر پيس تہ بتخانو اڳي کان بہ ابتر ٿي ويو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ڪين ڏاڍو جوش آيو ۽ ساٿين کي چيائين تہ: ”پوئتي موٽو،جو بتخاني جو ڊاهڻ ضروري آهي.“ پوءِ هڪ درويش کي پنهنجي طرفان، حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد قدس سره (١١٧٧هہ - ١٢١٨هہ) جي حضور ۾ روانو ڪيائين. انهيءَ درويش خواجہ صاحب جن جي حضور ۾ پهچي سربستہ احوال عرض ڪيو تہ، گرهوڙي صاحب موڪلائڻ مهل هي بيت پڙهيو هو.

جنهن ڪن تو پايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪجاڙو؟
ماٽس ستاڙو، پٽس نالو ڪينڪي.

(١) پروفيسر علي نواز جتوئي: شهيد گرهوڙي جو سنڌي ڪلام ص ١١
(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي ص، ٣٩

www.maktabah.org

(يعني کوڏ وچان کن تو پايل جوڳيءَ کي ڪابہ پرواهہ ڪانهي، تہ سندس پيءُ ڪير هو ۽ سندس ماءُ ستاوڙا پئي ڪري.)

"گرهوڙي صاحب بيت پڙهڻ وقت رنو هو. پر مون کي روئڻ نٿو اچي." حضرت خواجہ صاحب جن اهو سنيهو سٺي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ فرمايائون تہ: "حضرت شيخ رحہ پنهنجي عُمر جي پڇاڙي ڏني آهي. پاڻ بزرگ گرهوڙي ڳوٺ گرهوڙ پهچي پڙهو گهمرايو تہ: "آهي ڪو غازي جو جهاد في سبيل الله ۾ ساهہ ڏئي؟" مگر هلي اهو، جنهن کي ڦٽي ڏيڻ جيڏي ڏاڙهي هجي. ڪل سندس ساٿين ۽ مريدن جو تعداد اصحاب بدر جي تعداد ٣١٣ جيترو هو. (١) جن حق جو نعرو ٻڌي سندس هڪل تي لبيڪ چئي جان فدا ڪرڻ جو واعدو ڪيو. پر ڪي اهڙا بہ ضعيف الايمان ٻانها هئا جن بزرگ جي عزم کي سست ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ۽ کيس چيائون تہ: "قبلا! ٻائي جي مڙهي جادوءَ جو مرڪز آهي ۽ ان کي فتح ڪرڻ ڪا چرچي يا مذاق جي ڳالهہ ناهي تنهنڪري تڪڙ کان ڪم وٺڻ سراسر غلط ٿيندو ۽ اوهان وري پنهنجي فيصلي تي غور ڪريو. مگر شهيد اعظم مجاهد في سبيل الله جن سونن لفظن ۾ جواب فرمايو تہ: "فتح هر حال اسان جي آهي."

"جي هوءَ مڙهي (ٻائي واري) ڀڳي تہ بہ فتح اسانجي، جي هيءُ مڙهي (پنهنجي جسم ڏانهن اشارو) ڀڳي تہ بہ فتح اسانجي."

ماڻهن گهڻي ڪوشش ڪئي تہ گرهوڙي صاحب باز اچي. پر گرهوڙي صاحب نہ مڙيو. سندس والده صاحبہ کي ماڻهن سيکاريو تہ توهين کيس منع ڪريو. ۽ جيڪڏهن نہ مڃي تہ کيس چئجو تہ: "مان تنهنجي والده آهيان، منهنجو فرض لاهي پوءِ پلي وڃ." ماڻهن سمجهيو تہ گرهوڙي صاحب عالم آهي، ماءُ جي منع تي مڙي ويندو. سو والده صاحب کيس منع ڪئي. ۽ چيائين تہ منهنجو حق ادا ڪري پوءِ وڃ. تنهن تي بزرگ جواب ڏنس تہ: "مون تنهنجو حق اڳيئي لاهي ڇڏيو آهي. جو تون اجان پڙي سان ننڍڙي هئينءَ تہ توکي جهڪ ڪنيو پئي ويئي، مون توکي انهيءَ جهڪ کان بچايو هو."

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي روايت آهي تہ جڏهن گرهوڙي صاحب جهاد لاءِ روانو ٿيو، تڏهن سندس نياڻيون کيس روڪڻ لاءِ قرآن

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽي، ساٿين جو تعداد ٧٢ ڄاڻايو آهي.

www.maktabah.org

شريف ميڙ ڪٺي آيون. جنهن تي چيائين ته:

ڳورائي ۽ پار، هورو پار نه هيڪڙو،

وهان ته ويرم پئي، نينهن م پوءِ نهار،

هتي واعدي جي وار، هتي سونون ڏينم سرتيون (١)

روانگي ٿيڻ وقت هڪ خط مارو ٿيٻي هٿان مير بجار خان ڏي لکي موڪليائين، (جنهن جو ذڪر اڳتي جدا ايندو.) ۽ هي نياپو ڏنائين ته: "جنهن جي نياپي تي مون توهان کي دنيوي رهائش لاءِ هڪ زمين جو ٽڪر هٿ ڪري ڏنو هو، انهيءَ نياپي موڪليندڙ (يعني رسول ڪريم ﷺ) جي حڪم سان مان هتان روانو ٿيان ٿو. توتي هاڻي فرض آهي ته اچي منهنجي مدد ڪر." حڪم موجب مارو ٿيبو مير بجار خان کي وڃي خط ڏنو. مير کي انهيءَ وقت ايمان ڇڏي ويو. پاڻ ته ڪونه آيو پر مدد به ڪانه موڪليائين. مير صاحب جواب ڏياري موڪليو ته، توهين ۽ مهنت ٻئي فقير آهيو، اسان جو انهيءَ ۾ ڪو واسطو نه آهي. جيئن اوهان کي وڻي تئين ڪريو. هوڏانهن مهنت کي چوائي موڪليائين ته اسان جو مگرئي صاحب جي ڪاهه سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي، توهان مگريي فقير ساڻ ڪهڙو به سلوڪ ڪري سگهو ٿا (٢) روايت آهي ته شادي پلي ۾ انس پلي نالي هڪ شخص هو، جو پڻ تسبيح ڪنيو پيو نڙڪائيندو هو ۽ شيخ گرهوڙي کي چيو هٿائين ته آءٌ به جهاد تي هلندس. جڏهن جهاد لاءِ تياري ٿي ته گرهوڙي صاحب انس پلي کي سڏيو. مگر هن چيو ته اوهين هلو آءٌ اچان ٿو. انهيءَ تي گرهوڙي صاحب چيو ته:

انس پلي، نڙ نڙ نلهي،

جيڏانهن ميدان علي، تيڏانهن پير نه ڪٺي پلي. (٣)

گرهوڙ کان پهرين منزل "رڪن ڍليار" وٽ ڪيائون، جو ڪپري کان ۵ ميل اوير ۾ آهي. اتي ٽيهن وڻ سرينهن جي وڻ هيٺ ڏينهن ٽاريائون. مارو ۽ الياس ٿيبو ٻئي پائر جهاد لاءِ تيار ٿيا. پر پاڻ الياس کي پوئتي گهرجي سنيال لاءِ ڇڏيائون، ۽ فقط ماروءَ کي ساڻ ڪنيائون. اتان ڪوچ ڪري راڙ جي سيدن ۾ آيا، سيدن کي چيائون ته: "اوهين سونهان ٿي هلو." سيدن چيو ته: "مهنت

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ٣١

(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص - ٣٢

(٣) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: جنگناما، ص ١۵٣

www.maktabah.org

تمام ڪرڙو آهي ۽ هي لشڪر ڪڏهن بہ ڪونہ ڪتندو ۽ جيڪڏهن مهنت کي خبر پئي تہ اسان اوهان جي مدد ڪئي آهي تہ اسان کي پيڙي ڇڏيندو." انهن چئي هلڻ کان انڪار ڪيائون. سندن مجلس ۾ هڪ شخص ڪامل ڪوري نالي هو. جنهن چيو تہ: "قبلا، مان تازو اتان ان خريد ڪري آيو آهيان واٽ آءٌ بہ ڏيکاري سگهندس. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ: "جڏهن تون هن لشڪر جو هن وقت سونهو ٿيو هلين ٿو، تڏهن ڏينهن قيامت جي بہ هن لشڪر جو سونهو ٿي هلندين. هنن سيدن جي سيدي وٺي تو ڏيان ڪورين کي، ۽ ڪورين جي ڪورپ وٺي تو ڏيان راڄ جي سيدن کي." راڄ، ڪپري تعلقي ۾ هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جتي اڃا تائين ڪيترائي سيد وينا آهن. جي ڪورڪو ڪم پيا ڪن. ڪامل ڪوريءَ جا پويان اڃا تائين گرهوڙي صاحب جي درگاهہ جا مجاور ٿيا اچن.

آخر راڄ کان رڙهي اچي ڪپري کان اٽڪل ٽيهہ ڪوهہ اوير طرف جتي بہ تڙ هئا. هڪ "رهو"، ٻيو "ڏيڏرو"، رهو مڙهيءَ کان ۴ ميل ڏکڻ ۽ ڏيڏرو ۳ ميل اولهہ هو. فقير عبدالرحيم رحہ ڏيڏرو تڙ تي هڪ ڪنڌيءَ هيٺ اچي لٿو. جا تڙ کان الهندي طرف دڙي تي بيٺل هئي. هن ساري لشڪر ۾ فقط هڪ ڏور دار بندوق هئي. (۱)

مهنت جي جادويءَ جو ذڪر

مهنت وٽ هڪ ڪشتو هوندو هو. جيڪو هر طرف کان ان، گيهہ ۽ گوشت وغيره گڏ ڪري اچي سندس ديگ ۾ وجهندو هو، جا رجهي تيار ٿيندي هئي، ۽ ان مان اتي جا رهاڪو، هندو خواه مسلمان، کائيندا هئا. انهيءَ ديگ ۾ اهڙي حڪمت هئي، جو سوين ماڻهو کائي اٿندا هئا. پر هوءَ اوتري جي اوتري رهندي هئي. (۲) ازانسواءِ کهڙو بہ مريض وٽس ايندو هو، تہ مٿس بہ ٽي لفظ پڙهي شوڪاريندو هو، تہ مرض لهي ويندو هو. انهن ٻنهي ڪرامتن جي ڪري ماڻهن ۾ گهڻي مهنت جي ميجتا هوندي هئي.

(۱) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي ص - ۵۰

(۲) اها جادوءَ جي ديگ عام نمائش لاءِ حضرت سلطان الاولياء جي مقبري واري صحن جي ڏکڻ اوير واري ڪنڊ ۾ سلامت رکيل آهي. مٿس سنسڪرت ۾ اکر لکيل آهن.

www.maktabah.org

شيخ عبدالرحيم صاحب شهر جي ويجهو وارد ٿيڻ شرط هڪ جتيءَ جو پادر لاهي (١) انهيءَ کي حڪم ڏنو ته: ”ڪشتي کي ڪيڏانهن به نه ڇڏ ج.“ سو ڪشتو جيڏانهن وڃي تيڏانهن موچڙا کايو موٽيو اچي ساميءَ جي اڳيان ڪري. سامي حيران ٿي چيو ته شايد ڪو جادوگر آيو آهي. جو ڪشتي کي گدائيءَ کان روڪي ٿو. چوڌاري ماڻهو موڪليائين جن اچي خبر ڏنس ته هيو ته شهر جي سپاس ۾ ڪونه آيو آهي. سواءِ گرهوڙ واري مگريي فقير جي ساميءَ کي اڳيئي سڌ هئي ته بزرگ مگريو صاحب وڏو درويش آهي. جنهن ميرن کي سنڌ وٺي ڏني هئي. روايت آهي ته ڪلهوڙن جي آخري حاڪم، شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ کي دارالخلافه خداآباد ۾ طلب ڪيو. پروگرام مطابق گرهوڙي صاحب هٿ ۾ تسبيح کڻي ورد وظيفا پڙهندو وڃي دربار حال ۾ پهتو حاڪم کيس ڏسي ٺوڪ وچان چيو ته فقير هٿ ۾ ڇا اٿئي؟ گرهوڙي صاحب وراڻيو ته ابا تسبيح آهي ته ڪلهوڙي حاڪم وري به ٺوڪ زني ڪندي چيو ته هسبي. گرهوڙي صاحب وري به کيس وراڻيو ته نه بابا هيءَ تسبيح آهي، ليڪن بادشاهه وري به چيو ته هسبي ته پوءِ آخر گرهوڙي صاحب جلال مان فرمايو ته ها:

اللهم حسبي، ڪلهوڙن کان ڪسبي،
ميرن کي ڏسبي، تنهان پوءِ پسبي.

آخر ٿيو به ائين جو يڪدم ڪلهوڙن کان سنڌ جي حڪومت کسجي وئي ۽ ميرن کي ملي. (٢)

تنهن تي ساميءَ جي ننڍي پاءَ گرت گر کيس چيو ته هن کي ميرن جي ضرور مدد هوندي ۽ ازانسواءِ فقير به آهي. انهيءَ سبب ساڻس وڙهڻ چڱو ناهي، بهتر ٿيندو ته منت ڪري جند ڇڏائجي، ۽ کيس ڪجهه ڏن ڏيئي پوئتي موٽائجي. دت گر کي اها صلاح وڻي، ۽ ٻئي ڄڻا گرهوڙي صاحب وٽ لنگهي ويا. ڪهڻيون ئي منٿو آز يون ڪيانوس، سون هيرن جواهرن ۽ سهڻين عورتن جي

(١) ٻي روايت آهي ته، شاهه پٽائي جيڪا جمني بزرگ گرهوڙي کي تحفه ۾ ڏني هئي. انکي گرهوڙي حڪم ڪيو ته: ”جادوگر واري ڪشتي کي مٿاءِ.“ جنهن ڪشتي کي شڪست ڏني هئي.

(٢)مگريون رفيق احمد بازيد پوري (مضمون) سوانح حيات شهيد عبدالرحيم گرهوڙي صاحب

www.maktabah.org

لالچ ڏنائونس. مگر گرهوڙي صاحب سيني آچن کان انڪار ڪيو، بلڪ پنهي پائرن ڪي اسلام جي دعوت ڏنائين، ۽ ڪيس صاف چيائن تہ: ”جيڪڏهن ايمان نہ آڻيندا تہ مان جنگ کان ڪين گسندس. پنهي ڇڻن ايمان آڻڻ کان نابري واري، تنهن تي پاڻ ڪين چار شرط واڌائين، ۽ فرمايائين تہ جيڪڏهن انهن ڪوبہ شرط قبول نہ ڪيو تہ پوءِ پنجون شرط تلوار جو آهي، جا پاڻهي فيصلو ڪندي.

شرطن جو ذڪر (١)

پهريون شرط: هندن جو سردار اسان وٽ اچي، اسين ڪيس چاليهہ ڏينهن درين کان سواءِ جاءِ ۾ بند ڪري ٻاهران قفل ڏيئي ڇڏينداسون. اهڙي طرح آءُ جو مسلمانن جو مهندار آهيان سو وٽن چاليهہ راتيون قفل اندر بند رهندس، پوءِ جيڪو بہ اسان مان فوت ٿيو، تنهنجو لشڪر آڻ مڃيندو.

ٻيو شرط: هڪ ميدان مقرر ڪجي، هندن جو لشڪر هڪڙي طرف بيهي ۽ مسلمانن جو ٻي طرف سامهون بيهي، پوءِ مان ۽ هندن جو سردار ميدان ۾ ملهہ وڙهنداسون، جيڪڏهن ٽئي دفعا آءُ متس غالب پيس تہ هو مسلمان ٿيندو، نہ تہ آءُ جٽيو ٻڌي لشڪر سميت سندس تابع ٿيندس.

ٽيون شرط: مون ڪي ۽ هندن جي سرگروهہ ڪي، سيني ماٿهن جي سامهون ساهمي ۾ توريو. جيڪڏهن هو ٽلهائي جي ڪري ڳرو ٿيو تہ آءُ سندس رسمون پاڻتي هموار ڪندس، پر جيڪڏهن آءُ باوجود ڏٻرائپ جي وزن ۾ وڌيڪ ٿيس تہ هو مسلمان ٿيندو.

چوٿون شرط: هندو پنهنجي بت اڳيان راڳ روپ ۽ ريتون رسمون ڪن، جڏهن جوش ۾ اچن، تڏهن آءُ تن تنها حاضر ٿيندس پوءِ جيڪڏهن مون تي تصرف هلائي پنهنجو ڪيائون تہ آءُ سندن تابعداري قبول ڪندس. يا آءُ ذڪر جي حلقي ۾ ويهان ٿو، هندن جو سردار اڪيلو اچي ايجا اوٽيهہ وڪون پري هوندو تہ ڪلمہ شهادت بلند آواز سان پڙهي مسلمانن جي دين ۾ داخل ٿيندو.

پنجون شرط: جهاد آهي، جنهن لاءِ اسين هتي آيا آهيون. متيان چارئي شرط ساميءَ قبول نہ ڪيا تنهن تي گرهوڙي صاحب ڪيس ٻيو وجهہ ڏنو ۽ چيائين تہ ”اوهان ڪشتو گهرايو ۽ ڪائنس پڇو، جيئن هو چوي تيئن

(١) هي شرطن جو تفصيل، ڪلام گرهوڙي ۽ آئينہ اولياءَ تان ورتل آهي.

www.maktabah.org

ڪريون. ڪشتي ڪان دريافت ڪيو ويو. پر جواب ندارد. تڏهن گرهوڙي صاحب چيو تہ هاٿي وري جمنيءَ ڪان ٿا پڇون. پوءِ جيئن چوندي تيئن ڪنداسين. ساميءَ سمجهيو تہ جمني بہ ڪشتيءَ وانگر خاموش رهندي، سو اهو شرط ڪٿي قبول ڪيائين. جمني وٺي ڪيو، "دين! دين!" ساميءَ مڪر ڪري چيو تہ جمني مان "ڏن ! ڏن !" جو آواز ٿو اچي. تنهن تي يڪدم "حق ! حق !" جو آواز اچڻ لڳو. انهيءَ ڪشمڪش تي ننديءَ ياءُ گرت گر وڏي ياءُ دت گر کي چيو تہ بهتر آهي تہ نيزاري ڪري پاڻ ڇڏائجي، نہ تہ هن بلا مان جند نہ ڇٽندي. پوءِ ٻنهي ڀائر صلاح ڪرڻ لاءِ اجازت وٺي پنهنجي جاءِ تي ويا.

انهيءَ بعد گرهوڙي صاحب پاڻ کي ڪلهن تائين واريءَ ۾ پورايو ۽ سيني لشڪر جي ساٿين کي گڏ ڪري چيائين تہ "ڪهڙي صلاح آهي؟" سيني يڪ آواز چيو تہ، "صلاح ماهمہ آنست ڪان تراست صلاح."

(اسان سيني جي اهائي صلاح آهي، جا اوهان جي صلاح آهي.)

تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ مون کي هيءَ ڳالهہ منظور آهي يعني تہ شهيد ٿي پورجون. سيني چيو تہ شهادت جو موت قبول ڪري آيا آهيون. تنهان پوءِ زمين ڪان ٻاهر ڪڍيائونس.

دت گر جادوگر پنهنجي جاءِ تي مس پهتو تہ مير بجار خان ٽالپر جو مخفي خط بہ اچي مليس، جنهن ۾ لکيل هو تہ اسان جو مگريبي فقير جي لڙائي سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. اوهين پاڻ ۾ ڄاڻو. ٻنهي ڀائرن کي مير صاحبن جو ڏپ هو. پر جڏهن خبر پئين تہ مير جو هٿ نہ آهي. تڏهن پيٽ ۾ ساهہ پين ۽ چيائون تہ انهن ماڻهن کي اجهو ٿا گهمائي وٺون. انهيءَ خيال سان وٺي پيرتي ڏونڪو هنيائون ۽ جنگ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ گرهوڙي صاحب کي بہ ماڻهن اچي احوال ڪيو تہ: "قبلا! ساميءَ سندس ياءُ تہ صلاح مشوري لاءِ وقت وٺي ويا هئا. مگر ڏسجي ائين پيو تہ جنگ لاءِ تياري ٿي رهي آهي." تڏهن گرهوڙي صاحب فرمايو تہ: "شايد ميربجار خان ڊوهہ ڪيو آهي، ٿيندس بہ ساڻس ڊوهہ.

"اسان پاري، بجر نہ پاري، وٺي بجر جي سرداري." (١)

هن جنگ ۾ ڪي ٽالپر بہ شامل هئا. جن عرض ڪيو تہ: "قبلا ! بجر تہ دغا ڪئي، پر اسان ٽالپرن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو اسان کي بہ پاراتو

www.maktabah.org

ڏنو ويو آهي.“ پاڻ فرمايائون تہ: ”اوهين مير پيا سڪيو پيٽ پاليندا.“ انهيء دعا جو نتيجو اهو ٿيو، جو اڄ تائين سڀ ڪنهن ٽالپر وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ زمين جو ٽڪر آهي. ۽ خوش گذران ڪري رهيا آهن.

ٿوري وقت ۾ ساميء جو لشڪر اچي ويجهو پيو. پاڻ پنهنجي ساٿين سان اڳيرو وڌيا ۽ رامڻ ٽالپر (٢) کي حڪم ڏنائون تہ بندوق ڀري ڇڏ. رامڻ جواب ڏنو تہ مون اڳئي ڀري ڇڏي آهي، چيائونس تہ هيو ڪانہ بہ ڀري ڇڏينس ۽ جڏهن مان چوانء تڏهن ڇوڙج. جنگ شروع ٿيڻ وقت پاڻ رامڻ سان گڏ وڃي بيٺا. مريدن هڪ تلوار ۽ ڍال واري کي موڪليو تہ وڃي ڀر ۾

(١) رچرڊ برٽن صاحب هن طرح لکيو آهي تہ، هڪ دفعي مير بجار خان بزرگ گرهوڙي صاحب سان ملڻ ويو تہ هو انوقت ڪنهن ٻئي فقير سان گڏ ويٺو هو. بزرگ گرهوڙي مير صاحب کي ڏسي يڪدم فرمايس تہ،

”بجر ! اسان پاري، تو نہ پاري،

هاٿي ويٺي تنهنجي گهران سرداري.“

ٻئي فقير پڻ تائيد ڪئي:

”ادا، ڪي م چئيس، ايندا ڪاڪاٿي، پيٽ ڦاڙي ويسين.“

ٿيو بہ ائين ئي جو جوڌپور جي راجا وٽان ڪاڪاٿي قوم جي ٻن رائوڙن جي هٿان مير بجار خان سن ١١٩٤هہ (١٧٨٠ع) ۾ دغاسان قتل ٿي ويو.

(حوالہ، رچرڊ برٽن: ”سنڌي ۽ سنڌو نديء جي ماٿر ۾ رهندڙ قومون.“ ص ٢٢٠)

(٢) حضرت پير بادشاهہ خواجہ گل حسن قدس سره جن کان روايت آهي تہ حضرت خواجہ گل محمد قدس سره جن جو گرهوڙي صاحب کي اڳ ۾ ئي چيل هو تہ جهاد وقت رامڻ ٽالپر کي ساڻ ڪٽجو. جيڪو ٻهاراٿي خاندان جو نوجوان ڳيرو خانپور جو ويٺل هو. جنهن کي گرهوڙي صاحب واٽ تي سڏي وڏي آواز سان چيائين تہ: ”بيا ! وقت اوست“ (يعني هليو آ، اڄ تنهنجو وقت آهي.) هن ڳالهہ لشڪر جي سيني ماڻهن کي تعجب ۾ وڌو.

اهوئي رامڻ هو، جنهن دت گر ڪافر کي الله اڪبر چئي بندوق ڇوڙي، جا سڌي وڃي ساميء جي سيني ۾ لڳي ۽ گهوڙي سان گهلبو رهيو، آخر مري ويو. ۽ سندس لشڪر فرار ٿيو. رامڻ ٽالپر ان جنگ کان پوء بہ ڪافي وقت زنده هيو.

www.maktabah.org

بيهه ته وقت سر ڍال سان بچاءُ ڪري سگهجي. پاڻ يڪدم ڍال واري کي فرمايائون ته:

”سپر سور ڪندياءِ، مرڻ باس ته مير تين !“

پوءِ ته مجاهدن ولي هندن جي لشڪر تي هلان ڪئي. گرهوڙي صاحب پاڻ نڪو هتيار هلايو ۽ نڪي ڪو ڪاوڙ يا پٽ جو لفظ وات مان ڪڍيائون. رڳو ”اياڪ نعبد واياڪ نستعين“ واري آيت جو ورد ۽ الله اڪبر جي نعرن جي ڌم مچائي ڏنائين ايتري ۾ سامي دتگر ڪاريءَ گهوڙيءَ تي چڙهيل، ڪتاري چيلهه سان ٻڌل ۽ نيزو هٿ ۾ لشڪر اڳيان گهوڙي کي ٽپائيندو ۽ ڪڏائيندو نظر آيو، جو ”ماريو، ماريو !“ ڪندو پي آيو. پاڻ رامڻ کي حڪم ڏنائون ته ساميءَ جي سيني ۾ بندوق هڻ. بندوق لڳڻ سان سامي گهوڙي تان آهتجي پيو ۽ سندس ٽنگ رڪيب ۾ ڦاسي پئي، هندن جي لشڪر جڏهن ڏٺو ته سندن سپه سالار ڪري پيو آهي، ۽ گهوڙي کيس گهليندي وتي. تڏهن چيائون ته پهريائين ٻهرين سامي کي بچايون ۽ پوءِ هنن ماڻهن کي گرفتار ڪري وٺنداسين. دشمن ۾ ٿاڪوڙو ڏسي، مسلمان انهن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيا. ساميءَ جي لشڪر تي اچي الاهي مصيبت ڪڙڪي جو سڄو ناس ٿي ويو ۽ گرهوڙي صاحب جا ٻه ڪيترائي ساٿي شهيد ٿي ويا.

مڙهي کي ڍاهڻ ۽ مسجد جو بنياد رکڻ

بزرگ گرهوڙي پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنو ته مڙهيءَ کي ڍاهيو. ۽ بتن کي ڀڃي پورا پورا ڪري ڇڏيو. ۽ لشڪر کي هدايت ڪئي ويئي ته ڪائڻ پيئڻ مباح آهي، مگر ڪنهن شيءِ کڻڻ جي اوهان کي اجازت نه آهي، ۽ لشڪر کي حڪم ڪيائين ته ان جاءِ تي مسجد ٺاهيو. پاڻ انهن جي نگراني پئي ڪيائون ۽ مسجد جي سنڀال لاءِ اتي جي هنگورا ذات جي ماڻهن مان مجاور مقرر ڪيائين ۽ مهاڏيو جي مڙهي واري شهر جو نالو مٽائي ”ديهپور“ رکيائون.

شهادت جو پيالو پيئڻ

چون ٿا ته گرهوڙي صاحب جڏهن اڪيلو ڪنڌيءَ جي وڻ هيٺ ويٺي مسجد جي اڏاوت جي نگراني ڪري رهيا هئا، تڏهن وجهه وٺي لڪانو چانهيو ۽

www.maktabah.org

ستابو گجو بڙڇيون لڪائي وٽس زيارت جي بهاني سان آيا ۽ ڪيس اچي سخت زخمي ڪيائون. مارو ٽيهو جو پريرو وينو هو. جڏهن هي حال ڏٺائين، تڏهن ڊوڙندو ڊوڙندو "ابو، ابو" ڪري اچي گرهوڙي صاحب جي مٿان پيو ۽ انهن ساڳين نامرادن ڪيس تلوار هڻي شهيد ڪري وڌو. اهڙو طرح گرهوڙي صاحب جيڪا ماروءَ جي حق ۾ پيشنگوئي ڪئي هئي تہ سندن رت گڏبو ساپوري ٿي. انهيءَ حادثي تي ماروءَ جي ياءِ الياس ٿيبي هي ٻہ بيت چيا آهن.

ستابو ٿيو عتابو، جنهن ڏکيل ڏک هينو،
گجو گانڊو غير تي، سو اصل عتابو،
لک لعنت لڪاني کي، جنهن سورهہ ڪين سچاتو.

عبدالرحيم اڏ ٿيو، مارو تنهن مٿا،
انهيءَ جا الياس چئي، ليڪا سڀ لٿا.

گرهوڙي صاحب جا ماٺهو حملي ڪندڙن جي پويان پيا، پر بزرگ ڪين منع ڪئي ۽ چيائين تہ انهن کي ڪجهہ بہ نہ چئجو ۽ پڻ عيوض نہ ونجو جو عيوض ڏٺي وٽ آهي، حضرت شيخ صاحب کي تلوارن ۽ نيزن جا گهچ ڏڪ لڳا هئا. پاڻ لاڏاڻي وقت بار بار هي بيت پئي دهرايائون.

ستي وٽ نہ سومري، مٿو نہ ڏو تائين،
قيمتي ڪپڙا، اڇا نہ اوڍيائين
ملير ماٺيائين، ستيءَ سيل سنباهيو (١)

تن ڏينهن اندر سارو انتظام پورو ڪري سومر جي ڏينهن تاريخ ١٧ ربيع الاول سن ١١٩٢ هجري مطابق ١٥ مارچ ١٧٧٨ع تي شهادت جو شربت پيتائين (٢) سندس عمران وقت ٦٣ سال هئي (٣) ۽ هيٺ ڏنل آيت سڳوريءَ ۾ بيان ڪيل مرتبي کي پهتا.

ولا تقولو المن يقتل في سبيل الله اموات بل احياءُ ولکن لا تشعرون."

(١) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ٥٨
(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: "مضمون ۽ مقالا" ص ٩٢
(٣) اڪثر ڪتابن ۾ سندس عمر مبارڪ ٣٠ سال ڄاڻائي وئي آهي سادرست نہ آهي.

www.maktabah.org

(سورة بقر) يعني: ”جيڪي شخص الله تعاليٰ جي رستي ۾ قتل ڪياوڃن تا تن کي مئل نہ چئو، بلڪ اهي جيئرا آهن، پر توهان نٿا ڄاڻو.“ (١) حيرت جهڙي ھيءَ ڳالھہ آهي جو گرهوڙي صاحب جي بدن مان هڪ ڦڙو بہ رت جو ڪونہ نڪتو، تلوارن جا ڌڪ اندران سفيد نظر آيا ٿي. (٢) مير نظر علي ”خاڪي“ ٽالپر سندس شهادت تي قطعو چيو آهي. جنهن جي آخري بيت مان سندن شهادت جو ماده تاريخ نڪري ٿو:

چون تاريخ وصالش جستم ازدل،
جواب آمد، ”بحق خلوت گزيده“

(يعني: جڏهن سندن وصال جي تاريخ دل کان پڇيم تہ جواب مليو تہ: ”هو حق سان وڃي مليو.“) (٣)

چون ٿا تہ وصال وقت امر ڪيو هئائين تہ مون کي يڪدم نہ پوريو وڃي جو چاليهن ڏينهن بعد جيئرو ٿي اٿندس، پر جيڪڏهن منهنجي مڙھہ تي ڪا مک وهي تہ پوءِ هڪدم دفن ڪجو. ساٿين سندس لاش مبارڪ کي سج لٿي ڌارا لڏيو ۽ ٻئي ڏينهن سومهاڻي وقت گرهوڙ ۾ آندائون. ڪجھہ همراز ساٿي اچا پٽ تي سندن حڪم موجب ڪم ڪري رهيا هئا. تہ سندس جنازو اچي گرهوڙ ۾ پهتو سندس شهادت جو ٻڌي ڪيترائي ٽالپر اچي گرهوڙ ۾ ګڏ ٿيا. جڏهن انهن کي خبر پئي تہ گرهوڙي صاحب جو هي فرمان آهي، تڏهن ڪين اچي ڊپ ورتو تہ جيڪڏهن گرهوڙي صاحب جيئرو ٿي اٿيو تہ اسين سخت ڏوراپي هيٺ اچي وينداسين. جو اسان سندن سڏ نہ ورنايو هو. سو اچي تاهوت مچايائون، تہ بزرگ کي هڪدم دفن ڪيو وڃي. آخر انهن جي زور تي جنازو تڙتڪڙ ۾ زمين داخل ڪيو ويو. جڏهن سندس سچا ساٿي پهتا، تڏهن ارادو ڏيکاريائون تہ قبر کوٽي جنازو ٻاهر ڪڍي رکون. مگر خواب ۾ اشارو ٿين تہ: ”اهو عام رواج جي برخلاف ٿيندو. تنهن ڪري ضرورت ناهي.“ سندس مقبرو پير پٺورو اسٽيشن کان ڇھہ ميل اتر طرف واقع آهي.

(١) مير بلوچ خان ٽالپر: ”فردوس العارفين“ (قلمي) ص ١٢٧
(٢) مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون ص ١٤٠
(٣) مير نظر علي ٽالپر: آئينہ اولياء، ص ٧٣

www.maktabah.org

مزار تي قبي جي اڏاوت

حضرت شهيد عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره جي مزار مبارڪ تي عاليشان مقبرو شريف، مير احمد خان شاهواڻي ٽالپر ٺهرايو. مقبري تي جيڪو پيرو مبارڪ رکيل آهي، سو پهريائين، حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره العزيز جي مرقد مبارڪ تي هو. هڻي پيري مبارڪ ٺهڻ ڪري اوائلي پيرو لهرائي گرهوڙي صاحب جي مزار لاءِ موڪليو ويو. جنهن جي تاريخ "رضوان من الله" يعني: ١٢١٣ هجري مان نڪري ٿي.

سندس اهل و عيال

چون ٿا مخدوم شهيد ميان عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره ڪل ٥ شاديون ڪيون هيون. هڪ پنهنجي ڏاڏي پوٽي مگرياڻي مان هڪ نياڻي ٿيس جا پنهنجي ڀائيٽي عبدالله کي پرڻائي ڏنائين، ٻي ڪنين مان جنهن مان هڪ پٽ پيدا ٿيو هوس. پر ڇهن پنجن ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. گرهوڙي صاحب ڪنين لاءِ هميشه فرمائيندو هو تہ:

"خوش هجن ڪني، جني سي ٽني."

ٽي شادي هنگور جا قوم مان ڪيائين. ان مان ٽي نياڻيون ڄاوس، جيڪي ٽئي سيدن کي پرڻائي ڏنائين، جن جا نالاهي آهن، سيد حاجي قطب علي شاهہ، سيد پير شاهہ ۽ سيد ڪرم علي شاهہ. بزرگ خوشيءَ مان اظهار ڪندوهو تہ "سيدن سان سڱيڻو ٿيو آهيان." اهو ئي سبب آهي جو اڄ سوڌو سندس گادي نشين سيد (انهن نياڻن جي اولاد مان) ٿيندا پيا اچن، ڪيس ڪوبہ نرينہ اولاد ڪونہ هو ڪاش جيڪر ڪيس پٽ جو اولاد هجي ها ! ڇو تہ موجوده گادي نشين سيدن جي ايتري تہ ٻي رخي ۽ بي پرواهي آهي جو ڪنهن سان ملاقات بہ نٽا ڪن.(١) چوٿين شادي ٿيين مان ۽ پنجين اوٺن مان ڪيائين پر انهن ٻنهين مان ڪو بہ اولاد ڪونہ ٿيس. گرهوڙي صاحب جا رشتيدار خانپور ۾ رهندا هئا، جن وٽ اڪثر ويندو رهندو هو.

(١) مگريو رفيق احمد بازيد پوري (مضمون) مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ماهوار شريعت سکر ۽ ماهوار الفاروق ڪراچي ڊسمبر ١٩٩٥ع

www.maktabah.org

گرهوڙي صاحب جون تصنيفون

حضرت شيخ عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ڪيترائي ڪتاب لکيا. مگر انهن مان گهڻا ڪتاب مدد خان پٺاڻ جي ڦر لٽ ۾ ڪاهن وقت لڏ پلاڻ جي ڪري گم ٿي ويا. (۱) انهن مان ڪجهه دستياب آهن ۽ ڪن جا صرف حوالا ئي ملن ٿا.

۱- فتح الفضل: هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ مخدوم گرهوڙي صاحب جو پهريون تصنيف آهي. (۲) هن ڪتاب ۾ حضرت سلطان الاولياء جا ۳۴۶ چونڊ مقولا گڏ ڪيا اٿس.

۲- لذت الوصل شرح فتح الفضل: هي ڪتاب عربي زبان ۾ مٿين ڪتاب جي مقولن ڪي شرح سان لکيو اٿس. (۳) هن عذر سان ته، "ولا باس بااختلاف اللسان في اتحاد البيان" (يعني زبان جي اختلاف ۾ ڪا حرڪت ناهي جڏهن بيان هڪڙوئي آهي.)

هن ڪتاب جي ۲۴۳ مقولن جو ترجمو ۽ شرح فارسي ۾ حضرت خواجه گل محمد قدس سره "الورد المحمدي" جي نالي سان ڪيو آهي جنهنجو سنڌي ۾ ترجمو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ۱۹۸۸ع ۾ شايع ڪرايو آهي. مذڪوره ڪتاب جا باقي رهيل ۲۰۳ مقولا مير سيد نور علي شاهه لکوي تڪملةالوردالمحمدي جي نالي سان فارسي ۾ ترجمو ۽ شرح ڪئي آهي.

۳- لوڪات صوفيه: عربي زبان ۾ هي ڪتاب به گرهوڙي صاحب جي تصنيف آهي جنهن ۾ حضرت سلطان اولياء قدس سره جي بيتن مان چونڊ ۸۴ ابيات جي شرح لکيائين. جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو علامه ڊاڪٽر دائودپوٽو صاحب سن ۱۹۳۹ع ۾ پهريون دفعو شايع ڪرايو. جنهن جا بعد ۾ به ايڊيشن شايع ٿيا آهن.

۴-رساله گل نما: هي ڪتاب فارسي زبان ۾ مثنويءَ جي طرز تي

---

(۱) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ۶۴

(۲) خليفه محمود ڪڙيه وارو: ملفوظات محمد راشد رحه جي ياگو ڇهون جي ص ۸ تي لکيو آهي ته، فتح الفضل جو سنڌي نسخو رامڻ ٽالپر پير محمد راشد رحه ڪي نذرانو ڏنو هو.

(۳) ڊاڪٽر گربخشاڻي: لواري جا لعل، ص (ب)

www.maktabah.org

لکيل آهي. اِن ۾ حضرت خواجہ گل محمد محبوب الصمد قدس سره جي شان ۾ مدح ۽ تعريف لکيل آهي. جيڪو اڃا تائين شايع نہ ٿيو آهي.

٥- ڪشف الڪامل: هي ڪتاب عربي زبان ۾ حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي مناقبن جي بيان ۾ لکيو ويو آهي. (١)

٦- المتفرقہ: (هن ڪتاب جا حوالہ، مرغوب الاحباب، ارشاد الباري ۽ ڪلام گرهوڙي ۾ ملن ٿا.)

٧-مروح المتعلمين: (هن ڪتاب جا حوالہ "دائري واري سنڌي" ۾ ملن ٿا. هي فقه جو ڪتاب آهي.)

٨- ماينبغي الحمائل من معدودالمسائل: هي ڪتاب سن١١٧٧هہ (١٧٦٣ع) جو لکيل آهي. (٢)

٩- مڪتوبات: هي ڪتاب فارسي ۾ امام رباني مجدد الف ثاني رح جي مڪتوبات جو اختصار آهي.

١٠- شرح عين العلم:

١١- مجموعہ سنڌيات: هن مجموعہ ڪلام ۾ هيٺيان رسالہ اچي وڃن ٿا.

١- تفسير: گرهوڙي صاحب سنڌي نظم ۾ قرآن پاڪ جي ڪجهہ سورتن جو تفسير ڪيوآهي.

٢-حقيقت محمدي:

٣- ايمان جون صفتون:

٤- سنڌي ترڪي واري:

٥- سنڌي عقائد:

٦- بيان ستن فرضن جو:

٧- بيان توحيد جو:

٨- سنڌي ابيات: وغيره

سندس سنڌي ڪلام جا هن وقت تائين هيٺيان ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. ١. نواب ڄام ڪانيو خان، ليٿو ۾ ١٩٠٣ع، ٢. مولوي عبدالرحيم مڪسي

(١) مولوي عبدالقادر بوبڪائي جي ڪتاب ارشاد الباري ۾ حوالہ هن ڪتاب جا آهن.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ

www.maktabah.org

ليٿو ۾ ١٩٣١ع، ٣. حاجي احمد بن حاجي محمد بمبئيءَ مان ١٢٩٢هه ۴. پروفيسر علي نوا جتوئي ٽائيپ ۾ ١٩٥٥ع، ٥. ڊاڪٽر دائود پوٽو، مصري ٽائيپ ۾ ١٩٥٦ع، ٦. پروفيسر علي نواز جتوئي ٻيو ايڊيشن ١٩٨٩ع، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ٻيو ايڊيشن سال ١٩٩٥ع ۾ ڇپرا ڪيا ويا آهن.

ملفوظات (١)

١- سخن ۾ ٻول سيني شين کان وڏيڪ پلو آهي.
٢- جڏهن الله جو حضور هٿ آهي تہ ٻنهي جهانن جون سڀ مرادون حاصل آهن.
٣- الله کي ياد ڪرڻ کانسوءِ ٻي مشغولي نہ رکجي.
۴- اسين خدا پاڪ جي خواهش تي هلون ٿا، زاهد وانگر پنهنجي خواهش تي نٿا هلون.
٥- قضا تي راضپو ئي الله جي عين ذات جي طلب ۾ توجهہ واري مراد ماڻڻ آهي.
٦- جنهن اڄ هن سڀ کان وڏي (خدا پاڪ) کي نہ ڏٺو سو سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) ان کي ڪيئن ڏسندو. ڳاهہ ۾ اٽ رڳو انڌي ماڻهوءَ کان اوجهل ٿي سگهي ٿو.
٧- عاشق وٽ معشوق کانسواءِ ٻئي جي ڳالهہ اجائي آهي.
٨- دل واري فتوئي حڪم کي لازمي بنائي ٿي، ان لاءِ دليل جي ضرورت ناهي.
٩- جنهن ماڻهوءَ جي نماز ان کي بڇڙاين کان نہ روڪيو تہ اها نماز کيس خدا کان گهڻو پري ڪندي.
١٠- انسان لاءِ ماڻهپي واري وصف ضروري آهي.
١١- قرآن جوبڌڻ ان جي پڙهڻ کان بهتر آهي.
١٢- جيڪا روزي ۽ رزق خدا پاڪ ان لاءِ مقصود ڪيو آهي ان تي راضي رهڻ قناعت آهي.

(١) هي مقولا بزرگ گرهوڙي قدس سره جا، فتح الفضل جي شرح مان ورتل آهن.

www.maktabah.org

١٣- جيئن فرمانبردار لاءِ ڇوٽڪارو آهي، گنهگار کي بہ شفاعت سان ڇوٽڪارو ملي ٿو.
١٤- الله سان شريڪ ڪرڻ جو اهو مطلب آهي تہ تون خدا جي غير سان محبت رکين.
١٥- ذات ۾ نفي ۽ اثبات جي ڪابہ تميز نہ آهي.
١٦- روح دل جي اکين کان سواءِ سڃاڻڻ ۾ اچي ئي نہ ٿو.
١٧- بزرگي جو بنياد حاجتن کي گهٽائڻ تي آهي.
١٨- الله جي ياد ۾ ٻنهين جهانن کي وسارڻ ڪمال ايمان آهي.
١٩- توڪل جي معنيٰ آهي تہ الله تعاليٰ کي وٺڻ ۽ خلق کان ناتو ڪپڻ.
٢٠- خرچ ڪرڻ جا انداز محبت جون تارازيون آهن.
٢١- مال کي خدا لاءِ اهوئي ماڻهو خرچ ڪندو آهي، جيڪو دوستيءَ ۾ سچو هوندو آهي.
٢٢- حقيقت وارن وٽ دوزخ نالو آهي، ناموافق ماڻهوءَ جي صحبت اختيار ڪرڻ.
٢٣- زالون اهڙيون رسيون آهن جو ڪامل انسان انهن سان شيطان کي ٻڌندا آهن. طريقت جي طالب لاءِ زالون اهي رسيون آهن جو انهن سان شيطان سيڪڙاڻن کي قيد ڪندو آهي.
٢٤- جدائي دشمن جي خواهش آهي.
٢٥- جڏهن فقر نهايت کي پهتو تہ اتي خدا آهي.
٢٦- امام زمان جا ڪم الله جي رضا ۽ مراد جي موافق هوندا آهن.
٢٧- متوڪل اهو آهي جيڪو پنهنجا سڀ ڪم دوست جي حوالي ڪري.
٢٨- سيني ڪمن کان بهتر وچٿرو ڪم آهي.
٢٩- مومن مٺو آهي، مٺيءَ شيءِ کي پسند ڪري ٿو.
٣٠- جڏهن دل کي شين جي محبت کان فراغت ملي تہ اهو خدا آهي.
٣١- جيڪا بہ عبادت نفي کان اڳ آهي سا وبال آهي.
٣٢- جڏهن نفي هٿ ايندي تہ اهڙي ماڻهوءَ جو ڪفر بہ دين آهي.
٣٣- اسم اعظم جي صورت کي رڳو انسان اکبر اجاري سگهي ٿو.
٣٤- مجتهد ڪير آهي؟ مجتهد اهو آهي جو پنهنجي دعويٰ لاءِ قابل دليل کي

www.maktabah.org

آئي.
٣٥- مجتهد اهو آهي جيڪو حديث جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻندڙ هجي.
٣٦- اجتهاد بند نہ آهي.
٣٧- جنهن ماڻهن جو شڪر ادا نہ ڪيو، تنهن الله جو شڪر ادا نہ ڪيو.
٣٨- بکون ڪڏهن مريد لاءِ عيدون آهن.
٣٩- عقل واري کي سچائيءَ ۾ عار نہ آهي.
٤٠- صحبت سان ڪوبہ عمل برابري ڪري نٿو سگهي.
٤١- جهان هميشه نئون آهي.
٤٢- ڪامل ماڻهن جي ملاقات هڪ ڪسوٽي آهي، جنهن سان سچ ۽ ڪوڙ پڌرو ٿي پوندو آهي.
٤٣- عمل کان سواءِ علم وبال جو دليل آهي.
٤٤- اڻ ڄاڻائي موت آهي.
٤٥- ذڪر ۽ فڪر جي وچ ۾ فرق اهو آهي تہ ذڪر جو تعلق ذات سان فڪر جو لاڳاپو صفات سان آهي.
٤٦- مقبول ماڻهو اهو آهي، جيڪو حق کي قبول ڪري.
٤٧- خدا جي ذات جو ڪنهن مظهر کان سواءِ پسڻ اصلي ولايت آهي ۽ ذات جو مظهرن ۾ ڏسڻ ظلي ولايت آهي.
٤٨- زماني جي قطب آڏو علم نقلي درست نہ آهي، جيئن پاڻيءَ جي هوندي تيمم درست نہ آهي.
٤٩- ولي جيتوڻيڪ الله جو عين نہ آهي پر ان جو غير بہ نہ آهي.
٥٠- ٻانهي تي رڳو الله جي عبديت واجب آهي.
٥١- مرشد مجذوب سالڪ هوندو آهي. يا سالڪ مجذوب هوندو آهي.
٥٢- انسان ڪامل جوهر آهي.
٥٣- قطب پنهنجي حقيقت کان سواءِ ٻئي سان لاڳاپو نٿو رکي پوءِ قطب جو قرب رڳو پنهنجي دل جي چوڪيداري آهي.
٥٤- بدن جي لذت روح لاءِ عذاب آهي.
٥٥- لاهوت مان مراد آهي ذات باري تعاليٰ، جتي هو ۽ تون جي جاءِ ناهي.
٥٦- حقيقت وارن وٽ، بهشت جو باغ، آب حيات ۽ شراب طهور بہ معرفت جا

www.maktabah.org

نالا آهن.

۵۷- حيرت مان مراد آهي پروڙڻ ۽ تنهن هوندي بہ پروڙڻ کان عاجز هئڻ.

۵۸- شيديء کان ڪاراڻ، کهنبي کان پيلاڻ ۽ آدميء کان عشق هرگز وڃڻ جا نہ آهن.

۵۹- حقيقي ولي ڊپ ۽ اميد جي وچ ۾ آهي.

٦٠- سالڪ گهمندڙ آهي ۽ مجذوب اڏامندڙ.

٦١- سڀ خدا جي ڪري آهي، خدا کان آهي ۽ خدا ڏي آهي.

٦٢- حقيقت شريعت کان ٻاهر نہ آهي.

٦٣- خدا وٽ نفعو ڏيندڙ ايمان اهو آهي جو قلبي هجي.

٦۴- انسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ مخلوق تي وٽ پڪڙ نہ آهي چاڪاڻ تہ ٻين کي ادراڪ نہ آهي.

٦۵- انسان جو ڪمال انهيء ۾ آهي تہ سندس روح بدن کان ڌار ٿئي.

٦٦- جيڪو پنهنجي نفس کان ٻاهر نڪري ٿو، تنهنجا ڏوه بخشيا ويندا.

٦٧- اهو ماڻهو جو حواسن جي دنيا ۾ قاتل آهي سو گويا دوزخ ۾ آهي.

٦٨- رحمان جي جذبن مان هڪ جذبو ٻنهي جهانن جي عمل برابر آهي.

٦٩- جنهن پاڻ جو پردو وچان دور ڪيو، تنهن جيڪڏهين انا الحق جو نعرو هنيو، تہ ان کي معاف آهي.

۷٠- ڪامل انسان کي ڪوبہ گناهہ ضرر نٿو پهچائي.

۷١- جڏهن خدا ڪنهن کي پاڻ پسائي ٿو تہ وري انکان پاڻ نٿو لڪائي.

۷٢- خدائي قرب جو آخرين مرتبو "مقام محمود" جو آهي. جتي الهي تجلي ۽ جلوي کانسواءِ ڪجهہ نہ آهي.

۷٣- خدائي ذات جي حقيقت کي خدا کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڏسي نٿو سگهي.

۷۴- فلڪ القمر دوزخ جي ٻاهہ آهي.

۷۵- سارو عالم خدا تعاليٰ جو مظهر آهي.

۷٦- عارف ڪجهہ بہ بصيرت ۽ درايت کانسواءِ نہ ڳالهائيندا آهن.

۷۷- مومن اهو آهي جو پاڻ چاڻي تہ ڪهڙيون شيون چڱيون ۽ ڪهڙيون شيون بڇڙيون آهن. يا اهو جو نبين ۽ عالمن جي قولن تي ويساهہ رکي.

۷٨- صلات جي حقيقي معنيٰ آهي دوام المراقبه (هميشه مراقبہ اندر رهڻ)

www.maktabah.org

٧٩- نور مان مراد آهي الهي ذات جو نور.

٨٠- نبي ۽ ولي دنيا ۾ ان لاء آيا آهن تہ روح کي پنهنجي اصلي وطن ڏي سڏين.

٨١- وصل کان پوء عبادت ڪرڻ شرڪ جي برابر آهي.

٨٢- فنا ۽ ڪمال جي معنيٰ ئي آهي دنيا ئي تڳا ٽوڙڻ.

٨٣- محبت جا ٽي مطلب آهن، احسان جي محبت، حسن ۽ صفات جي محبت ۽ ٽيون ذات جي محبت، جيڪو انهن ٽن محبتن کان خالي آهي سو ڪافر آهي.

٨٤- توحيد ئي ڪافي عبادت آهي ۽ جنت ئي ڪافي ثواب آهي.

٨٥- قرآن مجيد جي معنيٰ تو ۾ آهي.

٨٦- جنت آهي خدا ڏانهن توجهہ ۽ دوزخ آهي خدا کان غفلت.

٨٧- عارف جو قلب (دل) آرسيء وانگر آهي.

٨٩- علم ٻج وانگر آهي، حال وڻ وانگر ۽ عمل ميوي وانگر.

٩٠- عارف آهي بحر وانگر جو غير فاني آهي ۽ ٻيا آهن موجن وانگر جي ذري ذري ويس مٽائي ناس ٿين ٿيون.

٩١- ڪمال انهيء ۾ آهي تہ هميشه الله سان حاضر رهجي.

٩٢- تون نور آهين ۽ نور وانگر صاف ٿيءُ تہ انهيء راز کي خطا کان صاف لهين.

٩٣- موت کان سواء حياتي نہ آهي.

٩٤- فقيرن جي قلب ۾ نہ ڪنهن شيء جي حب هجي ۽ نہ بغض.

٩٥- مون مرشد (سلطان الاولياء) کان ٻڌو تہ اسان جي مريد کي اها طاقت ناهي تہ اهو مخلوق مان ڪنهن هڪ کا رزق گهري.

٩٦- رابطي لاء شيخ جي صورت جو تصور افضل آهي. جو تہ شيخ قوم ۾ ائين هوندو آهي جيئن نبي پنهنجي امت ۾.

٩٧- جڏهن پورو موحد ٿيندين، تڏهن ذات مطلق کانسواء ٻيو سڀ ڪجهہ فنا ڏسندين.

٩٩- سعيدن جا روح بدن کان ڌار ٿيڻ وقت وڃيو ڪلي روح سان ملن ۽ سندن جاء جنت الماوي ۽ سدرة المنتهي جي پرسان آهي. پرڪمبخت ماڻهن جي روحن لاء آسمان جا دروازا بند هوندا آهن. تنهن ڪري اهي فلڪ القمر هيٺان

www.maktabah.org

پيا پٽڪندا آهن.
١٠٠- مراقبي مان مراد آهي نور جي ظهوري لاءِ هميشه حاضر رهڻ.
١٠١- گناهه اهو آهي جيڪو دل ۾ کٽڪي.

قديم سنڌي نثر (١)

١- ٽڪ ڏنگڙي هلي، ڪڙا پاسن جا جهلي.
٢-راٽي راؤ سان رچي، ابو پائن ري اچي.
٣- ڪافر ڪفر ڪان اڪار، ڪارو ڳڏهه ڦوٽي اجار.
٤- ملون بهشت ڏي هلاء، چتون پاڙهي پروجهاء.
٥- ملون ڪئين بهشت ۾ اچي، ڪوٺي سيرسون سين نچي.
٦- ٻه ڀهاجون پرچاء، ٽلهو مهرلو گهڙاء، وڏو کوهڙو ڪٽاء.
٧- مال ڪهڙو پلو؟ هيون هور نڱان ٽلو.
٨- رزق ڪنهن پر اچي؟ جيئن مينهڙو وسي.
٩- ماسي مانڙي پچاء، امان ڪتڙي وڃاء، ابا مهتڙي اڏاء.
١٠- حاجون سي ڪجن، جيائين ڪاڄڙا سجهن.
١١- ڳالهڙيون تئين ڪجن، جيئن ميڙيون ڪاڃن.
١٢- گرو چيلڙا پڙهاء، ڪڪڙ ٻچڙا چٽاء.
١٣- چيلڙا ڪيئن رچن، جيئن پولڙا نچن.
١٤- ڪئو سڀ پيچ سين ٺهي، ڪنهن پر ہر ۾ پهي.

(١) سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مخدوم شهيد عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره کي پهريون سنڌي نثر نويس سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ڪلهوڙا دؤر ۾ سندس چيل نثري مقولا ملن ٿا. حالانڪ ادبي تاريخ ۾ ٽالپرن جي دور ۾ مخدوم عزيز الله ڏيتو متياروي رح (١١٩٣هه-١٢٧٢هه) جن قرآن پاڪ جو تحت اللفظ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. اهو بزرگ پهريون خوش نصيب سنڌي نثر نويس لکيو ويو. هي بزرگ اصل متيارين جو هو. ۾ زندگي جو ڪافي عرصو درگاهه عاليہ لواري شريف ۾ درس و تدريس جا فرائض مرشدن وٽ ڏنائين. آخر اتي ئي وصال ڪيائين. ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. انهن ئي سن ١٨٥٣ع ۾ سنڌي صورتخطي منظور ڪري دفتر زبان ۽ ذريعہ تعليم بنائڻ جو باقائده فيصلو ڪيو.

www.maktabah.org

١٥- هيڪڙو الله، هيڪڙو ڳالهاء.
١٦- وڏو در الله جو، ونهيو الله.
١٧- نالو الله جو نماڻو.
١٨- وڏو كاند الله جي، كانديرو بادشاهه.
١٩- نالائق نوازي، ڀڳي سڄي ڪري.
٢٠- جيڪي ڪري سو خدا.
٢١- ڏيڻ انهيءَ جو ڪم، بندو ڪهاڙو ڏيندو. بندو سگهوئي ورڇي.
٢٢- بندو جائي گندو، پاڻ پاڪ، بدنو جهاڪ.
٢٣- توڙي اگلا اوڏ، تہ پڻ لاکي چامر جا.
٢٤- گولي آگن وس.
٢٥- چڱائي ڪجي، ڪنهن جي نہ وڃائجي.
٢٦- شڪرانو سندس در، وڏا تورا الله جا.
٢٧- بڇڙي جو پنڊ (بنياد) بڇڙو.
٢٨- جنهن جي واٽ نہ وڃجي، تنهن جو پنڌ نہ پڇجي.
٢٩- بڇڙي جو پنڊ (بنياد) بڇڙو.
٣٠- سڀ ڪو پاڻ کي، آيل پاڻ کي، جيجل پاڻ کي.
٣١- ڪرند پسند، ڏيندا لهند.
٣٢- پيش ڪنهن کي نہ وڃجي.
٣٣- لکيو ٻري، پر نہ ٽري.
٣٤- سڀ ڪو پانهنجي ڪرم جي چٽي ٽولوڙي.
٣٥- ڪنهن جو ڏوهہ ڪونهي، جيڪي ڪري سو الله.
٣٦- مري جواب ڏيو.
٣٧- ڪو ڪنهن جو نہ ٻندو.
٣٨- حق ٽيندو، حق وکيل حق ڪندو.
٣٩- سڀ ڪو پانهنجو وڙ تو ڳالهائي.
٤٠- نيت والمراد
٤١- ڪ كائجي، ڪ او بار جي.
٤٢- جي سڄڻ سڄي ٻانهن ڏي، تہ سچي نہ ڳهجي.
٤٣- جيڪي ڪندو خدا ڪندو، بندو ضعيف ڪهاڙو ڪندو؟

www.maktabah.org

بزرگ گرهوڙي جا ٽي خط
خط پهريون

مرشد ڪامل ۽ قبلة العارفين حضرت مخدوم ميان عبدالرحيم صاحب قدس سره العزيز جو خط مير فتح خان ۽ مير بجار خان ڏانهن

مير صاحب مهربان ميان فتح خان و مير صاحب هشيار با بسيار وقار ميان بجار بعافيت دارين باشد. ونحن ڪذالڪ. آمين.

مير صاحب مهربان ميان فتح خان ۽ مير صاحب هوشيار با بسيار وقار ميان بجار. شل ٻنهي جهانن جي عافيت نصيب هجين، ۽ اسين به اهڙيءَ طرح. آمين!

بعد از سلام آنڪه اين احقر چون از لشڪر دعائي است ڪه به عزت الله و رسوله از لشڪر غزاء برتراست. قال رسول الله ﷺ انما ترقون وتنصرون بضعفاء ڪم، وڪان رسول الله يستفتح بضعفاء المهاجرين.

بعد سلامن جي واضح هجي ته هي احقر دعا جي لشڪر منجهان آهي. جو الله ۽ سندس رسول جي توفيق سان رواجي جنگ جي لشڪر کان گهڻو مٿاهون آهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته: ”ضعيفن ڪريئي اوهان کي رزق ۽ نصرت ملي ٿي.“ ۽ رسول الله ﷺ خود ضعيف مهاجرن کان سوڀ جي دعا گهرندو هو.

مصطفيٰ جويدز مسڪينان دعا وخير خواه شما است بنا برالثالث بالخير. مامسڪين رادرمجادله صغري وڪبري همراه دانند. يعني قوم يزيد م رابقرآن مجيد:

مصطفيٰ دعا ٿو گهري مسڪين کان ۽ پڻ اوهان جو خير خواهه آهي، ٽي دعا خير جي، مون مسڪين کي ظاهري ۽ باطني جنگ ۾ ٻنهنجو همراهه ڄاڻن. يعني ناڻڪ جي (هندو) قوم کي تکي ترار سان ناس ڪن ۽ يزيدي قوم کي قرآن مجيد جي هن آيت سان دفع ڪن: ”جيڪي الله ۽ سندس رسول کي ايذائين ٿا،

الذين يؤذون الله ورسوله، لعنهم الله في الدنيا والاخرة. سازند، وذالڪ من المجالس الاتفاقيه:

www.maktabah.org

غنيمت دان امورا اتفاقي را

قوله تعاليٰ: اذا فرقنا آل فرعون انتم تنصرون؛ يعني في الواقعة الاولي والثالية؛

بيت مثنوي:

يک حسام الدين و ديگر مولوي

جمع گشته موت هر ملحد غوي

و ككفي الله ال مؤمنين القتال

(يعني (؟) بعلم علي سبب عدو نقمة الكافرين)

وقوله تعاليٰ: فما لهو لاء القوم لايكادون ينفقهون حديثا

يا بنا برحق آشنائي وهسايگي، يا بنا بر رسم روزه نماز و تعظيم قرآن كريم. و نا داشتن مذهب غير مذهب قرآن كريم، يا بنا بر حسنات ظاهري ميخواهد كه سرداري شمارا وفادار باشد. يعني

في الدارين موجب سرخروئي شما باشد. اين نعمت عظمي و دولت قصوي وقتي بدست آيد كه

فرامين شريعت رابر فرامين زيد وعمرو راجح دارند.

انهن تي دنيا توڙي آخرت ۾ خدا جي لعنت آهي." ۽ اهو هڪ اتفاقي عجائبن مان آهي. اتفاقي امورن کي غنيمت ڄاڻج.

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته (ياد ڪريو) جڏهن اسان فرعون جي پوئلڳن کي ٻوڙيو، ۽ اوهان اهو رنگ ڏٺو. يعني پهريئن ۽ ٻئين واقعي ۾ بيري. بيت مثنوي: هڪ حسام الدين ۽ ٻيو مولوي جمع ٿيڙا. موت هر ملحد غوي ۽ الله تعاليٰ مومنن کي جنگ کان بچايو. (يعني ڪافرن کي نه سزا ڏيڻ جي سبب جي علم هوندي به (؟) ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته هنن ماڻهن کي ڇاتيو آهي. جو ڪابه ڳالهه نٿا سمجهن؟

يا آشنائي ۽ هسايگي ۽ جي حق موجب، يا روزي ۽ نماز ۽ قرآن ڪريم جي تعظيم ۽ قرآن ڪريم بغير ٻيو ڪوبه مذهب نه رکڻ جي راهه ۽ رسم جي بناء تي يا ظاهري چڱاين جي بنياد تي هي (مسڪين) گهري ٿو ته اوهان جي سرداري ۽ سان وفادار رهي. جنهن ۾ اوهان لاءِ ٻنهي جهانن جي سرخروئي آهي. هي ۽ وڏي نعمت ۽ پراهين دولت انهي ۽ وقت هٿ ايندي، جڏهن شريعت جي فرمانن کي زيد ۽ عمرو جي فرمانن تي

www.maktabah.org

"ان تنصرو الله ينصر كم" بر صحيفة جان نگرند.

بالفعل تعظيم فرمان دين رسول الله ﷺ و اولاد اوتا بجا نيازند، قدرم بر زمين نسايند،

قوله تعالیٰ: ولقد مكنا يوسف في الارض.

تعظيم دين متين بدان خواهد بود كه بخانہ كفر خراب كنند، و مجامع ايشان تفريق شوند، ومهري مهاديو ضرور تخريب كنند، و ايشان را بر مسلمانان حامل نكنند اشداء علي الكفار رحماء بينهم، علامت محمديان همين است.

واز كسي كہ نمازي بود متهكي نگيرند قال رسول ﷺ: علي المسلم جزية و بي نماز را بهلي ندارند، ودر شادي و غمي دعوت نكنند. كه قطع ووصل برائي محبوب حقيقي رواست نہ برائي اغراض دنيا.

هرچہ بجز عشق خدا جان كاهي است.

و بر دروازه شريعت كاردار كسي رادارند كہ مسئلا شرعي نگذارد، و

ترجيح ڏيندا.

"جيڪڏهين الله جي مدد ڪندا تہ الله بہ اوهان جي مدد ڪندو." اها ڳالهہ پنهنجي جان جي صحيفي تي چٽي چڙيو.

حال في الحال جيستائين رسول الله ﷺ جي ديني احڪامن ۽ سندس اولاد جي تعظيم بجا نہ آڻيندا، تيستائين زمين تي پير نہ گسائيندا.

خدا تعاليٰ فرمايو اهي، تہ اسان يوسف کي زمين تي پختو ڪيو.

دين متين جي تعظيم هن ۾ آهي تہ ڪافرن جا بتخانا ڊاهيو، سندن مجموعا ڇڙوڇڙ ڪريو، مها ڏيو جي مڙهي ضرور ناس ڪريو ۽ انهن کي مسلمانن جي مٿان ڪامورا ڪري نہ مقرر ڪريو. محمدين جي هيءَ نشاني آهي تہ: ڪافرن تي سخت هجن ۽ پاڻ ۾ نهايت ٻاجهارا.

۽ جيڪو نمازي هجي، تنهن کان متڪي نہ وٺو رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ: مسلمانن تي جزيو نہ آهي ۽ بي نمازي کي ڀيلي ڪري نہ رکو، ۽ شادي توڙي غمي ۾ ان کي نہ سڏيو. ڇا ڪاڻ تہ ڇنڻ ۽ ڳنڍڻ خاص محبوب حقيقي جي خاطر هئڻ گهرجي ۽ نہ دنياوي غرض لاءِ،

"خدا کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ جان

www.maktabah.org

برشوت وريا ءميل نـيكـند. وقاضي
جاهل رابمذهب محمدي قاضي كردن
روا ندارند. " آگه زرشرع نيست بود
رهزن انعام"

وازقوت مسلمانان لاگـ نگيرند، كـ
خلاف شريعت است. وحصـ زراعت
موجب حكم شريعت بگيرند، كـ بر
مسلمانان ظلم واقع نشود.

و تعظيم اولاد رسول الله ﷺ بدان
است.

كـ هريكي را كـ خانه كند يعني متاهل
گردد، ده جريب سيري كنند يا پنج.
يا ازخود هم طريق اوديگر سپردند
(؟)

حيف ناشد كه اهلبيت رسول گرسنـ
خسپند و تو سير و ملول.

ما امتيان راد ستار وتيغ وقتي زيد كـ از
اهلبيت پيش نخوريم قال عليه الصلواة
والسلام:
"اطلبوني في اهل بيتي."
وقال صلي الله عليه وسلم:
لا ايمان امن بات شعبان و جاره طلو.
"بني آدم اعضاء يكدم يگرند. ومانع

جو ڪاپو آهي."

شريعت جي دروازي تي انهيءَ ماڻهوءَ
کي ڪاردارمقرر ڪجو جو شرع جا
مسئلا چڱي نـ ڏٺي، ۽ رشوت ۽ رياءَ
ڏي لاڙو نـ رکي، ۽ جاهل قاضيءَ کي
قضاوت لاءِ روا نـ رکجو:
"(جو) شريعت کان غير واقف ۽
ڏورن جو چور آهي."

۽ مسلمانن جي قوت مان لاگ نـ
وٺجو جو شريعت جي خلاف آهي.
پوک جي پيدائش جو حصو شريعت
جي حڪم موجب وٺجو، جئن
مسلمانن تي ظلم نـ ٿئي.

۽ رسول الله ﷺ جي اولاد جي تعظيم
هن ڳالهہ ۾ آهي تہ:
جڏهن ڪو منجهانئن شادي ڪري،
تہ ان کي پنج يا ڏهہ جريب زمين جا
سيري طور ڪري ڏيو. يا ازخود
اوهين انجو طريقو (مسڪيني) اختيار
ڪريو.

حيف آهي جو رسول الله جا اهلبيت
بکارا سمهن ۽ تون ڍاول ۽ سست
هجين.

اسان امتين کي پڳ ۽ ترار انهيءَ وقت
سونهي جو اهلبيت کان اڳ ۾ نـ
کائون. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ:
"مون کي منهنجي اهلبيت ۾ ڳوليو" ۽
پڻ فرمايو آهي رسول خدا جي تہ:

از رعايت اين هفت امور هيچ نيست مگر نفس، کہ دشمن خانگي انسان است.

مولوي گويد:

جمله قرآن شرح خبث نفسهاست ورته نور باخهادر باخهاست.

وجامي گويد:

نفس چون نيست در درون باقي
چہ غم از دشمنان آفاقي.

تتمه: نفس چيست تلاش غير شرعي، اين وصيت نامہ خود بخوانند وعمل نمايند

مصرع حافظ:

"جوانا سرمتاب از پند پيران."

والسلام

"ان کي ايمان ناهي جو رات جو ڏاول سمهي ۽ سندس پاڙيسري بکايل هجي." بني آدم هڪ ٻئي جا عضوا آهن.

انهن ستن ڳالهين جي رعايت رکڻ کان ڀيو ڪجهہ بہ مانع نہ آهي، مگر نفس جو انسان جو گهرو دشمن آهي. مولانا جلال الدين رومي فرمايو آهي: سارو قرآن نفس جي بڇڙاين جو شرح آهي. نہ تہ باغن جو نور باغن ۾ ٿي آهي (؟) ۽ مولانا جامي چيو آهي:

جڏهن اندر ۾ نفس باقي ناهي، تڏهن ٻاهرين دشمنن کان ڪهڙو خوف؟

ضميمو: نفس ڇا آهي. ۽ غير شرعي شين جي تلاش. هي وصيت نامو خود پڙهندا ۽ ان تي عمل ڪندا.

اي جوان! ٻيڙن جي نصيحت کان منهن نہ موڙ

والسلام

خط ٻيو (١)

شيخ حاجي صالح ڏاهري ڪرّائي قدس سره ڏانهن

فرمان الله تعاليٰ جو (آهي): مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. (پاڻ ۾ ديني رابطي ۽ اسلامي محبت سان ڳنڍيل آهن. هي رشتو تمام دنياوي رشتن کان مضبوط تر آهي.)

(١) خط ٻيو ۽ ٽيون اصل فارسي ۾ هئا. جن جو سنڌي ترجمو جناب غلام شبير جيسر جي معرفت حافظ رانجهن ۽ مولوي هدايت الله آريجوي کان ڪرايو ويو.

www.maktabah.org

حديث: فرمايو الله تعاليٰ جي رسول الله ﷺ تہ سيئي مؤمن منهنجا پائر آهن.

فرمايو (آهي) مولوي مثنوي (واري تہ): الله تعاليٰ جا ڪامل پانهنجا هڪ وجود وانگر آهن، عام (ماڻهو) بگهڙن ۽ ڪتن وانگر الڳ جنس آهن.

(مطلب تہ الله تعاليٰ جا (خاص) پانهنجا جسم جي عضون وانگر هڪ آهن باقي عام ماڻهو بي احساس ۽ بي مروت آهن.)

حديث: فرمايو الله تعاليٰ جي رسول الله ﷺ تہ: جنهن ڪي الله تعاليٰ جي رحمت کان نااميد ڪيو ويو ۽ گاريون ڏنيون ويون. الله تعاليٰ انهن تي رحمت فرمائي ٿو. پوءِ هن حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ فقيرن جو خدمتگار اهو ماڻهو هجي، جيڪو ٽن ٽولن جي خدمت ڪري. نون طالبن کي تلقين ڪري تہ جئين واٽ ڏسن الله تعاليٰ جي، ۽ وچولن کي ڳالهہ صاف ٻڌائي تہ فاسد خيالات کان ڇوٽڪارو لهن، نيڪن کي سختي ڪري، ڇو تہ درياهہ انهن جو جوش ڀر اچي، جو گهر ڀين جا آباد ڪن. جهڙي طرح سڪل گاهہ ڪي بادشاهن جي باغ کان پٽي ٻاهر ڦٽي ڪندا آهن، مرد اهو هجي، جو درد سان هجي.

جيئن فرمايو حافظ شيرازي رحہ:

اي دل! درد جي عادت ڪر دوا جو نالو نہ پڇ، ڇو تہ خراسان جي جبلن جي برف اونهاري جي سخت گرمي کان سواءِ درياهہ ڀر نہ وهي ايندي آهي. سختي وليءَ تي ٽڙندڙ باغ مثل آهي، جو خادمن جي سختي کي بہ خدمت سمجهندا آهن ۽ اجورو خادمن جو بزرگن تي لازم آهي.

زياده سلامتي.

خط ٽيون

برادر جلي ميان محمد علي ٽالپر خيريت سان هجو!

ويچاري عبدالرحيم جي طرف کان سلام شوق ۽ تصور کان مٿي قبول فرمائيندا.

فرمايو رسول مقبول عليه الصواة والسلام جن تہ: شديد مصيبتون نبين تي پوءِ ولين تي پوءِ ويجهن (پيارن) تي، پيار تي نظر ڪريو آسمان جي

www.maktabah.org

گردش کان ملول نہ ٿين. فرمايو الله تعاليٰ: ڪڏيا وياسين اسان پنهنجي وطن کان ۽ تحقيق ڏکن سان گڏ سک آهن. معلوم ڪري روانو ڪيون ٿا زماني جا حالات هڪ جهڙا ناهن، ان ڪري ان تي غم نہ ڪاءِ مومنن کي سواءِ توڪل جي ڪائي دوا شفا ڏيندڙ نہ آهي.

جئين الله سائين فرمايو آهي: ڪافي آهي الله مدد گار ۽ ڪافي آهي الله فتح ڏيندڙ ڀروسو ڪر الله تعاليٰ تي جو تہ ڪافي آهي الله سائين. وطن جو ڇڏڻ دشمنن جي سختي ڪري سنت رسول جي آهي. جيئن حضرت موسيٰ ڪليم الله ۽ حضرت ابراهيم خليل الله ۽ حضرت آدم صفي الله ۽ حضرت محمد رسول اللهصلواة الله عليه اجمعين ۽ معصوم امامن کي دين جي غم تي جلد فرحت پهتي.

شيخ عثمان مغربي فرمايو آهي تہ: دارو مدار طريقي عاليہ نقشبندي جو ٻن شين تي آهي. هڪ تہ ماٿ ۾ رهڻ يعني قلبي ذڪر ڪرڻ ٻيو خدا تعاليٰ جل شانه تي توڪل ڪرڻ. حضرت ابراهيم خليل الله فرمايو آهي، منهنجي حال مطابق مون لاء ڪافي آهي يعني منهنجي حال جو ان کي علم آهي فقير کي ٽي ڳالهيون ضروري آهن. هڪ اگهڙ جي حفاظت رکي، ٻيو ڪپڙا پاڪ رکي ۽ ٽيون ڪاڌو حلال ڪائي ۽ ٻہ فرمايو اٿن تہ ٻہ شيون مريد جي مٿان لازم آهن. هڪ تہ پنهنجي مرشد جي طريقت تي هلڻ ٻيو ان جو حڪم مڃڻ هر شيءِ ۾ ۽ پير جي مٿان بہ ٻہ شيون لازم آهن. هڪ تہ مريد کي خدا تعاليٰ جي واٽ ڏيکاري ۽ ٻيو مريدن کي پنهنجن ٻچن وانگر ڪري ڏسي. (بيت) جيڪڏهن هزار مريدُ آهن ۽ هڪڙو پريشان آ تہ اهو رسالت کان روڪيل ٿو رهي يعني مرشد.

ٻهرين نصيحت پير جي هي آهي تہ مرشد سان صحبت ڪريو. ۽ ٻي جنس کان پاسو ڪيو. جنت جو باغ ٻن ڪڻڪ جي داڻن تي وڪيائين (يعني آدم عليه السلام)

نامريد (بي اعتقاد) هجان جيڪڏهن مان هڪڙي جوَ تي نہ وڪڻا، هر شيءِ فوت ٿيندڙ آهي سواءِ الله سائين يعني هر شي کي فنايت آهي مگر الله سائين باقي هميشه زنده ۽ هميشه قائم آهي.

www.maktabah.org

هندي ڪافي

اڪ دن ڪلما دل وچ هويا اور نہ ڪوئي پر ناري،
رخ محراب محبوبان والا، مسجد سرنا ڏر ناري.

(١)
نماز هي دل حاضر ناظر، روزي محب نہ ملٺاري،
سٺو وي سيان گال هماري، ناحق بڪ نامر ناري.

(٢)
مچ ڪتانا، مٺا منانا، ڏونهين مڪر ڪرنا ري،
مريد ڪرنا، غريب ڦرنا، ڏونهين جهان گم ڪرنا ري.

(٣)
عبدالرحيم غير محبت سارا ڪسب ڪمانا ري،
هر دم ذاتي ذوق ۾ رهنا، اور خيال نہ چرنا ري.

فقير عبدالله طاهري نقشبندي
شاهه لطيف ڪالوني نانگولائي
ڪوٽڙي

www.maktabah.org

ضميمو
غلط پيشن گوئيءَ جي ترديد

سيني مسلمان ڀائرن کي هن اعلان ذريعه آگاهه ڪرڻ گهران ٿو تہ ڪجھ ماڻهن طرحين طرحين جا ڪوڙ ۽ بهتان درگاهه لواري شريف جي خلاف ڪتابن جي صورت ۾ پيشنگوئن جي صورت ۾ لکائي خلق کي گمراهه ڪيو آهي. جيئن تہ هڪ پيشنگوئي حضرت مخدوم شهيد بادشاهه خواجه عبدالرحيم گرهوڙي صاحب جي نالي منسوب ڪري انجي اندر حضرت مرشد پير بادشاهه خواجه احمد زمان قدس سره لواري شريف جي خلاف غلط حقيقت ڄاڻائي گمراهي ڦهلائي ويئي آهي تہ حضرت مرشدنا جن پاڻ کي رسول خدا سڏائيندا ۽ پاڻ تي ڪلمو پڙهائيندا وغيره. نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي تہ خود غرض ماڻهو عداوت ۽ دشمني سببان ڪوڙ کان ڪم وٺي. حضرت شهيد بادشاهه گرهوڙي جهڙن برگزيده ۽ پاڪ هستين جي ڪلام پاڪ ۾ دست اندازي ڪري ڪوڙيون روايتون ڄاڻائي خلق خدا کي گمراهه ڪن ٿا الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ ان جي رسول پاڪ جو ڪوبہ خوف نٿا ڪن. آئون انهيءَ پيشنگوئي جنهن ۾ ڪوڙي حقيقت ڄاڻائي درگاهه لواري شريف ۽ حضرت مرشدنا جي خلاف جيڪي لکيو ويو آهي تن جي زوردار الفاظن ۾ ترديد ڪريان ٿو ۽ سيني مسلمانن کي آگاهه ڪريان ٿو تہ اهڙن ماڻهن جي سازشن کان پنهنجي ايمان کي بچائين. آءٌ سجاده نشين درگاهه شهيد گرهوڙي رحہ جي حيثيت سان واضح ٿو ڪريان تہ مون وٽ اصل ڪتاب ڪلام شهيد بادشاهه جو موجود آهي جنهن ۾ پيشنگويون آهن ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي اهڙي حقيقت ڪانہ آهي. جي ڪڏهن اهڙي اعلان کان پوءِ بہ ڪو ماڻهو انهيءَ غلط پيشنگوئيءَ تي اعتبار ڪندو تہ اهو جوابدار آهي. خداوندا عزوجل ۽ سندس رسول پاڪ وٽ، منهنجو فرض مون ادا ڪيو.

وما علينا الالبلاغ المبين

دعاگو

سيد احمد شاهه سجاده نشين درگاهه گرهوڙي شريف

www.maktabah.org

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڏانهن منسوب پيشنگوئي

تحقيق ۽ تنقيد جي روشنيءَ ۾

تحرير ۽ تحقيق

مولانا غلام محمد "گرامي" صاحب

ڪجھ زماني کان سنڌ ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڏانهن منسوب هڪ پيشنگوئي موجود آهي، جنهن کان ملڪ ۾ ڪافي غلط فهميون پيدا ٿي چڪيون آهن. حالانڪ تاريخي تحقيق موجب، گرهوڙيءَ جي ڪلام ۾ اهڙي ڪابہ پيشنگوئي موجود ڪانہ آهي، ان متعلق محققانہ ۽ ناقدانہ تحقيق ۽ تنقيد پيش ڪجي ٿي.

سنڌ جي مشهور محقق ۽ دانشور، نقاد ۽ عالم جناب مولانا غلام محمد گرامي صاحب جي هي مدلل تحرير اميد تہ شهيد گرهوڙيءَ ڏانهن منسوب پيشنگوئي مان پيدا ٿيل ساري غلط فهميءَ جو ازالو ڪندي.

سنڌ جي علم دوست محققن ۽ عالمن کي معلوم آهي تہ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (١١٢٩هہ - ١١٩٢هہ) سرزمين سنڌ جو وڏو عالم، فقه، صوفي، اهل دل بزرگ هو. سندس دور ۾ سندس پايي جو ٻيو ڪو بہ عالم سنڌ ۽ هند ۾ڪونہ هو.

هي بزرگ سنڌ جي عظيم بزرگ حضرت سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان قدس سره جو وڏو خليفو هو. سندس تصنيفات ۾ ڪيئي علمي، ادبي، ديني ۽ فقهي ڪتاب موجود آهن، جن جو ذڪر محققن جي تحريرن ۾ موجود آهي.

مخدوم گرهوڙي، عالم ۽ صوفي بزرگ هجڻ سان گڏ، پنهنجي دؤر جو منفرد ۽ عظيم شاعر پڻ هو. سندس ڪلام کي، سنڌ جي مشهور عالم ۽ محقق شمس العلماءُ علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي وڏي جاکوڙ ۽ جستجو، تحقيق ۽ ريسرچ کان پوءِ ١٩٥٦ع ۾ ڇپايو.

ڪلام گرهوڙي سنڌي ادب ۾ هڪ قابل تعريف شاهڪار آهي.

www.maktabah.org

ڪلام جي جمع ۽ ترتيب جي ڪم ۾ علامہ مرحوم جا عرق ريزي ۽ تحقيق ڪئي آهي، ان جو ڪو مثال ملڻ مشڪل آهي، علامہ مرحوم سالن جا سال گرهوڙي بزرگ جي ڪلام جي ماخذات، قلمي بياضن ۽ دستخطي نسخن کي پيٽيندو ۽ پرکيندو رهيو. آخرڪار پنهنجي سالن جي ڪيل تحقيق ۽ ريسرچ کي هڪ بلند پايہ شاهڪار جي حيثيت سان شايع ڪيائون.

انتباه:

علامہ صاحب مرحوم، پيشنگوئيءَ کي پهنجي شاهڪار ڪتاب ۾ شايع نہ ڪيو آهي، ان متعلق "انتباه" جي عنوان هيٺ لکيو اٿس: "عام طرح هڪ سنڌي پيشنگوئي شهيد سونهاري ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي.......ان جي عبارت نهايت ڪچي، ڪريل، بزرگ جي شان وٽان ناهي. ڇاڪاڻ تہ سندس ٻيو ڪلام اعليٰ عليين تي آهي، تہ هي اسفل سافلين تي آهي. ازانسواءِ سيد احمد شاه گرهوڙي واري هڪ خاص اعلان ڇپائي انهيءَ نسبت جو انڪار ڪيو.

(ڪلام گرهوڙي ص ٧٧)

حضرت علامہ جي ان واضح ۽ انڪار ۽ گرهوڙي جي گادي نشين سيد احمد شاه جي ڇپايل واضح ترديد کان پوءِ پيشنگوئي جعلي ۽ مصنوعي سمجهڻ گهرجي. پر جڏهن تہ فتنہ پرور ۽ فساد پسند حلقن طرفان ان پيشنگوئيءَ کي مختلف نمونن ۾ استعمال ڪري، ساده لوح عوام کي بدظن ۽ گمراه ڪيو پيو وڃي، ان ڪري ان جعلسازيءَ متعلق ڪجهہ علمي وضاحت جي ضرورت آهي.

پهرين ڇاپي جي حالت

ان سلسلي ۾ سڀ کان اول، ان پيشنگوئيءَ جي پهرين ڪتابي ڇاپي کي غور سان ڏسڻ گهرجي، جنهن ديباچي ۾، ڇپائيندڙ پاران پڻ شڪ ۽ بي يقينيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي.

www.maktabah.org

ڪتابچي جي صورت ۾ ان پيشنگوئيءَ جو ٻهريون ڇاپو ۱۳۷۹هه ۾ حافظ برداران مڪتبہ شمسيہ، مالڪ محموديہ پريس سکر ۾ ڇپيو ۽ اهو "اصلاح" تان ورتو ويو ۽ فرض ڪيو ويو تہ اها پيشنگوئي مرحوم مخلص جي ٺاهيل آهي. ان متعلق تمهيد ۾ ناشرن طرفان واضح طور تي لکيو ويو آهي:

"انهيءَ پيشنگوئي بابت اسين هيترو ضرور چونداسون تہ اها سموري پيشنگوئي مخدوم گرهوڙي جي نہ آهي، بلڪہ منجهس ڪي ڪي تڪون الحاق طور پوءِ بہ گڏيل آهن."

ان کان پوءِ هترادو ۽ الحاقي تڪن لاءِ لکيو اٿن:

"ايترو چونداسون تہ اهي تڪرا بہ ڪنهن صاحب بصيرت اهل الله ۽ بزرگ جو ئي ڪلام آهي، جنهن ۾ڪجهہ تہ انگريزن جي وقت جي اڪين ڏٺل بد حالات، درد منديءَ سان بيان ڪيل آهن."

ان مان صاف ظاهر آهي، تہ اهو الحاقي ڪلام ڪنهن ٻئي بزرگ جو آهي، جنهن انگريزن جي وقت جي اکين ڏٺي احوال کي بيان ڪيو آهي. جنهن جو مطلب اهوٿيو تہ اهو پيشنگوئيءَ جو تيار ڪندڙ خود انگريزن جي دؤر جو آهي، جنهن اکين ڏٺو احوال جوڙيو آهي. بهرحال اهو فيصلو درست آهي تہ اها پيشنگوئي مخدوم گرهوڙيءَ جي ٺاهيل ناهي، جو گرهوڙيءَ کان صديون پوءِ انگريزن جي دؤر ۾ مجڙتو ۽ جعلي انداز ۾ جوڙي ويئي آهي. انگريزن جي دؤر جي اکين ڏٺي احوال کي ناشرن هن طرح قبول ڪيو آهي:

"هيءَ ڳالهہ خاص ڌيان ڏيڻ جوڳي آهي، تہ موٽرن ۽ هوائي جهازن وغيره بابت اهڙيون پيشنگويون چيل آهن، جنهن وقت اهي شيون وجود ۾ ئي آيل ڪين هيون. !" (ڏسو صفحو ص ۳-۴ ڇپيل ۱۳۷۹هه مڪتبہ شمسيہ سکر، محموديہ پريس سکر)

اهي تڪون ڪهڙيون آهن؟

ان کان پوءِ سوال تو پيدا ٿئي تہ اهي الحاقي شعر ڪهڙا اهن، جي ناشرن مجبوريءَ ۽ معذرت سان ڪتابچي ۾ لاچار شايع ڪيا.

ناشرن ان بابت لکيو آهي:

www.maktabah.org

"عام طرح اها پيشنگوئي ملي نٿي سگهي. انهيءَ ڪري اسان "اصلاح" تان اخذ ڪري، جدا پمفليٽ جي ذريعي ناظرين ڪرام جي اڳيان پيش ڪريون ٿا."

ان کان پوءِ هن طرح جعلي ۽ الحاقي شعر آندل آهن:

آهي "ڪشف" ڪتاب ۾ اهڙي پچارا،
ته لوڏو ايندو لواريءَ کي، ويندي پس زينتا،
ڇهين پيڙهي ڇيه ٿيندو، ويندس امانتا،
ڪري پوندو ڪفر ۾، جيتوڻيڪ منهنجو مرشدا،
چوائيندو پاڻ کي، آهيان رسول خدا،
اهڙا آثار ظاهر ٿيندا، بلڪل ظهورا،
چوائيندو پاڻ تي، ڪلمو شريفا،
لا الله الا الله محمد زمان، رسول الله.

(بقول علامه عمر بن دائود پوٽي جي ته جنهن ڪتاب جو گرهوڙي صاحب حوالو ڏنو آهي اهو علامه جلال الدين سيوطيءَ جو هڪ فتويٰ جو رسالو آهي.)

هي آهن اهي چند ستون جن غلط فهميءَ جو طوفان ڪڙو ڪيو آهي. هيءَ پچار بلڪل غلط آهي، ڇهين پيڙهيءَ جو معيار به غلط آهي. پيو ته اهو سارو هنگامو ۽ فساد خواجه احمد زمان (قدس سره) لاءِ ئي الزام تراشي ڪئي ويئي ته هو پاڻ کي رسول خدا ٿو سڏائي ۽ پاڻ تي ڪلمو ٿو چوائي.

پر "دروغ گورا حافظ نه باشد" جي مصداق ڪوڙن ڪان ڳالهه به ڪوڙي نڪتي. پيسنگوئيءَ ۾ جو ڪلمو ڇپيو ويو اهي، ان ۾ محمد زمان رسول الله ڇپيو ويو آهي. حالانڪ سندن غلط خيال موجب ته: "احمد زمان رسول الله" لکڻ گهرجي ها. پيو ته خواجه محمد زمان اول (قدس سره) ۽ خواجه محمد زمان ثاني (قدس سره) وارا بزرگ صديون اڳ گذريا آهن. ان حالت ۾ پيشنگوئيءَ جو اشارو خواجه احمد زمان ڏانهن آهي.

چوائيندو پاڻ کي، آهيان رسول خدا،
چوائيندو پاڻ تي ڪلمو شريفا،
لا الله الا الله. محمد زمان رسول الله.

www.maktabah.org

پر متين تکن جي آخر ۾ محمد زمان رسول الله آئي پنهني من گهڙت
ڪوڙ جي پاڻ ئي ترديد ڪئي اٿن اگر خواجہ احمد زمان (قدس سره) پاڻ کي
خدا جو رسول چوايو ۽ پاڻ تي ڪلمو شريف چوايائين تہ پوءِ محمد زمان
رسول الله جي پاران تہ احمد زمان رسول الله هئڻ ڪپندو هو ! ان متضاد ۽ غلط
بيانيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ بيت الحاقي ۽ مصنوعي آهن. جي بلڪل غلط ۽
واهيات بہ آهن، تہ مخدوم گرهوڙيءَ کان صديون پوءِ خواجہ احمد زمان
(قدس سره) جي دؤر ۾ جوڙيل آهن. جي سراسر فريب تي مبني آهن.

سوچڻ گهرجي تہ حضرت گرهوڙي، پنهنجي دور جو وڏو بزرگ ۽
علام هو. ۽ سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان قدس سره جو وڏو خليفو هو ۽
سندن ئي هم عصر هو ۽ ابتدا کان ولي وفات تائين نهايت عقيدتمندانہ حيثيت
سان رهندو آيو. جڏهن تہ پيشنگوئي ٿاهنيڙ پل وچان احمد زمان جي بدران
ڪلمي ۾ محمد زمان آندو ! پر جي مخدوم گرهوڙيءَ جو ڪلام هجي ها.
تہ پوءِ ان ۾ پيشنگوئي طور احمد زمان آڻڻ گهرجي ها. جو صديون پوءِ پيدا
ٿيو ۽ جنهن جي ئي زماني ۾ هنگامہ خيز طوفان پيدا ڪيو ويو. ان مان ثابت
ٿيو تہ هي سارو مسئلو نسورو ڪوڙ جڙاءُ آهي، جو زبان ۽ بيان جي لحاظ سان
بہ ڪچو، بي رنگ، بي روح ۽ بي معنيٰ آهي. نہ منجهس الفاظن جي سونهن آهي
۽ نہ ڪو معنوي لحاظ سان ئي عبارت ۾ سونهن ۽ پختگي آهي. ان لحاظ سان
ئي ڏسجي تہ مخدوم گرهوڙيءَ جو اصل ڪلام حسن ۽ خوبيءَ جي بلندين
تي آهي ۽ هي ڪلام معمولي، خسيس ۽ غير شاعرانہ آهي.

علامہ دائود پوٽي بہ صاف چيو آهي:

”ان جي عبارت نهايت ڪچي، ڪريل ۽ بزرگ جي شان وٽان ناهي.“

انطرح مرحوم لطف الله پڻ واضح نموني ۾ هن پيشنگوئيءَ جي
صحت کان صاف انڪار ڪيو آهي. تذڪره لطفي ١٩٤٣ع ص ١٩٠ تي لکيو
اٿس:

”ساٿس (مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي) هڪ پيشنگوئي بہ منسوب
ڪئي وئي آهي. جن ۾ اهڙا واقعات آهن، جن مان ان پيشنگوئيءَ جي صحت ۾
فرق پوي ٿو. ان کان سواءِ ان جو شعر بلڪل ڪريل آهي ۽ فقير صاحب جي
ڪلام سان ڪابہ مشابهت نٿو رکي. تنهنڪري چئبو تہ اها پيشنگوئي ڪنهن

www.maktabah.org

سگهڙ جي ٺهيل آهي."

مرحوم لطف الله بدويءَ جي عبارت نهايت صاف آهي.

۽ ان متعلق ڪنهن بہ تبصري جي ضرورت ناهي.

پيشنگوئيءَ جوڙيندڙ ڪير؟

ايتري بحث کان پوءِ ان سوال جو جواب ڏيڻو آهي تہ: پيشنگوئيءَ جو جوڙيندڙ آخر ڪير آهي؟ ان جي جواب متعلق سنڌ جو مشهور عالم دين مخدوم مولانا امير احمد عباسي کهڙائي مرحوم لکيو آهي:

"اڄڪلهہ هڪ پيشنگوئي جا سندن (مخدوم گرهوڙي) نالي ڇپي وئي ٿي، سا غلط آهي. اها خلافت واري زماني ۾، مولوي احمد علي مجذوب ڏوري ناري واري جي تاليف آهي ۽ گهڻو پوءِ جي چيز آهي."

(ڏسو رسالو مهراڻ نمبر ٣ - ٤ / ١٩٦٦ع مضمون "سنڌي علماء")

ڪنهن بہ ترديد نہ ڪئي !

ياد رکڻ گهرجي تہ مولوي احمد علي مجذوب باقاعده مهراڻ رسالو گهرائيندو هو ۽ پڙهندو هو. آخري عمر ۾ نابين ٿي پيو، تاهم رسالو مهراڻ گهرائي، ٻين کان پڙهائي ٻڌندو هو. پر مخدوم امير احمد مرحوم جي ڪڏهن بہ ترديد نہ ڪيائين ۽ نہ ڪو سندس ڪنهن دوست ترديد لکي موڪلي ۽ نہ ڪو مون ڏانهن ايڊيٽر رسالہ مهراڻ جي حيثيت سان ترديدي خط موڪليائين ۽ نہ ڪو ڪنهن ٻئي دوست کان ڪو خط لکائي موڪليائين.

ان سلسلي ۾ ڪيترن دوستن اها روايت بيان ڪئي آهي، تہ مرحوم مولوي احمد علي مجذوب اسان کي کلي چوندو هو تہ: "برابر اها منهنجي لکيل آهي ۽ ان وقت خلافت واري زماني ۾ تيار ڪيل هئي. يعني ١٩١٤ع کان ١٩٢٠ع جي وچ واري زماني ۾."

ان پيشنگوئيءَ متعلق اڃا بہ وڌيڪ کليل نموني ۾ اعتراف ڪندي ٻڌايائين:

www.maktabah.org

"ها، اها پيشنگوئي منهنجي تيار ڪيل آهي. سنڌ ۾ وڏنڍڙ پير پرستيءَ کي محسوس ڪندي، چند هم مشرب دوستن جي باهمي مشوري سان پراڻي سنڌي ۾ تيار ڪئي ويئي، جيئن ماڻهن ۾ اهو شبهو نه ٿئي ته ڪا هن زماني ۾ ناهيل ! ڪن سياسي ماڻهن جي اشاري تي ان جا خاص حصا تيار ڪيا ويا...... جن جا نالا هي آهن.........."

بهرحال، مصلحتاً اهي نالا ظاهر نه ڪيا ويا.

علامه دائود پوٽي جو خط:

ان سلسلي ۾ علامه دائود پوٽي مرحوم جو هڪ خط پڻ قابل توجهه آهي، جو ڪلام گرهوڙيءَ جي هڪ دستختي نسخي کي هٿ ڪرڻ لاءِ مير اميد علي خان ٽالپر کي ١٩٥٢ع ۾ لکيو ويو هو. ان اصلي خط جو عڪسي فوٽو اميد ته پيشنگوئي متعلق شايع ٿيندڙ ڪتابڙ پيش ڪندا سون.

خط ۾ علامه مرحوم، مير صاحب کي لکيو آهي:

"مون کي خبر آهي ته اها نام نهاد پيشنگوئي بزرگ صاحب (گرهوڙي) جي ناهي. مون کان سرڪاري طرح مسٽر ليمبرڪ به پڇا ڪئي هئي. ۽ مون لکت ۾ جواب ڏنو آهي ته اها پيشنگوئي بزرگ جي ناهي. ڇڪاڻ ته سندن ڪلام اعليٰ عليين تي ۽ هن پيشنگوئي جي عبارت نهايت ڪريل ۽ اسفل سافلين تي آهي. ان باري ۾ جناب پير گل حسن صاحب (قدس سره) جن به مون کي "اعلان حق" جو هڪ صفحو ڏنو هو. اها ڳالهه ثابت آهي ته گرهوڙيءَ جي قديم توڙي جديد نسخن ۾ ها ڪوڙي پيشنگوئي موجود ناهي ۽ جيڪا هن مخلص جي ڇيل آهي ته ضرور ڪنهن خاندان جي دشمن جو دمپختو آهي." (علامه جو قلمي خط)

انڪان پوءِ مير صاحب موصوف کان علامه صاحب راءِ طلب ڪئي آهي ته ان پيشنگوئي کي ڪلام گرهوڙي ۾ آڻجي يا نه ؟ ان متعلق به ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي:

"هيستائين مون کي انجا چار پنج قلمي نسخا مليا آهن، انهن کي پيٽي درست ڪيو ويو آهي. منهنجو خيال آهي ته انکي اصل ڪتاب جي متن مان

www.maktabah.org

ڪيون، ضميمي ۾ ڏيئان. هن عنوان سان: پيشنگوئي منسوب به شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رح ۽ تمهيد ۾ ان کي ڪوڙو ثابت ڪيان. ۾جيڪڏهن اها ڳالهه منظور نه هجي ته موڪو ڪيون ڇڏيانس.

مهرباني فرمائي پنهنجي راءِ صائب کان واقف ڪندا."

ان کان پوءِ مير صاحب جي مشوري سان، اها پيشنگوئي "ڪلام گرهوڙي" جي متن مان ڪيون ڇڏيائون ۽ تمهيد ۾ ان پيشنگوئيءَ متعلق بلڪل صراحت سان ذڪر ڪيائين ته اها بلڪل غلط ۽ لغو پيشنگوئي آهي، جيئن علامه صاحب مرحوم جي راءِ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

مير حاجي محمد بخش ٽالپر جي راءِ

مشهور مورخ ۽ محقق جناب مير حاجي محمد بخش ٽالپر، ميرپور خاص واري ان پيشنگوئيءَ متعلق پنهنجي هڪ علمي تحرير ۾ لکيو آهي ته:

"هت ته درويش گرهوڙيءَ جي نالي پير ڪوڙي ڪوڙ هنيو ويو آهي، گويا "عالم الغيب" جو ڪم هن پيشنگوئيءَ جي وسيلي سان ادا ڪيو ويو آهي. اصل اهڙين غلط پيشنگوين قومن کي آفيم جو نشو پئي ڏنو آهي........گرهوڙي جهڙي جيد عالم ۽ صاحب تصوف تي هي نسورو ڪوڙ آهي، ٿي سگهي ٿو ته مولوي مجذوب مرحوم (مولوي احمد علي مجذوب) جي ڪارستاني هجي.

(ڏسو رسالو مهراڻ نمبر ١ - ١٩٧٢ع ص ٢٢٢ الف)

مير صاحب جي ان ترديد متعلق مجذوب يا سندس ڪنهن دوست ۽ واقفڪار ڪنهن به قسم جي ترديد نه ڪئي آهي.

سيد احمد شاه جو بيان

ان سلسلي ۾ حضرت گرهوڙي بادشاهه جي سجاده نشين سيد احمد شاهه مرحوم "اعلان حق" جي عنون هيٺ بيان شايع ڪرايو هو، جنهن جو ذڪر علامه دائود پوٽي پڻ ڪيو آهي. ۽ اهو حوالو هن تحرير ۾ مٿي بيان ٿي

www.maktabah.org

چڪو آهي. سيد احمد شاهه مرحوم ان پيشنگوئيءَ متعلق چيو آهي:

"نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو تہ خود غرض ماڻهو عداوت دشمني سببان، ڪوڙ ڪان ڪم وٺي، حضرت شهيد بادشاهه گرهوڙي جهڙن برگزيده ۽ پاڪ هستين جي ڪلام پاڪ ۾ دست اندازي ڪري ڪوڙيون روايتون جاڙائي، خلق خدا کي، گمراهہ ڪن ٿا.........آءٌ مٿين پيشنگوئي، جنهن ۾ ڪوڙي حقيقت جاڙائي درگاهه لواري شريف ۽ حضرت مرشدنا جي خلاف جيڪي لکيو ويو آهي، تن جي زوردار الفاظن ۾ ترديد ڪريان ٿو....جيڪڏهن اهڙي اعلان کان پوءِ ڪو ماڻهو مٿين غلط پيشنگوئيءَ تي اعتبار ڪندو تہ اهو پاڻ جوابدار آهي. خداوند عزوجل ۽ سندس رسول پاڪ وٽ. منهنجو فرض مون ادا ڪيو." (دعاگو سيد احمد شاهه سجاده نشين درگاهه گرهوڙي شريف)

درگاهه عاليہ لواري شريف پاران وضاحت

درگاهه لواري شريف جي موجوده سجاده نشين خواجہ گل حسن صاحب، مدظلہ ان غلط پيشنگوئيءَ متعلق فرمايو آهي:

"حضرت خواجہ احمد زمان قدس سره جي زماني ۾ هڪ پيشنگوئي، جنهن جي بناوٽ وارا سنڌ جا بہ ٽي مشهور ماڻهو، درگاهه جا مخالف هئا. جن جو نالو وقت جي مصلحت موجب ظاهر ڪرڻ نٿا گهرون، تن هڪ مصنوعي پيشنگوئي بنائي، جنهن ۾ حضرت خواجہ صاحب متعلق ناشائستا الفاظ آهن. انکي مشهور عارف با الله خواجہ شهيد گرهوڙي جي نالي سان منسوب ڪري، اها مشتهر ڪئي. جنهن جي ترديد سيد احمد شاهه سجاده نشين گرهوڙي شريف جي ڪئي آهي." (ڪتاب لطيفة التحقيق ص ٣ - ٤)

حضرت خواجہ صاحب جي هيءَ وضاحت ڪنهن بہ تشريح جي محتاج ناهي. هر ڪو اهل علم سمجهي سگهي ٿو.

مضمون نگار جو نوٽ

www.maktabah.org

حضرت گرهوڙيءَ ڏانهن نسوب غلط پيشنگوئيءَ جي ترديد لاءِ مٿي آيل محققانہ رايا اميد تہ ڪافي ٿيندا.

ان سلسلي ۾ گذارش آهي تہ رسالہ مهراڻ نمبر ۴ - ۱۹۷۱ع ۾ ان پيشنگوئي متعلق مهراڻ رسالي جي ايڊيٽرجي حيثيت سان جو علمي نوٽ هنيون ويو هو، ان کي دوباره هت پيش ڪرڻ علمي فائدي ڪان خالي نہ ٿيندو. ان نوٽ جو عنوان آهي "پيشنگوئي" ان ۾ چيل آهي تہ:

"مخدوم گرهوڙيءَ جي پيشنگوئي عوام ۾ڪافي مشهور آهي، پر عالمن ۽ محققن وٽ ان جي مستند ۽ تاريخي حيثيت ڪانہ آهي. هن قسم جون ڪيئي پيشنگويون هن ڪان اڳ بہ ڪن وقتي ضرورتن ۽ مصلحتن هيٺ ٺاهينون ويون آهن. اها بہ حقيقت آهي تہ شڪست خورده ذهن جي تسڪين ۽ تسليءَ لاءِ اهو تاثر پڻ قائم ڪيو ويندو آهي تہ هو جدوجهد ۽ عمل ڪان عملي طرح سان ڪناره ڪش ٿي ويهن ۽ پيشنگوئيءَ ۾ آيل فرضي ڪردارن لاءِ انتظار ڪن. ان ڪان اڳ ڪنهن بہ عملي جدوجهد جي ضرورت ناهي.

ان سلسلي ۾ تازو شاه نعمت الله (۷۳۰ هہ - ۸۳۴ هہ) جي پيشنگوئي وڏي اهتمام سان اردو اخبارن ۾ شايع ٿي آهي. ان جي ڇپجڻ ڪان ڪيترن محققن خود ان کي رد ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ اها پيشنگوئي جعلي ۽ مصنوعي آهي، ان ۾ ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ جي فارسي استعمال ٿيل آهي.

مخدوم گرهوڙيءَ جي پيشنگوئيءَ متعلق اهل قلم چاڻن ٿا تہ اها مشهور خلافتي ڪارڪن مولوي احمد علي مجذوب دل جي ٺاهيل آهي. سندس چوڻ هو تہ وڏي جنگ ۱۹۱۴ع واري دؤر ۾ اها ٺاهي ويئي. مولوي مجذوب جا سوين احباب ان قول جا شاهد اڄ بہ موجود آهن." (رسالہ مهراڻ نمبر ۴ - ۱۹۷۱ع نوٽ "پيشنگوئي")

آخر ۾ اها گذارش آهي تہ اها پيشنگوئي موضوع ۽ مواد جي لحاظ سان بلڪل فرضي اختراع تي مشتمل آهي، جيئين شاهہ نعمت الله جي پيشنگوئيءَ کي عالمن ۽ محققن طرفان، تاريخي معيار تي جعلي ۽ مصنوعي چيو ويو آهي. تئين هن پيشنگوئيءَ لاءِ بہ عالمن ۽ محققن جي اها راءِ آهي.

ان متعلق هڪ مڪمل ڪتاب زير ترتيب آهي، جنهن ۾ اصلي ڪتابن ۽ خطن جا عڪسي فوٽا پڻ ڏنا ويندا، جنهن ۾ پيشنگوئيءَ جي غلط ۽ بي بنياد هجڻ لاءِ تاريخي ۽ علمي دليل پيش ڪيا ويا آهن.

www.maktabah.org

اميد تہ هيءَ مختصر تحرير حضرت سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان قدس سره ۽ سندن سجاده نشين متعلق پيدا ڪيل فساد انگيز ۽ بهتان آميز الزامن جي ازالي لاءِ ڪافي ٿيندي ۽ شهيد گرهوڙي رحہ جهڙي برگزيده عالم سان منسوب ڪيل جعلسازيءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيندي.

ڪتابيات

سنڌي

۱- ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو: ڪلام گرهوڙي ۱۹۵٦ع

۲- ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو: مضمون ۽ مقالا، ۱۹۷۸ع

۳- ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽوآ: ابيات سنڌي، ۱۹۳۹ع

۴- ڊاڪٽر گربخشاڻي: شاهہ جو رسالو، ٽي جلد، ۱۹۷۹ع

۵-ڊاڪٽر گربخشاڻي: لنواري جا لعل، ۱۹۳۴ع

٦- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سال ۱۹۹۴ع

۷- ايضاً: سنڌيون. ۱۹۷۰ع

۸- مولوي دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، جلد ٽيون، ۱۹۸٦ع

۹- پير علي محمد راشدي: اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد ٻيو، ۱۹۸۰ع

۱۰- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: لطيفي لات، سال ۱۹۹۱ع

۱۱- لطف الله بدوي: تذڪره لطيفي، ٦٨-۱۹٦۷ع

۱۲- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي: عظيم سنڌي انسان، ۱۹۸۰ع

۱۳- مير نظر علي ٽالپر: آئينہ اوليا، ۱۹۷۴ع

۱۴- شيخ ابراهيم ساند: مقولات تصوف، ۱۹۷۲ع

۱۵- پروفيسر علي نواز جتوئي: شهيد جو سنڌي ڪلام، ۱۹۸۴ع

۱٦- خليفہ محمود ڪڙيہ وارو: ملفوظات روضي ڌڻي، ۱۹۸۱ع

۱۷- معمور يوسفاڻي: (مضمون) سنڌي باب الاسلام، جلد ۱

۱۸- ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر: سنڌ جا اسلامي درسگاهہ، ۱۹۸۲ع

۱۹- شيخ عبد الحق دهلوي: مدارج النبوت، جلد ۱

۲۰- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لغت جلد ٽيون ۱۹۸۴ع

۲۱- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: جنگنامہ، ۱۹۸۴ع

www.maktabah.org

٢٢- مير نورعلي شاهه ۽ مير شجاع لکوي: حاشيه لطيفة التحقيق، ١٩٥٠ع
٢٣- رچرڊ برٽن: سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي ماٿر ۾ رهندڙ قومون (سنڌي ترجمو) ١٩٧٦ع
٢٤- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ٽيون ڇاپو، ١٩٩٠ع
٢٥- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: سنڌ ادب جي مختصر تاريخ، ١٩٨٢ع

اردو

٢٦- محمد حنيف مهر ڪاڇيلو: مشائخ لواري شريف، ١٩٦٩ع
٢٧- محمد حنيف مهر: ڪلهوڙا شکست کان پوءِ ١٩٧٣ع

قلمي ڪتاب

(مملڪ: پيرپادشاهه لائبريري ڀولو ڏوڪري)

٢٨- مير بلوچ خان ٽالپر: فردوس العارفين، سنڌي ترجمو
٢٩- مولوي عبدالقادر ٻوٻڪائي: ارشاد الباري، سنڌي
٣٠- آخوند الهڏنو ٻوٻڪائي: مجلس شريف سنڌي
٣١- مير آدم فقير ٽالپر: سوانح مير بلوچ خان ٽالپر، سنڌي

اخبارون

٣٢- هفتيوار پيغام ڪل ٽنڊو جان محمد سال ١٩٣٩ع کان ١٩٣٤ع تائين
٣٣- روزانه الوحيد ڪراچي: ٢٧ مئي ١٩٩٣ع
٣٤- روزانه عبرت حيدرآباد: ٣١ جولاءِ ١٩٩١ع
٣٥- روزانه هلال پاڪستان ڪراچي: ١٥ سيپٽمبر ١٩٩٢ع

رسالا

٣٦- مهراڻ: ٣ / ٤ / سال ١٩٦٦ع
٣٧- مهراڻ: ٤ / سال ١٩٧١ع
٣٨ نئين زندگي: ١٢ / سال ١٩٨١ع
٣٩- نئين زندگي: ٣ / سال ١٩٩٢ع وغيره
٤٠- الفاروق ڪراچي سال ١٩٩٥ع
٤١- شريعت سکر سال ١٩٩٠ع

www.maktabah.org

حصو ٻيو

سنڌي مداح المعروف حقيقت محمدي

اسم سائ الله جي، سهڻي ٽوڪ ٽيا
جو خالق مخلوقن جو، رهبر رحيما
صلواتون سرور اتي، جو جوهر جهانا
آل احمد ٻيڙيون، پارس ڏيهه ڏيا
ڪٽي عاشق ڪوڏيا، سالڪ سچا را
جي سدا شوق شفيع جي، پڇن پروانا
وڏا طالع تن جا، جي سڪن سيد لاءِ
" المرءُ مع من احب " (١) ايڏي راز رسياءِ
پر سڪڻ سڄاڻي ڪڏهين، هوت هيين ڌاران
" وڪيف يدرڪ في الدنيا حقيقة قوم ينام تسلوا
عنه بالحم (٢) آهي اشارتا
سي ڪينءَ پسن سپرين، جني قلب سٽاءِ ؟
سٽي صورت سنهٽو سڄڻين، آين آرا ماءِ
اي سپ سنهٽو سڄنين، پاڻ پراهم آه
دار دنيا جو جڏي، لنگهه لقاپور ڏانهن
جتي جلوي شاهه جي، سچ چنڊ سڄا ياءِ
" اذالشمس ڪورت، اجهم "،(٣) وچ اوڏانهه
" انا والساعة ڪهاتين السنبابة
والسطيا " (٤) نرتي ڪرنگاهه
" انتم والساعة في قرن " (٥) اتو علي شاهه
" المؤمن مرآة المؤمن " (٦) رمز پڇي رم راه
ڌاران پسڻ پرينءَ جي، حياتي حيف

www.maktabah.org

" الدنيا سجن المؤمن " (٧)، اهڙ ايمانا
هڏ نہ اچي هن ڏيهہ ۾، عاشق آراما
احمد دنيا دار ۾، موران تان نہ مياءِ
تيلانهہ دوزخ مومنين، دنيا جو داراءِ
" كن في الدنيا كانك غريب
اوعابرالسبيل " (٨) پرين پراهون آه
جيڪڏهن دنيا دار ۾، پريغ ٿيا پڌراءِ
تہ هوند نہ رهيو ڪڏهين، ڪافر منجهہ ڪفراءِ
" ينظرون اليك وهم لايبصرون " (٩) هوت نہ هت هياءِ
لالڻ لقاپور رهي، پڌر پاڇو ياءِ
اهي ڏسن ان کي، جي ان ڏيهہ وياءِ
بيا سڀ سٽڻ ڳالهيون، ڪي پسن پاڇو ياءِ
ڳڙ نہ سچاپي ڳالهيين، جان جان ڳڙ نہ ڪاءِ
جان توسڪ شفيع جي، تان لاڳاپا سڀ لاه
دنيا دار نہ دوس جو، نڪر تنه نجهراءِ
ملڪ پسين محبوب جو، جت عيش نہ عيش جهاءِ
سدا سارنگ ٿو وسي، نکو وڻ کو ماءِ
مرض مورائين ناهہ کو، قحط جاءِ نہ ڪاءِ
موت محالي تنهنجو، وائي ويري ناهہ
علم عطائي اتهم، ڪينهي سڪ شبهاءِ
ڏک نہ ٿئي ان ڏيهہ ۾، سيئي سرها
سچ ري سهائو ٿئي، ڪپه ري ڪپڙا
سيڪي ميسر سيڪنهين، ويلي وات نڪاءِ
وجهل ان وطن جي، مون کي ماريو ماءُ !

www.maktabah.org

اٿي پهر اداس ۾، ڳري ماه مٿانءِ
سڄهيس سڪ ساڻيهہ جي، ويتر پاڙيڇاءِ
" امن تذكر جيران بذي سلم: (١٠)، حال منهنجو ماءُ
جنين قرب ڪنڊن سين، مڃر ماڻڻ لاءِ
پلر پيا ڪو سپرين، سانگي سلم جاءِ
جهجان جهوريءَ تن جي، ڳلن سر ڳوڙهاءِ
وري پاڙي پريان، ڪنه پر مڙان ماءِ
ساريو سپرين کي، ڦاٽان فرا قاءِ
مولا ! ميڙ غريب کي، مٺو محبوبا
وصف جنه ورنه جي، مٺو مور نہ آهہ
سسئي، سنهٽي، مون پرين، ماروئي محبوبا
پاڙي مون پرين جي، مجنون مشتاقا
کهڙي مدح گهوٽ جي، جو سيئي سينگارا
مدح ۾محبوب جي، هاتڪ حيرانا
" اللهم صل من ذاته جوهر " والعالم كله عرض " (١١)
احمد اهجاٽا
حقيقت حبيب جي، عجب جهڙي آه
جامع ليل نهار کي، شفق جي ساڃاءِ
" اعيي الوري فهم معناه فليس يري القرب
والعبد منه غير منفحم (١٢) پريان پار اها
فرع فاهم نہ ٿئي، اصل کي اصلا،
عقل اوراهون رهي، احمد عالي جاءِ
حد حسن جي ناهہ ڪا، قرشي ڪمالا
جهڙو صورت سفرو، تهڙو منجهہ معنيٰ

www.maktabah.org

" منزه عن شريڪ في محاسنه، فجو هر
الحسن منه غير منقسم " (١٣) عربي اهڃاڻا
اصل سيني ماهيتن، ماهيت محبوبا
آگو ڄڻئو م انڪي، نڪي مخلوقا
ملڪ ماڳ نہ هوت جي، پريون پينارا
اي سڀ پردا پريان، اوءِ ڪي اور ٿياءِ
موران ناهہ ملڪ ۾، ڪو سيد شريڪاءِ
پڌرو پدمن ۾ ٿئي، عدد مور نہ آهہ
حسن جوهر هيڪڙو، ڪثرت جاءِ نہ ڪاءِ
ناهہ ججهائي جوت ۾، توڙي ڏهہ لک ٿين ڏيا
حسن حقيقت هڪڙي، بيحد بروزا
سرور آخر صورتين، مهڙ منجهہ معنيٰ
اصل عالم مون پرين، علت ايجادا
آدم ولد ان جو، توڙي والد آهہ
والد آهي وڻ جنئن، ميوو مولودا
" اول الفڪر آخر العمل " (١٤) پريان پر اها
پاڻان سونهين مون پرين، پيا سڀ ان سببان
نرل نوري پاڻ ۾، پين نور اتان
صلواتون سرور اتي، عالم تي انڪان
لالڻ سندي لڳئين، رحمت رنگ ڪيا
حسن ڏاران هوت جي، جلوو جنت ناهہ
حسن حورن ڪي سريو، سيد صحبت ڪان
سچي سونهہ شفيع جي، پئن هوت هتان
" وما ارسلناڪ الارحمة للعالمين " (١٥) احمد ريءَ

www.maktabah.org

اونداه
اڳي وٺيو ان سين، اهوئي محبوباءِ
ٻاجهہ نہ پوي ٻئن تي، مولي کي مورا
مگر محمد جام کان، ڪي حسن هٽ ڪندا
پاڙي رهي پرين جي، مجنت ماٺيندا
تڏهہ تسي تن تي، سيد جي سببا
"وما ڪان الله ليعذبهم وانت فيهم" (١٤) پرتا پرين سندا
وڏا طالع تن جا، جن ساجن ساءُ
سيد سلوٽا ڪيا، ملاحت منجهان
جت اثر حقيقت هوت جو، نيشاني نورا
اتي عيد مدام جي، جکيءَ جاءِ نہ ڪا
"لهم بشري في الحياة الدنيا" (١٧) ايڏي مان مڙيا
بشرا مڙيا بود لا، گوندر سڀ گيا
پير سندا پٽ تي، اين اوتارا
حقيقت حبيب جي، پسندي پر ٿيا
ڏيهہ لنگهيائون ڏک جو، سک سر سونهاٽا
بابو بوءِ بشير جي، سنگهندي سون ٿياءِ
لوڪ جڏيائون لوه جو، ٿيا پارس پاڙيچاءِ
ماهيت محمد شاهہ جي، آهڙي عجيباءِ
صلحي سانس سک ٿيا، ٻر ٻر ٻئن لاءِ
"فاتبعوني يحببكم الله" (١٨) جي گڏيا سي اڏيا
"وکل آي اتي الرسل الڪرام بها بانما التصلت
من نوره بهم (١٩)، سٽي ڪر صحيا
ملڪن آدم مجيو، سيد جي سببا

www.maktabah.org

ٻيڙي طوفانان نلگي، نرمل جي نظرا
احمد ابراهيم ۾، اَڙاهہ اجها ياءِ
بحر موسيٰ مڃيو، ساڃن جي سانجاءِ
مٺي در دوستن جي، درسن دائودا
شوڪت سليمان کي، نوريءَ جي نظران
قدرت قريبن جي، ڦيريو فرعونا
ملڪ سڀ محبوب جي، پسي پاڻ سنداءِ
گهر ڏجاڻي گهور ڏئي، تمين ٽانڊي لاءِ
حسن منجهہ حبيب جي، محو منصورا
دوئي ڇڏيو دوست سين، واري صلح واءُ
گهر تڙ گهوري جندڙو، صدقو ڪري ساه
دعويٰ ڇڏي دوست سين، نمي نيازان
ٿورا مڃين سڄڻين، نہ ڄڻن فرعونان
آءٌ جي آهيان ڪينڪي، هي سڀ حبيبان
تماچيءَ جو تاب پيو، ميءَ ڪي مان ڪيان ؟
" لئن شڪر تم لازيد نڪم " (٢٠) پاڻ م پسي ڪا
شڪر وٺي سڄڻين، شرڪت شيطان نا
ملڪ سڀ محبوب جي، تنهنجو تر نہ آه
اپ پون ڪرسي، عرض ٿيو ملڪ محتاجا
" وله الحمد في السماوات والارض " (٢١) لالڻ حمد لواءِ
پيوند ڌاران پرين جي، مڙيئي مردودا
مجنئ محمد جام جي، عالم اجاريا
پلئہ لڳئي پرين جي، اڳلا سڀ اگهيا
صحبت سپرين جي، ڪلي عيب ڪٽيا

www.maktabah.org

"الحمد يملا مابين السماءِ والارض" (٢٢) صحبت اهڙو ساءُ
ذرو زليخا سريو، سيد سونهن منجهان
مهتر يوسف منگيو، هسن حبيبن کان
سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، پرين پينارا
بهشت باغ بشير جو، لاڳاپي لطفا
مظهر نار نذير جو، ڪرشمون قهر سندياءِ
لطف لالڻ هٿ ۾، غضب بہ غلاماءِ
لطف لهرين اڳرو، ڪنڌي قهر نہ ڪاءِ
جيري پاڻيءَ پنيو، حسن هوت هٿان
جيڪي جنين، مگيو، اهو ان عطا
ڪي قتل جا ڪوڏيا، ڪي عاشق ايمانا
موجب سڪا سائلين، بخشي بشرا
موڪو مدينو مشڪ سين پرين پر ڪيا
ڪافر دوزخ ڪوڏيا، احمدات مڪا
سيت سڪن پرينءَ ڪي، مڙئي مخلوقا
پر ساجاءِ وارا سڪ ۾، واءِ ٻين ڪي واءِ !
" اهل المعروف في الدنيا هم اهل المعروف
في الا خرة (٢٣) سا جاه مڱ سدا
مارو پاٽي پيجري، پچن لالن لاءِ
ڪکر منجهہ قريب جي، سڪن سنگهارا
ساڄن سندي سونهن ڪان، سرڪي سمونڊا
امل ماڻڪ منجر موريا، دلاسي دوسان
خوشبوءِ ڪٿوريءَ ۾، ورنهہ وصالان
پنهونءَ راڻي پنيو، جانب جوت منجهان

www.maktabah.org

مومل پسي مات ٿي، حبيبي حسنان
برقين مير بشير، جنھ ايڏا اوج ڪياءِ
پاڻ پريان کي جن ڏٺو، تن وائي وات نڪا
وڃي هنيڙي هٿڙا، ويٺا ويچارا
جيرائي جهان کان، لاهوتي لڏيا
خالص خياتن کان، هوتن هٿ ڪيا
ڳجھ اندر جون ڳالهيون، نازڪ نياپا
ان سين اوري مون پرين، انت نہ ڏٺي عاما
" والذين اوتو العم " (٢٤) ايڏو ان ڪرما
فڪر قولھ م ڳالهڙي، ڪھڻ جاءِ نڪا
مٿو هن مهراڻ جو، لڌو نہ لوڪا
ڪکن مٿان ماڪڙي، چٽيندي چريا
ستي پاڻيءَ صاف جي، ڪنهن کي ڪوڙين منجهان
علم لوح قلم جا، دنيا آخر تا
سرڪي هن سمونڊ جي، پڌر پيئي آه
ازل ابد جي وچ ۾، دريا دور ڪيا
مٿو موران نہ اچي، عشق آراما
پرت پوري نہ ٿئي، نور نهايت ناه
مٿو محمد نہ ليي، سيد سمونڊا
لالڻ لباسن ۾، جانب ڏٺي جلوا
" ڪل يوم هو في شان " (٢٦) هر دم هيڪا ندا
جتي نالو هيڪڙو، اتي هيو پڻ آه
سرت سمجھج ڳالهڙي، متان پلين پورا
ڏورج سونھ شفيع جي، جوڏس جوڏارا

www.maktabah.org

اندر باهر احمدي، نوري نظارا
نوڻ نهار ج سپرين، ڏورج ڏني ڏانهہ
بر ۾ جاءِ بشير جي، اپ پون اوطاقا
صحبت سپرين جي، ڪک پن ڪکوريا
عيش عيدون لذتون، باغن بهارا
اثر پريانِ جي پير جو، لاکيٽو لا لاءِ
"ڪل جديد لذيذ" (٢٧) تڙ تڙ تازو ساءُ
آگا ميڙ "عبدالرحيم" کي، مٺو محبوبا
اندر آئي عين کي، اوري نہ آرما
لوک لهرين سيڪڙو، مون پرت پاٿيءَ ڏانهہ
مان ساڪن ٿيان سير جو، ماٿيان باغ بقاءَ
لهريون اچٿيون وجٿيون، سمنڊ سدائين آه
"العلم بحر وعلم العلم امواج" (٢٨) وجهلان وحدت لاءِ
وحدت سندي ويرد ۾، احمد اوطاقا
پرور پرين ميڙ مون، وڃان وڃ وڃاءِ
نير نماڻيءَ پير ۾، بيحد بند ٿياءِ
ڪو وارثين واءُ وصال جو، جنين پسان پاڙيچا
قلب ڪثرت قيد ۾، سکي ساٿيها
جت احمد حامد سو ٿيو، سوئي محمودا
سوئي ساءُ قهر ۾، جهڙو لطف لاءِ
وه ليلان جو مجني، مٺو ماکيءَ ساءِ
سو اونداهي، سو سوجهرو، سو پنهون، سو ڪيچا
سوئي ساءُ اکن ۾، سوئي ڪماندا
سسئي سمرو نہ پچي، جنه جني ٿيو چپرا

www.maktabah.org

سوئي صحت سڪار ٿيو، سو ڏک ڏڪارا
رسڻ پريان راحتون، گاريون گلن ساءِ
وڻ نہ ڪومائي ڪڏهم، مڪري مداما
سدا قلب ڪڪوريو، محبت ملارا
سرءُ سيارو، واهندو، ساوڻ آڙهاڙا
مينهن مدامي ميٺ سين، ڪڪرن قرارا
ڏک مٺا ان ڏيهہ جا، سهسين سکنئا
لنگهڻ گهارڻ گهر ۾، ڪوءِ پلاءِ پرڏيها
اچي جان ان ڏيهہ جي، هينڙي کي هيراءِ
ڪٿوري جا تاتار جي، تنهہ جو تل نہ ساءُ
ووءِ ووءِ ان وطن جو من ۾ ماتا مان
سک ساريو سور چران، ڪنهہ در ڏيان دانه
لکيو لوڙيان جيڏيون، ڳاڙيان ڳل ڳوڙ هاءِ
ٿورا ٿاريلن جا، ساريو مران ماءُ
ڪ پاڙيچن پار ڪٿان، ڪ سرهي سائيها
" لهم مايشاعون فيها ولدينا مزيد " (٢٩) اهنج ان ڏيها
اخوانا علي' سرور متقابلين پاريچن پارا
باري ! بند پري ڪريين، وڇوڙيا ميڙاءِ
قادر ! ڪوٽ ڦٽائيين، عمر جو آگا
تہ پسان پاڙيچن کي، جني سيباٺو ساه
اندر آٽي اڄ مري، ڦاٽي فراقا
جيڪي موڪل موت کي، جيڪي محب ملاءِ
اکٽ خزانا تو ڏٽي ! سڻ مون سوالاءِ
جهجان جهوريءَ جن جي، سيئي دوست دکاءِ

www.maktabah.org

كنڌي ناهہ كرم جي، خالق مون مڱڃاءِ
كين مڱان ٿو مورهين، ميڙائي ڏاران
ڪ ائين مرندس هت، پڇندم پسا ها !
ڪ ملندس محبوبن كي، سرهي ساٿيها !
فكر ڦوري هٿ ۾، هنيڙو حيرانا
تند توكل جي لهان، تہ كر مون لک لڏا
صبر ساڻ سلام ري، موران ماڙ نہ كا
آگو راضي ائين ٿئي، جئن تون ساڻ رضا
كوه كريان، كيڏانهہ وڃان، منهنجي وس نہ كا
جان كڃان تان كڙي ٿيان، صبر ۾ وه ساءُ
مرڻ منهنجو ناه كو، جيڻ جاءِ نہ كا
" لا يموت فيها ولا يحيٰ " (٣٠) هي مون حال ٿيا
" كل ماقدر يكون " (٣١) انگ اڳهين لكيا
امڙ ايريو مون ڏنو، تنگ تنجئا انگڙا
اوڏهي سين اينءَ تيو، هاٿي ڏوهہ ٿيا
" من صمت نجا " (٣٢) كڇڻ جاءِ نہ كا
جيكي ڏنو سڄڻين، سو سهہ سريرا
رات پڇاٿان ڏينهہ ٿئي، روزي تان عيدا
مينهہ پڇاٿان تاڙي، سبڻ ڦاٿڻ لاءِ
بک ريءَ كاڃ نہ كانجي، صحتيين ويچ كها ؟
" لاتيئسوا من روح الله (٣٣) ڏي دل كي دلاسا
تہ سگها ملندءِ مارئي، من سک محبوبا
ركج محبت مارئي !، وڃانج م وفا
" اوفوا بعهدي اوف بعهد كم " (٣٤) سيڻن سچ سهاءِ

www.maktabah.org

" لنءُ لاڪيٽي ڏيهہ جي، پر ڏيهي پهتاءِ
" من احب شيئاً اكثر ذكرة " (٣٥) اندر آڳ جلاءِ
جسو زنجيرن ۾، هينئڙو هت رهاءِ
" الدنيا جنة الكافر " (٣٦) پرهہ م پتو لا
نڪ وڃيو تنهہ نار جو، جنهہ ور ري ويس ڪيا
" من لبس الحرير في الدنيا لم يلبسه
في الاخرة (٣٧) اي ٻجهہ اشارتا
" فاذكروني اذكركم (٣٨) سارڻ سارڻ لاءِ
مولا ! وطن ميڙيين، جي سڪن ساٿيهاءِ
بخشين ڏوهہ ڏوهاريئن، ڪلمون قلب ڪهاءِ
پاڻ پساءِ اڪيين، پاڙي پرين رهاءِ
هادي وقت هلڻ جي، ڪلمون قلب ڪهاءِ
لا اله الا الله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي عبارتن جي معنيٰ

١- المرء مع من احب: (ح): ماڻهو انهن سان گڏ هوندو، جن سان ڪيس محبت هوندي

٢- وڪيف يدرڪ......الخ: ۽ ڪئن لهندا سندس حقيقت ڪي اهي ماڻهون جي ستل آهن ۽ خواب ڏسي پاڻ کي خوش ڪري رهيا آهن؟

٣- اذالشمس ڪورت......الخ (ق) جڏهن سج ويڪيو ويندو.

٤- انا والساعة......(ح) مان ۽ قيامت جي گهڙي ائين آهيون جئين ڏسٽي ۽ وچين آڱر.

www.maktabah.org

٥- انتم والساعة...... اوهين ۽ (قيامت جي) گهڙي هڪ صديءَ اندر آهيو.
٦- المؤمن مرآة المؤمن: (ح) مومن، مومن جو آئينو آهي.
٧- الدنيا سجن المؤمن: (ح) دنيا مومن لاءِ بنديخانو آهي.
٨- كن في الدنيا.....(ح) دنيا ۾ ائين هج جڻ تہ تاريو آهين يا واٽهڙو.
٩- ينظرون اليڪ.....(ق) توڏي نهارين ٿا حالانڪ اهي نٿا ڏسن.
١٠- امن تذكر..... ڇا ذوسلم جي پاڙيسرين جي يادگيريءَ ۾ تون اکين مان ڳوڙها هاري رهيو آهين؟
١١- اللهم صل علي.....اي الله برڪت موڪل ان تي جنهن جي ذات جوهر آهي.
١٢- اعيي الورئ.....سندس رسول الله صہ جي معنوي ڪمال جي فهم ماڻهن کي ٿڪائي ڇڏيو، سو پري توڙي اوري ان ڳالہ ۾ ڪو بہ سواءِ گهٽيل جي نظر ڪونہ ٿو اچي.
١٣- منزه عن شريڪ... پنهنجي خوبين ۾ ڪنهن بہ شريڪ کان پاڪ آهي ۽ سندس حسن جو جوهراڻ ورهايل آهي.
١٤- اول الفكر..... فڪر خيال جي اڳيان آهي عمل جي پڇاڙي.
١٥- وما ارسلناڪ...(ق) ۽ نہ موڪليو اسان توکي مگر جهانن لاءِ رحمت ڪري.
١٦- وما كان.....(ق) ۽ الله انهن کي سزا ڏيڻ وارو ناهي حالانڪ تون منجهن موجود آهين.

www.maktabah.org

١٧- لهم البشري.....(ق) انهن واسطي خوشخبري آهي دنيوي حياتي ۾.
١٨- فاتبعوني...(ق) پوءِ منهنجي پيروي ڪريو ته خدا تعاليٰ اوهان کي پيار ڪري.
١٩- وڪل أي..... ۽ جيڪي معجزا نبين سڳورن آندا اهن، سي سڀ ڪين سندس (پاڻ ڪريمن جي نور کان مليا آهن.
٢٠- لئن شڪرتم....(ق) جيڪڏهن تحقيق اوهين شڪر بجا آڻيندا، ته آءٌ اوهان کي وڌائيندس.
٢١- وله الحمد.....(ق) ۽ سڀ ساراهه آسمانن ۽ زمينن ۾ سندس لاءِ ئي آهي.
٢٢- الحمديملا.... جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي، سو سڀ الله تعاليٰ جي حمد سان ڀريل آهي.
٢٣- اهل المعروف...... دنيا ۾ چڱائي جا صاحب، آخرت ۾ پڻ چڱائي جا صاحب آهن.
٢٤- والذين.....(ق) ۽ اهي جن کي علم ڏنو ويو آهي.
٢٥- ڪل يوم هوفي شان (ق) هر روز هو هڪ (نئين) شان ۾ آهي.
٢٦- ورفعنا لڪ ذڪرڪ (ق) ۽ اسان تو لاءِ تنهنجو نالو بلند ڪيو آهي.
٢٧- ڪل جديد لذيذ: سڀ ڪا نئين شيءِ وڻندي آهي.
٢٨- العلم بحر.....علم هڪ سمونڊ آهي ۽ علم جو علم موجون آهن.
٢٩- لهم ما يشاعون...(ق) سندن لاءِ ان ۾ (جنت) آهي،

www.maktabah.org

جيڪي اوطلبين ۾ اسان وٽ اچا ﺑﻪ وڌيڪ آهي.
٣٠- لايموت فيها...(ق) نڪي انهيءَ مرندو نڪي جيندو.
٣١- ڪل ماقدر يڪون.... جيڪي ڪي تقدير ۾ لکيو ويو آهي، سو اوس ٿيندو.
٣٢- من صمت نجا.... جو ماٺ ڪندو، سو ڇوٽڪارو پائيندو.
٣٣- لاتيشوا.....(ق) الله تعاليٰ جي رحمت کان نااميد نه ٿيو.
٣٤- اوفوا....(ق) توهان مون وارو واعدو پاڙيو ته آءٌ اوهان جو واعدو پاڙيان.
٣٥- من احب شيئا.... جيڪي ڪنهن شيءِ کي پائيندو آهي ته هر هر ان جو ذڪر ڪندو آهي.
٣٦- الدنيا جنت الكافر: (ح) دنيا ڪافر لاءِ باغ آهي.
٣٧- من لبس... جيڪو هن دنيا ۾ پٽ پهريندو سو آخرت ۾ نه پهريندو.
٣٨- فاذكروني اذكركم (ق) مون کي ياد ڪندا ته آءٌ ﺑﻪ اوهان کي ياد ڪندس.

شجره طريقي نقشبندي مجددي لواري شريف

حضرت سيدالكونين، محبوب رب العالمين سيدنا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم
حضرت اميرالمؤمنين وامام الاصدقين سيدنا ابوبكر صديق رضه.
حضرت شيخ المشائخ حافظ انجيل والفرقان خواجه

www.maktabah.org

سلمان فارسي رضہ
حضرت متفقہ عالم خواجہ قاسم بن محمد بن ابوبکر صديق رضہ
حضرت مظهر اطهر خواجہ امام جعفر صادق رضہ
حضرت سلطان العارفين خواجہ شيخ بايزيد بسطامي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ ابوالحسن خرقاني قدس سره
حضرت شيخ خواجہ ابو علي فارمدي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ يوسف همداني قدس سره
حضرت شيخ خواجہ عبدالخالق غجدواني قدس سره
حضرت شيخ خواجہ عارف ريو کري قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمود الخير فغنوي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ علي عزيزان قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمد بابا سمامي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ سيد مير گلال قدس سره
حضرت شيخ خواجہ بهاؤالدين نقشبند قدس سره
حضرت شيخ خواجہ يعقوب چرخي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ عبيدالله احرار قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمد زاهد قدس سره
حضرت شيخ خواجہ درويش قدس سره
حضرت شيخ خواجہ امکنکي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمد باقي دهلوي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ احمد امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره

www.maktabah.org

حضرت شيخ خواجہ محمد سعيد سرهندي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ عبدالاحد سرهندي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمد حنيف سرهندي قدس سره
حضرت شيخ خواجہ محمد زڪي سرهندي قدس سره
حضرت شيخ ابوالمساڪين خواجہ محمد ٺٽوي قدس سره
حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان صاحب اللواري قدس سره
حضرت مخدوم شهيد خواجہ عبدالرحيم گرهوڙي قدس سره
حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد قدس سره
حضرت غوث عالم خواجہ محمد زمان ثاني قدس سره
حضرت قطب ڪبير خواجہ محمد حسن مدني قدس سره
حضرت امام الاولياء خواجہ محمد سعيد مڪي قدس سره
حضرت امام العارفين خواجہ احمد زمان قدس سره
حضرت پير بادشاه خواجہ گل حسن قدس سره
حضرت راحمي بادشاه خواجہ پير حاجي فيض محمد قدس سره
حضرت پير طريقت، صاحب شريعت، قطب الارشاد خواجہ
پير محمد صادق نقشبندي مجددي جن ان مسند ارشاد تي هن وقت جلوه افروز آهن.

www.maktabah.org

سنڌي بيت
(الف - ب وار)

(١)

اتر وچ چمڪي، ڏکڻ ٿيو اهاءِ
هنيڙو مون باغ ٿيو، جهوپي منجهہ نہ ماءِ
ساقي سرڪ پيار، عقل مون کي اهڪ ٿيو.

(٢)

اٽڪل اکڙين، وجي پيئي لاڪ تي
ڪارو ڪين پسن، لوڪ مڙو ئي لاڪيو.

(٣)

آتي رات اٿي ڪري، پيرڻ پيريو جن،
ڪاپو سندو تن، اڻ توريوئي اگهيو.

(٤)

اداڙي آخوند !، مار م معصومن کي
جي وٺي هئي ڪا تو ۾، سنڌي برهہ بوند
هئين نہ مارين هوند، ملان معصومن کي.

(٥)

اڪ ابتي وار، سبتي سور پرائيو
هئي ڏانه ڪيم نهار، سجڻ ريسارو گهٽو

(٦)

اڪ پريان جي اڪ ۾، جنين پاتي اڪ
سجڻ گڏئو تن کي، ٻيا مڙيئي مڪ.

(٧)

اڪ پريان جي اڪ ۾، پيهي ويئي اڪ
ماٺهو اهوئي ياڻئيان، ٻيا مڙيئي مڪ.

(٨)

www.maktabah.org

اکڙيون مليرﺋ، جنين راتو ڏينهه
اجاري اڇا کيا، نيڻ تنين جا نيهه
عمر ڪندو ڪينءَ، انين آسائتن سين.

(٩)

احمد سوئي احد ٿيو، وٺو ميم وڇان
"انا احمد بلاميم"، سيو فرق فنا.

(١٠)

اجرديءَ جي جوڙ، جن سري سي سون ٿئا،
عقل مٿي اورئين، ڪرن سندا ڪوڙ
وحدت سندي ووڙ، ڪوڙيئن منجهان ڪو ڪري.

(١١)

اجهو ريءَ الله، ڪونهي ڪو ڦرين جو
ٻيهر ساريان ڪيئن، جو تون مور نه وسرين.

(١٢)

اڇان سي آهين، جن لنڊاٿو لعل ڪيو،
سوڍا جي ڪاهين، ته ڪڪوري ڪاڪ وهي.

(١٣)

اڇان سي آهين، جي سزاوار سڳن جا
ويٺا وڃائين، جي سامي تون سٿين.

(١٤)

اڇن جي اوطاق، مون ساريندي سپرين
مون جهڙي مشتاق، ڏسيو لاهي ڏڪڙا

(١٥)

الله وڏو وير، ٻورو لوڪ نه ٻجهٽو
ڪرين پياري ڪير، سڄڻ چاڙهي سورئين.

(١٦)

الله ڪارو اُوجرو، محمد نور نبات
نور صفاتي سوجهرو، ذات نسوري رات

www.maktabah.org

قادر قدرت اهڙي، جنئن درياه واهڙ وات
هٿ نہ آهي کنھ جي، ڏاتر سندي ڏات
هماءُ هميشه حب ۾، وسيءَ ڪانگ ڪجات
ڏينهان مگَن ڏات، مهل مڙوئي رات
ڪرهو توبه تات، وهون اڳي، پٽ پوئيان
(١٧)
انگ سيئي سفرا، جڏهہ لکيائون
تڏهہ ڪنھ هٿ ڏنائون، قلم ڪابيڻن جو.
(١٨)
اسين جتان آئيون، تتي ڪک نہ پن
توڙي ڪين نہ ان، پڻ وهہ وهہ سين گڏبا
(١٩)
اسين جتان آهيون، تتي کهنبوناهہ
عمر جي وهانءِ، ماتم ويئي مارئي.
(٢٠)
اڪ وڻ جي قلڙي، ميوا بيد وٽن
جنھ پڙي ۾ نہ پئا، سو سائو ڪين وئن
(٢١)
اوڏو تي الف ڪي، نسبت نهاريج
منجهيون تڻ تاريج، جنهہ ۾ ساهڙ سوجهرو.
(٢٢)
اونده اميدن ۾، نامرادي نور
سانگ سسي جو سور، ويڻ تہ ويراڳي ٿيين.
(٢٣)
اونداهي ۾ سوجهرو، نبيءَ نشاني
تارا يار رسول جا، سچا صمداني
ماڻهن من ماني، عاشق علم ڪوڏيا.
(٢٤)

www.maktabah.org

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان
پڙهيائين پريت مان، باري جو بيان
جوڙي جنهن قرآن، سنڌي ۾ صحيح ڪيو.
(٢٥)
آيل بلوچن جا، اهڃ پنج آهين
اَئي اوچڻ انگڙين، بڪئي ماني ڏين
پاڙو ٻوهين نہ پانهنجو، سام سسي پائين
ڪاڻ نہ ڪيڻ سڪيا، پرناتو نباهين
سخن نہ سڪائين، پاڻيءَ وگهي پانهجو.
(٢٦)
آيو وقت امام جو، پڌر سونهي سڪ
احمدي انعام سين ، لڳي محبت لڪ
" ماسمعنا بهاذا "، انڌا منجهہ اٽڪ
جهنگ ڪامي پٽ ٿيو، لٽي چوران لڪ
منٻيءَ مٿي ٽڪ، پسو سيئي پاڳ ۾.
(٢٧)
آيو وقت امام جو، آيا ڏڪن سندا ڏينهن
راجا ڦري راڪاس ٿيندو، منڊين نہ وسندا مينهن
ڪڌهن ڪڌهن شيهنهن، ٿيندا سلامي سهن جا.
(٢٨)
ايي عاشق ڪي، سوري سڏ ڪري
جي نالو ڄڏو نينهہ جو، تہ ڪڻ م پير پري
سسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ پريتڻو
(٢٩)
بي عقل سين بات ڪري، پنهنجو آب م هار
ساڻس " عبدالرحيم " چئي، ڳڏجي ڪيم ڳڏار
جي نہ سرئي ڳڏ ڳڏارڻ ريءَ، تہ............؟
سائي سپر ڌار، جا ڪوڙين ڪانہ جهلي.

www.maktabah.org

(٣٠)
بي عقل باتن سين، سڀ تن ساڙيندو
جي نہ ماريندو، تہ ڏنيندو ڏيهن کي
(٣١)
بجر ڪاٽا، وڃي وڃهينس گهاٽا
نہ ڇتندس توبون، نہ ليندس ناٽا
(٣٢)
ٻانهي ويئي جنڊ تي، سائڻ سڏ ڪيوس
اٿو جنڊ رهيوس، ڇوهہ ڇلندي آئي
(٣٣)
ٻڙي ! ٻانهہ م لوڏ، ڇوري ابيتين سين
هل م تن سين هوڏ، جي هليون ڪوهياري ڪوڏ پئي
(٣٤)
ٻيڙيءَ جي ٻهڦور، منهنجو ڇت ڇريو ڪيو
انهين بوءِ عطور، سهسين سوري چاڙهيا
(٣٥)
يلي جائي مارئي، جنه مارو ملهائيا
ستيءَ سامائي، ٻڏا موڙ ملير ڪي.
(٣٦)
تتر ڪرڙي اپ ۾، منڊ م پاٽي وڇ
پول مڙيئي پڇ، آيو ڪر گرهوڙ ۾
(٣٧)
تڪ ڏين توحيد ۾، وجهلن وصالت
مون جيڏيون ملير ۾، ڪين ماڪي معرفت
پرتيان پنهواريون پين، شربت شريعت
هادي حقيقت، مولا مون ڪي ميڙيين
(٣٨)
تون راٺو آءٌ مومل، وڃان سڳ وٽت جو

www.maktabah.org

ساءِ تنهنجي سپرين، گولي ٿيان گل ڦل
تو بنا ڪر هل، ڪوڏي ڪم نہ اچي هيڪڙي
(٣٩)
تونهاري ٿي تڳان، نات نہ ليان هوند
منه ڪاريون مون ڪٽيون، تنهنجي منه محمود
وڏيس مان وجود، نات ڪين سجاڻي ڪين ڪو.
(٤٠)
تون پڻ عيبن ساڻ، پيهي وڃ پرينءَ ڏي
بنا ساجن سپرين، ڪيئين لهندئي ڪاڻ
پيهي وڃي پاڻ، پئو تون پيش پرين جي
(٤١)
ٿورا ڪيئي ٿورا، مون تي ميهر يار جا
تر ۾ واري ٿورڙي، تنهہ ڪان بہ گهٽيرا
آءُ ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا، ميهر يار سندا
هي ڪميني ڪير آ، جو پوري پئي پرين سان
(٤٢)
پارانيا پرين جا، ڪر ڳل ڪبينداءِ
حب هر ڏيئي ڪاتيون، هي هي ڪر م هاءِ
ڪنه جيو تہ پاءِ، پير پريان جي پڙ ۾
(٤٣)
پاڳون پٽن سنديون، گل ڦل گجراتا
آبا آدسين جا، واحد وڄايا
گيڙو گودڙين جا، خالق خوار ڪيا
پييون تلڪن ٽوپيون، ٿيا ملان مردودا
مڪو مدينو مشڪ سين، پرين پر ڪيا،
واحد وڏو ئي ڪئو، عز عرفاتا،
مهدي ايندو ملڪ ۾، ٿيندو هل هڳاءُ
سنّي سيئي سيف سين، ڪهندو ڪفارا

www.maktabah.org

دعويٰ دور نگن جي، ويندي ملڪ وڃان
ٹيندو صاف سفا، ملڪ تنه معمور سين
اهم آس اها تہ، مهدي ٹيندس ملڪ جو،
اهم آس اها تہ، سيف سٽيندس ڪل تي

(٤٤)

پاسو پٽ نہ ڪوڙيان، وير وئندي سين ءَ
ناحق ڪسن ڪينءَ، فرزند بيبي فاطمه جا

(٤٥)

پاڻ وڃائڻ، پر ڇڏڻ، اي قلندري ڪولاب
گل جي بوءِ گلاب، ڏيگاريندو ڏيه ڪي.

(٤٦)

پاڻ هوئڻ، پرين پسڻ، اي خامي آهي خيال
مرڻ داران مشاهدو، محبتين محال
پر مرڻ گهرجي معنوي، ظاهر آهي زوال
"مو توا قبل ان تموتو !"، من ماري تن محو ڪيو

(٤٧)

پڇاٿا پرين، هنيون ڪجاڙو ڪاءِ
ڪلهي پايو ڪينرو، ڳڻ پريان جو ڳاءِ

(٤٨)

پسڻ ڪارڻ پانهجي، ٿي سڄيائي اک
اندر ٻاهر پانهجي، سونه سيائي لک
مري جنه ۾ مک، پرين تنهين جي پاند ۾

(٤٩)

پري ٿي پنوهار، مون ۾ تو مڇ ٻري،
سٽي سور تنوار، متان ڇلين ڪان ڇيهون ٿيين !

(٥٠)

پرين پسڻ، پهو ڪٽڻ، اي تان ڏئوئي ڏوهہ
سا ڪتي ڪندي ڪوهہ؟ هوت جنه جي هنج ۾

www.maktabah.org

(٥١)
پرين پلايون تا، عيب ڏسيو ڳڻ ڪن
تون ڪيئن سندو تن، ديوانا در متئين.
(٥٢)
پرت ٻڌي ڳالهڙي، پرت پروڙي ڪير؟
جنه اي سجاتو سير، اسم ان پروڙيو.
(٥٣)
پرت پروڙڻ ڳالهہ، سمجهڻ شڪ سهي ڪري
ڪين سجاپي ڳالهہ، جان جان جڪو نہ چڪي.
(٥٤)
پروڙيم پريت جڏهہ، نرت پيم نيهہ جي
راٽي اها ريت، جيئن ڪهي قريبن ڪي
(٥٥)
پير پريان جو جيڏيون، جڏيندي جيڪا
وندر جي واٽن تي، مرن ماري سا
ڪيچ نہ پهتي ڪا، آريچاٽي انس ري
(٥٦)
پيرين پري سپ ڪا، تون ويئي ڪٽج وڪ
سندي ساجن سڪ، پنڌ پاسي پر نبري
(٥٧)
پيهي پس الله، نامرادي نجهري
چنو رباني راهہ، مرادن مخفي ڪيو
(٥٨)
پريان سندي ڳالهڙي، مر منجهيئي هوءِ
ٻڌائيندي ٻين ڪي، ڪهڙو ڪاڄ سندوءِ
هن ٻہ ڪين ڏٺوءِ، هيڏانهہ پڻ هورو ٿئي.
(٥٩)
پڙهيو سپ وسار، وسريو الف ياد ڪر

www.maktabah.org

ناحق ڪيم نهار، پنا پيا پرين لئي
(٦٠)
پريون مٺي پير، من سڪي ساٿيهہ ڪي
ڪنهن سياڳي وير، ماڳ ملندي ماريئَ
(٦١)
جان حاصل حال، تان صوفي جم سڏائين ؟
ڪونهي تنين قال، وٺون جن وڃائيون
(٦٢)
جان پانيئن جوڳي ٿيان، پسان پرين ڪي،
ثابت رهہ شريعت تي، تن طريقت ڏي،
آديسي ان ري، ڪونہ رسي ڪابول ڪي.
(٦٣)
جا عالم ڪي انذار، سا سامين مٺي ساهہ ڪان
عالم علمين پار، جوڳين ڪم جهل سين
(٦٤)
جا جاڳائي جوڳئين، سا ماٺهن مصيبت
سامين سور صحت، پور بيا پروڙين جي.
(٦٥)
جان جان آهن جوءِ ۾، تانڪي ساٿن اور
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهہ ۾، پاڻ مٿانئن گهور
ويا جي هنگلور، ڪرم ملندي ڪاپڙي
(٦٦)
جان جان سو نہ لهن، جنهہ ڪارڻ جوڳي ٿئا،
تان تان ڪاپڙين، ورهہ وهامي راتڙي.
(٦٧)
جي پاڙي سپرين، تان مون ڪي منه گهٽا
توڙي باهہ لگڙي، توڙي لوڻ ڪٽا.
(٦٨)

www.maktabah.org

جهڙا منهن مهاند، تهڙا پنيرا پرين
جا پاسي جاپاند، سڀ ڪيڏاهين سامهان
(٦٩)
جنهن ڪن توپاياکو ڏمان، تنهن ڪي ڪجاڙو؟
ماٺس ستاڙو، پٺس نالو ڪين ڪي.
(٧٠)
جنهين يانئيو پاڻ ڪي، هڏهن ڪري ڪين
اهڙائي مسڪين، در لهندا دوست جو
(٧١)
جت پرت نہ آهہ، تت طالع ناهہ ڪو
هوئڻ سين وٺاءِ، تن مبارڪ من ۾.
(٧٢)
جن سڄاتو سپرين، پرت پيتائون
لاٿون لڏائون، ساءُ چکيائون سڪ جو.
(٧٣)
جن دل لائي دل سين، سي سدائين سرها
جهڙا تازي پٽ تي، تهڙا هيٺ هليا
جي واڳون وات ويا، تہ پڻ هنج حبيب جي
(٧٤)
جنت جاءِ تن جي، جي وحدت منجهہ وٺا
ڏاهن کي ڏور ڪبو، پورن پال ڪبا
ملان سڀ مرندا، عنقا جي اثبات سين
(٧٥)
جنين سڄي سڪ، ڪڏهہ چکي جت سين
سي بنا بسمل جا ٿيا، "لا" سين لٿين لڪ
تن بابوئن بيٺڪ، ائو پهر الف ۾
(٧٦)
جي تون عشق آٿيين، تہ ڪينهي حراما

www.maktabah.org

"موتوا قبل ان تموتوا"، علامت عشقا
اهي آب حلال ٿيو، مطهر مردودا
نهر نگئو نور ٿئو، سالڪ سچا را
عقل کي عشق سين، هوا هزارا
وٿت وٿجارا، سرت پٺا سيڪڙو
(٧٧)
جي مون سنري سنرا، جي مون روندي رون
آءُ م هئان ان ريءَ، اوءِ م مون ري هون
(٧٨)
جي مون سنري نہ سنرا، نہ مون روندي رون
آءٌ م هئان ان سين، اوءِ م مون سين هون
(٧٩)
جي هڏ ڪائي ڪير، ماس مٿاهون چاڙهيان
تہ مچي ڪينءَ ملير، ٿيان ڪاريائي ڪانڌ جي؟
(٨٠)
جي گيڙو رنگ رڱائين، اي مختلف ويس
الٽو وچج عام سين، وير وساري ويس
کهڙو ڪريين ڪيس، جو پريا پيهي آئيا؟
(٨١)
جيڪر آءٌ جيان، تہ پٽ پرهيان سومرا
پاٺي پٽاشن جو، پايو پوچ پيان
ڪائي ڪاچ خوشيءَ مان، ماهہ پڻ مچايان
پر ڪارڻ ہن ڏينهان، ٿي لاهيندي لچ مران
(٨٢)
جيڪر ڪريان دانهہ، چوندم لوڪ چري ٿي
لوچيو پوچيو سمهان، ڪلهي پايو ٻانهہ
هي من ڪريان ڪانهہ ، جو هٿي هوتاڻي وٺا
(٨٣)

www.maktabah.org

جيڪس ڪي ڪيام، اوڳڻ اباڻن سين
تيلاهہ عمر ڪوٽ ۾، ها، تي پهر پيام
مارو ٿر ٿيام، آءٌ تي نير نجهران
(٨٤)
جئين ٿو پرين تون ڪرين آءٌ جي ڪريان اينءَ
تہ نالو سندو نينه، وري ڪانہ ڳنندي ڪڏهين
(٨٥)
جوڳي پنهنجي جوءِ ويا، تا جهڙ جئن نيڻ جهمن
سخن سميئڙن جا، هنيڙي منجهہ هرن
سجو موت مگن، اڌ ڪنا آرام لاءِ
(٨٦)
جوڳيڙا جڳ ديس ڪي، وساري ويئا
پرت ۾ پيئا، تيلانه طعنا تن تي
(٨٧)
جو ويس جيڏاهين، تنهہ ويڙ وڃي ڪونہ ڪو
ڪنڌي ڏنائين، سي ڪڻ ڪاهوڙين تڪيو
(٨٨)
جو منهہ ڏنو مون، ڪومنهہ قريب نہ تنهہ جو
منجهہ ايين ۽ يون، موران تان نہ مياءِ سو
(٨٩)
جت ويا جاڏي، تي واٽ نہ سونهان تاڏي
هي سٽي ڪرڳل ڪيچن جو، تن تانگهي تآڏي
سجڻ منهہ مانڏي، ڪر تہ ڪاهل نہ ٿيان
(٩٠)
جي تون ڪالهہ مئي، تہ ڪالهين گڏينءَ پرين ڪي
مئن جي مقام ۾، اها ڳالهہ هئي
ڪڏهہ ڪانہ سئي تہ ڪا سکهي گڏي سجڻين
(٩١)

www.maktabah.org

جان مقابل تاڻ، كمنه سين كرن كين كي
شادي ۾ شاكر گهٽون، غمي ۾ صبر ساڻ
نكو سود نہ سول كو، نكو ويڌ وڌاڻ
جيكي كري مون ڌڻي، سوئي جاڻن جاڻ
اهڙو جن پرياڻ، تن سير سيوئي كيو.
(٩٢)
جاڻ وجان تاڻ، كيرت راهہ گم كيو
ان در متي "مگريا"!، پاڻ م كٽج ساڻ
روجهاٽي راجاڻ، آهي اپوجهن جو
(٩٣)
چتون وحدت وٽراهہ جو، چاڳلو چاكر
لڳيس لالچ مر، كوفي كڙم مک جو
(٩٤)
چتا چوڏس چنڊ كان، اچا جهڙا كير
سرها كٿوريان گهٽون، اڳرا كان عنبير
ڳرا ڌرتي جهڙا، مٺا ماكئون مير
مهڙا لهي وزير، هينئڙا اورچ ان سان
(٩٥)
چوندي هوءِ نہ چكن، تون كوهہ كمنديائي كيري
تئين؟
لعنت هوءِ لكن، تون كوهہ رحمت راضي نہ رهين؟
(٩٦)
چريو سو لوک، جو چرين كي چريو چوي
چرين ڏنو سو ٿوک، سهيان سكن جنهہ كي
(٩٧)
چپر ڏيهہ سندون، قسمت كينجهر آئيا
وهڻ وهہ ٿيون، هت سانگائتا سپرين
(٩٨)

www.maktabah.org

جني هن چپر ۾، توٽيون هڏ م اڏ
جڏهن جوندءِ لڏ، تڏهن پنڻ ٽيندءِ اڙانگيون
(٩٩)
حجت جڏي هل، من ماري ميڻ کر
انهين پر اڪمل، دوس گڏبوءِ دادلو.
(١٠٠)
خدا سجاڻڻ سترو، پاڻ سجاڻڻ ڏک
تان تان ڪجهه مسڪ، جان جان پاڻ سجاڻي نه لهين
(١٠١)
دو ساٿيءَ دربار جا، قريا پسو قير
جن حضوري هير، ڪر تغيرون تن سين!
(١٠٢)
توڻي ماجي اکيون پائيون جان نه ڪجن
سي ڪينءَ پرين پسن؟ جل ڪجل اکين ۾
(١٠٣)
توڻي ماجي اکيون، جڏهن پائيائون
تڏهن ڏنائون، پرين پاڻ اکين سين
(١٠٤)
توتي سهڪا پانئين، ته ٿيا موجاري،
پرين جا پاڙي، سا اڻ توتي اوڙي.
(١٠٥)
ڏڙهه ڏونگر ۽ ڏيهه، وجن وري وسائيا
مون منجهارا ڪيهه، ڪنهه وڏي ٻارڻ نکري
(١٠٦)
ڏس نه سندي ڏو ٽين، نکو ڏيهه سندون
پري ڏيهه ٽيون، جت پير ناهه پکيءَ جو
(١٠٧)
ڏنو ور وارو، مون جڏيءَ کي جيڏيون
سرئم سونهارو، ميوو کل ملڪ جو

www.maktabah.org

(١٠٨)
ڏونگر چوٽيءَ سپرين، آڏا سيل سڄن
سي ڪينءَ پرين پسن؟ نيهه جنين کي ننگ جو
(١٠٩)
ڏينهن ڏٺي ڇڏ ڏيهه، ڪسڪ ته خلل نه پوي
وهم وساري ويهه، ٻڌ توڪل جو ترهو
(١١٠)
ڏسان ته مران، مران ته ڏسڻ نه ٿيي
هاڻ ڪيئن ڪريان، مران ڪ ڏسان پرين کي
(١١١)
ڏکڻان ڏٺو چنڊ، اتر تي عيد ٿي
جهڙيو ڦڙيو جنڊ، گجي ٿو گرهوڙ ۾
(١١٢)
رند رحمت رسيا، عجب اهڃاڻان
اڳڻ آهيڙين جا، ونهيا وڻاڻان
خاڪي خوءِ سنديان، لکي لوڪ نه سگهيا
(١١٣)
رهي مٽئي سير، سر م سهو م ڪن،
ڏٺي ونو ڪير، ڏٺي ڏتاري ڇڏيا
(١١٤)
زلف ضعيف ڪياس، ڪا ڪل قريبن جي
پسڻ سين پيياس، نامراديءَ نجهري
(١١٥)
سپون هون سمنڊ ۾، سمنڊ نه سپن پون
هوءِ جي همه هون، تن الف نه اندر رکيو.
(١١٦)
سپ سلندياس ڳالهيون، الله جي آندا
ٿيندا هيڪاندا، مارو مٽرا ملير ۾

www.maktabah.org

(١١٧)
سيئي طالب سک جا، پر سک نہ سڃاڻن
جي سگهائي سورن جا، پانئن سانگ سکن
سهک ساميڙن، جن سانگ وڃايا سک جا
(١١٨)
سگر سوئي جاڻ، جن پاڻهي مون پروڙيو،
هيس منجهہ پاتار، پر پيءُ سڃاتم پانهجو.
(١١٩)
سڄي سور سناسيين، کڻي خوش ٿين
اِگهڙ کوڏيا کاپڙي، ستر کين سهن
اڻ تڻ اٿن نہ انک جي، "مگريو" جڻي من
اوسر عيدون کن، ائي گوندر گڏيا
(١٢٠)
سڄڻ جنهين سات ۾، سو ڏسٽانئي ڏور
جڙن جي جانگور، آءٌ تي جئان جيڏيون
(١٢١)
سڄڻ جيڏاهين، کا تيڏاهين هٿ کٽي !
هٿين، مونين، پيٽ پر، سران تيڏاهين،
مان کيڏاهين، کوڏور يندي ڏس پوي !
(١٢٢)
سڄڻ ڏٺو جن، تن ارٽ اولاٽي جڏيا
مونن مٿي هٿڙا، اکيون ڏانهہ پرين
توٽي کين کٽن، تہ بہ کاند تن جو کو ڏيو !
(١٢٣)
سر تيون سپن کان. سکو ريت سکڻ جي
اوڏي اوڏيائي نہ اچي، گهري آب مٿان
(١٢٤)
سندي دل دڙياهہ ۾، جان وياسون پيهي
نکو آدم نہ آدمي، نکي اسپن ئي

www.maktabah.org

وائي ٿي ويئي، تہ هيڪو ئي هڪ ٿيو

(١٢٥)

سور م سلڻ سک، پدر اور م پرينءَ جا
هڏ ڪر ڪل مک، مر منجهيئي مات ٿي

(١٢٦)

سور جنين کي سريو، سري تن صحت
حبيباڻا هٿ، جا نکيتان جڏن ٿي !

(١٢٧)

سوئي آندائون پاڻ سين، جيکي ڪين نيندا
ڳرهيندي ڳوريءَ سين، سيئي سچ ويندا
هميشه هوندا، نياپا نيٺن سين

(١٢٨)

سوئي اوڇڻ انگرين، سوئي ڪاچ سندون
ڪفر ۽ اسلام ڪان، پري پير پئون
تتي واهيرون، جتي رات نہ ڏينهن ڪو

(١٢٩)

سوئي سسي ڏي، سوئي جهلي خون کي
ويرا ڳين ويي، ٿکر ٽڪاٽو ڪيو

(١٣٠)

سسئي سرتي جن سين، تنين پند پهاءِ
مومل رتي مينڌري، ليلان لڌاٿياءِ
مارئي ملير ۾، ہرہر ہاڪوڙاءِ
ارنگين اداساءِ، آڏس اڏامن ڪاپڙي

(١٣١)

سسئي جي سمجهہ سين، جان پروڙيم پاڻ
تان پنهون مون پنڊ هو، وڃاڻ هئڙم پاڻ
" ونحن اقرب اليه من حبل الوريد "، مون ۾ مون ساڻ
" وفي انفسكم افلا تبصرو "، پنهجو پسنديس پاڻ

www.maktabah.org

" وهو معكم اينما كنتم "، هر جاءِ توئي ساڻ
بلڪ اهوئي آهيين، ظاهر باطن جاڻ
" اينما تولو افثم وجه الله "، سمجهه تنهجو شان
وجي جنهه گمان، سو سسئي آهي سڀ ڪو.
(١٣٢)
سڪ تنهجي سپرين، سهو تار تران
پر انهين لڄ مران، جئن آءُ ڪڪي تون ڪٺوري
(١٣٣)
سهٽي ساهه پرين پر، اورين پر آندام
من ۾ ميهارن جي ، قابو لڳيس ڪام
پئي ساهڙ سام، ڏڪان جهڙي ڏم جي
(١٣٤)
سوين موتي سڀ ۾، ڪجهي ڪين مهاءِ
ڪڪڙ آنو هونئڊ ۾، سارو لوڪ گواهه
(١٣٥)
سو عاشق، سو معشوق، سو طالب، سو مطلوب
جوش جلايون جي، سچ وسندي تن ڪي،
(١٣٦)
ستي وٽ نه سومري، مٿو نه ڌو تائين
قيمتي ڪپڙا، اڇا نه اوڍ يائين
ملير ماڻيائين، ستيءَ سيل نباهيو
(١٣٧)
سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهه پر ڪلال سان
مرٺا منهه م موڙ، اي وني ٿي وڌ لهي
(١٣٧)
سر تان سي گهرن، جي واٽيندڙ وچ ۾،
اوڪين اور منگن، سر وڃن سنپائيو.
(١٣٩)

www.maktabah.org

سر هي سياري، کهڙي مٺي پاڻ ۾
هو جر پاتاري، هنجو هيج ٽرن سان
(١٤٠)
سر ڏني ساجن ملي، هي تان ڪم سجيهه
لک ٽورا ڳڻ ويهه، دل بہ دلالي ڏجي
(١٤١)
سر سڪي سال ٿيا، هنج هريوئي پير
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي
(١٤٢)
سر ريءَ سر نہ سلڻا، عادت اي سندين
جن سر آندو سئوڪڙي، تني سر سلين
(١٤٣)
سدا جاليندي جر ۾، توکي ٿيا هن ڪنگ ڪساب
مڙيو موتين کان وڃي، تو جهنور لتاڙيو جال
سي ڪيئن لهن لعل، جن جي دل درن سان
(١٤٤)
شريعت شهر سندون، رهن طريقت تعلقي
تن اندر حقيقي اڳ ٻري، قدوسي تيلون
گلا ۽ غيبتون، اي سنگار سندون
مٺي وهہ ويلون، لکي لوک نہ سکهيا.
(١٤٥)
شير شهادت رسيا، ماتم مسکين
سرهو اهل سجن جو، اجهي اميرن
يوسف جئن پسن، تابندي بيراڳي ٿيا
(١٤٦)
شير شهادت رسيا، ماتم مردودن،
هوءِ ٿا وصال وهسن، هن موت پسي ماتم ڪيو
(١٤٧)

www.maktabah.org

شيشي صافي صاف سين، وٺتو ورن شراب
ڪي چون شيشو ناهہ شراب، ڪي چون شيشو آهہ
شراب گذر ان گرداب، ڪوڙيين منجهان ڪولهي
(١٤٨)
صورت سچي جام، جنين رهي روح ۾
گوندر تن غلام، سڪ تنين جا سيڪڙو
(١٤٩)
صورت ليلان لاءِ، معنيٰ ڪي محفوظ ڪري
قربان ٿي ڪاهہ، جنهہ لاءِ ليلان لهرين ڏٺي
(١٥٠)
صائم سڪي جيئن، آذان جي آواز ڪي،
مون تن آهي تئين، ساڪيو سڄڻين
(١٥١)
صحبت سپرين جي، هي پڻ وڏي هاج
قضا ڪج نماز، وقت ورائڻ سٺرو
(١٥٢)
عشق اڳهاڙيس جيڏيون، پڌر ٿي پياس
ههڙا تان نہ هياس، پر ستر سڪ وڃائيو
(١٥٣)
علم اصل چار، پڙهي پڙهبو ڪيترو؟
بولي بڌڻ، دل پچڻ، بدعتان بيزار
سرهو جنه سردار، تنهہ جيلي جندا نہ ٿئي.
(١٥٤)
عيب نہ اجڻ ڏين، مون ڪي مون پرينءَ
آڏا اڪڙين ڪي، ايائي آهين
جي هوند پاسي ٿين، تہ هن ڪاٺياري ڪاڻ.
(١٥٥)
عيبن سان ٿي وڃ، پيهي در دوست جي
پول مڙيئي پچ، تہ سڪ ملن ٿي سپرين.

www.maktabah.org

(١٦٦)
غرض آڏو غير، آهي اکڙين کي
پنو صوفيءَ سير، جنهن غرض سڀ گوشي ڪيا.
(١٥٧)
فرض گذارج رب جو، ڪنهن سين ڪج م منڊي
جيڪي شرع ڪندي، سوئي مج مٿي اتي
هوڏ هلاڪ ڪندي، سوئي مج مٿي آتي.
(١٥٨)
فڪر فناجو تهڙو، جهڙو پاڻي ڪماندا
جوڳي جاٽ ويا، اکيون ڏيئي آڻ هوند ۾.
(١٥٩)
ڦوڙائي فراق جو، قدر ڪونجڙين
هئو پڻ ماتڙن، پٽ جنين پرڏيهه ويا.
(١٦٠)
قلندر قال اندر ڪئو، ٻاهر نہ ٻولي
حقيقت هولي، لايائون لاهوت ۾.
(١٦١)
قوت ڪڙاياڪاپڙي، سچ چکيائون ساءُ
فنا ۽ فراق جو، آين اَب اهاءُ
ماري تنهن منجهان ءُ. ٿئا سناسي سنرا.
(١٦٢)
ڪاچيلاٽا ڪاپڙي، ڏيکڻ سين ڏيکيام
ڪڏهن ڪين گڏيام، اهڙي موج ملڪ ۾.
(١٦٣)
ڪاڪ جڏيائون ڪنڌ تي، پين پنڌ پري
تنهن کي مومل ڪيئن ڪري، جي لڏائي لنگهي ويا.
(١٦٤)
ڪارون ڪج قريب سين، ڪهين بار ڪٽيج
ڪسب ڪج معدوم جو، اسم عين پسيج

www.maktabah.org

ماٺهو مڙئي مٽ پدي، ضعيفن ڪرم ڪريچ
مٿي دعوت حق جي، هنجن جئن هليچ
نيزي ڪنا نينه جي، ڪنڌ م ڪڍائيچ
بخاري سريچ، سهوئي سهڪ ٿيي.
(١٦٥)
ڪڏهم ايندم ڪانڌ، اوڇتو ئي اديون!
پيٽ مٿانرا پاند، تيلهہ ياريو ياريان.
(١٦٦)
ڪربلا ۾ ڪوچ ٿيو، لائون لهن شير
پر جڻ ڏيئي پير "گهوٽ ڪٿي گهر آئيا.
(١٦٧)
ڪرڙا ڏونگر ڪيچ جا، جت جبل گوناگون
اتي "عبدالرحيم" جئي تنگ تنوارون پون
جن پير سڄاتو پرين جو، سي نڪي رون نہ چون
اي سڀ هوند مٿي هون، لاڳاپا لوڪ جا.
(١٦٨)
ڪرڙ پڪا ۽ پال، جني سڪونت سچ ۾
واحد ڪر وصال، تن برن ۾ بدوين جي.
(١٦٩)
ڪڙو منو مئنڌرا، سهو آءٌ سڪياس
منو ميڙائون تو پرين، ڪڙي جنهہ ڪياس
رتي علم نہ راس، نرمل! تنهنجي نينهہ ري.
(١٧٠)
ڪکوريو ڪوهيار، ڇپر جنبون پيئيون
وئو سڀ وٺڪار، پريو ٻول ٻروچ جو.
(١٧١)
"ڪن في الدنيا ڪانڪ غريب"، ڪه نہ ڪن ڪرين؟
مچڻ مرڪين لوڪ سين، پري ڪين پرين!

www.maktabah.org

(۱۷۲)
کوڙن ڪانيرن، سرهو سر لڄائيو
آتي آتيرا ڏيو ڌتڻا دانهون ڪن
رليو روهه وڃن، ان هيڻائي ڪان هنجهڙا
(۱۷۳)
ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال
سچ پروڙيو جوڳين، جنين هٿ ۾ حال
(۱۷٤)
ڪون ڏٺو سون ڪڏهين، سور هيہ سياڻو
گهورون ڏئي گهٽن ۾، گهمي جيئن گهاٽو
پاٺي ٿا جاڻو، تہ سوپ صرفي نہ ٿئي.
(۱۷۵)
ڪونهي سو ڪو هيار، جو تو پوري پائيئو
وجود ئي وڻڪار، وري پڇ ويئين ڪي
(۱۷٦)
ڪنهہ جنهہ ڪيف ڪڪوريا، جئن پرئا پٽن
سڄڻ ٻاٽي اٺ جئن، مڇي ماس نہ ڪن
توڙي وس ڇرن، تہ پڻ رت نہ رتي جيترو
(۱۷۷)
ڪي نيڪ، ڪي بد، هي ان ٻنهي ڪنا رد
ڪا پڙي انهيءَ قد، وڃن واحد سامهان
(۱۷۸)
ڪين قبولج ڪا پڙي، گذر ڪيو گذران
علي جو ميدان، سڪر سناسين ڪي
(۱۷۹)
ڪنڌو ڀيئي ٻڪرا، ويئي منجهہ وڻاڻ
اوڃتو پرياڻ، آهين ڏڻ ڏٺين جو
(۱۸۰)

www.maktabah.org

ڪوڙين ايا ڪيترا، وڍيو سر سڄين
پاھت نہ پوي سڄڻين، تہ وڍيل ورائي ڏين
(١٨١)
رب تسي جڳ رئي، سيئي ڪاج سرن
رب رئي جڳ تسي، لکڻ هنڌ نہ لين
(١٨٢)
ڪوءِ ٻيريين ٻن ٻور، پٽي ياگا نہ چري
سائي پئيءَ سور، رکيو آهي روجهڙيءَ
(١٨٣)
ڪيريون، ٻيريون، ٻائريون، جنجا ڪکن سين ڪوندا
آهر ان هوندا، گندا غريبن جا
(١٨٤)
گولن گاڏو سپرين، ڪو ڏوئي ڪوفن
سي ڪينءَ پرين پسن؟ جنڪ جني ڪي جان جو
(١٨٥)
گوهر گل محمد جا، دليءَ دماما
" الهم صل علي محمد "، آيا اماما
(١٨٦)
گرجني جا گپٽا، چيلا ڪيئن چڙهن
انڌا انڌن گڏيا، ٻئي کڏ پون
(١٨٧)
گهٽو تان گهٽائي، تنهنجو تورو پر توري جهڙو،
آءٌ ڪا اهڙيائي، جا تنهنجي توري ڪي تورو جوان
(١٨٨)
ڳتين ڳالهڙئين، پرين پنهنجا نہ تئا
جان جان مال نئين، تريءَ تڪاٽو نہ ڪئو
(١٨٩)
ڳورا ٻئي پار، هورو پار نہ هيڪڙو

www.maktabah.org

وهان تہ ويرم ٿيي، نينهہ ۾ پوءِ نهار
وجان تہ واڪو ٿئي، پاڙي پوءِ پچار
هتي وعدي جي وار، هتي سوٽو ڏينم سر تيون
(١٩٠)

ڳڙ ڳالهين نہ سڃاپي، جانسين ڳڙ نہ کاءُ
جي اٿئي سڪ پسڻ جي، تہ لاڳاپا سڀ لاهہ
پوءِ سامي سلنداءِ، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي
(١٩١)

" لاايمان لمن لا محبة له "، محبت گهوٽ گهرن
" الايمان بين الخوف والرجا "، انهيءَ پر پرن
وچ ۾ خوف اميد جي، ساميڙا سهڙن
پختا پورب جا ٿيا، رضا راهہ سندن
محبت ميٽ گهرن، ٿيا ملاقي محبوب جا
(١٩٢)

لاڳاپا هن لوڪ جا، جڏهہ ڇڏيا ڇن
تڏهہ ڏٺو تن، ڏونگر وارو سپرين
(١٩٣)

لنءُ تنهين سين لاءِ، جنهہ لنءُ لڳي لعل ٿئين !
هئي مين لنءُ م لاءِ، متان ڪس لڳي ڪارو ٿئين
(١٩٤)

لوڪ لهوارو لڏيو، اوپر آديسين
سڄڻ سنيون ڪن، لوڪ ليکي ونگيون
(١٩٥)

لوئي لاڳاپن، ننگ نهوڙيس جيڏيون
پاٽان وڌيس پٽ تي، لاهي لاڳاپن
ڪوڙن آسانبن، مون ڪي ساٽان ڪاريو
(١٩٦)

لکين لاف هڻن، پسڻ ڪارڻ پرين جي

www.maktabah.org

ڪوڙين ڪيترا تا، ڪنڌا اهلون ڪن
ڏسان ڪير ڏين، جوڙي جيءَ پرين تان
(١٩٧)
مارئي نالو مڙس جو، پسڻ عورت آهه
پاهيوپاهي پاڻ ڪي، رچڻ روح لاءِ
(١٩٨)
ميان موتي آءٌ، ٻگها ٻاٻاڻن جا
سي پانڌيڙا پرتاءِ، جي لڙيا لواري سمهان
(١٩٩)
مٺو مگي لوڪ، ڪڙو مگڻ ڪاپڙي
جنين ڏنو دوس، سي موران مگڻ ڪين ڪي.
(٢٠٠)
مگر محبت ٻاريو، خلت خليلا
نفي ۾ نمرود جي، نفي نمرودا
(٢٠١)
محبت مور م مٽ، جڏ م سير سڪڻ جو
وٽت جي وٽڻ جي، ڪڏهين قلب م ڪٽ
لنءُ جي واٽ م لٽ، لنءُ ري حيف هئڻ ڪي
(٢٠٢)
محبت جنهه جي من، اڃي ڪري اوطاق
چوڏس ڪري چاڪ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي
(٢٠٣)
محبت ۾ ”عبدالرحيم“ جئي جڙ لڳي جيائين
لڳيءَ وارو نه لهان، ڪوهيارو ڪيائين
هي جڙ اسان ئي ڪ لڳي لوڪ سپ ڪهين
(٢٠٤)
محبت وِڏو مان، پرت پروڙڻ ڏاڪڙو
سندو سگَ سلطان، اڃي اتان آجي ٿيان

www.maktabah.org

(٢٠٥)
مرجع منهنجي من جو، وڏو ويسارو
ھڻ اباڻي ڏيھ جو، گھري نہ تارو
ڀر ئو جنھ ڀارو، سو مور نہ پسي معرڪو
(٢٠٦)
مرجع هن ميئن جو، اصل حال عدم
سندو ڪرم قدم، لڳو ڪينجهر ڪنڌيين
(٢٠٧)
مزو معرفت جو، جڏهين پيٽ پيو
رنگ رڱن جهليو، جسي جشن ڪيو
ماٿهو مولا ڳڏيو، ٿهري ٿانءِ ٿيو
وڏو سڏ ويو، لٿي ڪرھ قلوب تان
(٢٠٨)
مون ڪي پڇ م ماءُ، ڳالهيون ڪنيِ ارٽ جون
نڳيو بت گهران، روح رهاٿي ڪن سين ؟
(٢٠٩)
مون ڪي پڇ م ماءُ، ڳالهيون ارٽ ڪنيِ جون
سهيسين سڄ وٺا، سورج منجهن هيڪڙو
(٢١٠)
مون ڪي مون پرين، ميرو ڏسي نہ مٿيو
پرين ڀلائيءَ پانهنجي، تا عيب ڏسيو ڳڻ ڪن
تون ڪيئن سندو تن، ديونا در مٿيئن
(٢١١)
مهر منجهارا ماءُ، اڪيون رويو رت ڪري
لالڻ لطيفاءِ، ڪهي محض ڪنگاليون
(٢١٢)
منهنجو ماھ مجاز، پيچاري جئن پچيو
ورد وظيفا وسريا، نڪا رهي نماز

www.maktabah.org

هينڙو بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾

(٢١٣)

مٿي منهنجي تي هٿا، سسين لک هزار
هر هر ويڃم هيڪڙي، تنهنجي تند تنوار

(٢١٤)

ملان جو مارين، ڪارين ڪتا ٻين ڪي
حرف سو نہ پاڙهين، سور جنائين سرجيو.

(٢١٥)

ملان ڪاري ڪنب، پيچ قاڙيندء ڪپڙا
ورد وظيفہ ونب، ڏٺي ڏتاري ڇڏيا

(٢١٦)

نا اميدي آڇڪو، جيجان جوڳيڙن
سناسي سمنڊ ۾، تنبي جئن ترن
سدا سک وسن، تارڪي تدبير جا

(٢١٧)

نہ تو پيتي سرڪ، نہ تو آئي جٽ
ڪهين تو انهن سان، جنين پيتا مٽ

(٢١٨)

نہ سا آهي ڪامٽي، نہ سونر نالوس
سائو ورڪ وٽاڻ ۾، وهسڻ وڃ ٿيوس
نہ آهس ان اندر ۾، ماءُ پيءُ منڌ نہ ڪيوس
لالچ نہ آهس لقمين، ڪاءُ تون ڪاڇ سندوس
ست پڻ سونهي ڪامٽي، قلب ڪيهر جهوس

(٢١٩)

نهارينڊي نيڻ، اوڏاهين اندا ٿئا
سڪي ڏٺائون سيڻ، مڃي موچارا ٿئا

(٢٢٠)

نڪمن جي نجهري، اڪميو ٿي آجيج

www.maktabah.org

جان اڪا سين اثبات ڪي، تان نفي روح رکيج
پهرين ڪنڌ ڪاٽيج، پڇج پوءِ پريتڻو
(٢٢١)
نڪو جن جهان ۾، نڪو آهي نانگ
نڪو مرون جهنگل ۾، نڪو اهڪ اڙانگ
جڏيو سسيءَ سانگ، ته ملڪ مڙوئي ماڪي ٿئو
(٢٢٢)
نا اميدي اَجڪو، عدم اوتارون
ڪفر ۽ اسلام ڪان، پري پير پيون
تتي وا هيرون، جتي ڏينهه نه راتڙي
(٢٢٣)
ويهي تير وساءِ، ساٿيهه ۾ سجڻ جا
سپر سور ڪندياءِ، مرڻ باس ته مير ٿيين
(٢٢٤)
واسي وار نه ويڙهيان، مر چڳن منجهه چيڙهه
هڙي حال حمير ! وري شال ويڙهه وجان
(٢٢٥)
وٺيءَ ۾ وهه لار، ڪنهه ڏجر وٺي ڏڪ ڪي
هوءِ جي مٺا يار، سي جيچ پائي چوريا
(٢٢٦)
وٺون جن وڃائيون، صوفي سالم سي
هاٿي تنين ڪي، ڏوري ڏوريان نه لهان
(٢٢٧)
وڻجاري ٿي وت، گهار نماڻن نجهري
انپر پونديءِ انت، دوساٽي دربار جو
(٢٢٨)
ويسر واندريون، وٺيون جن هٿن ۾
سي ڪئن بانهڙيون، ڏيان ڪن ٻئن ڪي

www.maktabah.org

(٢٢٩)
ور ڏيهه ويندءِ وسري ! ٿيندءِ ڪيچ قرار،
اڪيون ٿينديون انڌيون، سمهڻ ويندي سار
ڪيو تن قرار، جن وائي نه وات ڪا.
(٢٣٠)
وهه ونيءَ جي هٿ ۾، جڏائيءَ جو جام
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سورهه ڪن سلام
حميرن حرام، عاشق اچن اجيا
(٢٣١)
وٺت واحد جاڻ، احد ٻه نالو ان جو
سبق ان صراط جو، ڪهي ڪل قرآن
جت پرين ناهه پرياڻ، تت هي گڏيا دوزخي
(٢٣٢)
وسين تان وس، عالم لڳئي آسري
هاٿي ڪيم ترس، مندون متي آئيون
(٢٣٣)
ورسائي زحمت، جنهن ڪنهه پرين اچڻان
لکن لائي هٿ، ڪين تون لاهوتي چڱيان
(٢٣٤)
هٿن حاج وهه ٿي، نيٺن ننڊ حرام
مارو منهنجو جام، عمر جام ٻين جو
(٢٣٥)
هر دم حج پڙهين، ڪعبو پسن نه ڪاپڙي
سبق سو پاڙهين، جنهه ۾ حرف نه هيڪڙو
(٢٣٦)
هنج نه هيٺئي ذات، جو چلڙ ۾ چهنب هٽي
پاٻوڙي پير ڏري، لنئي سٻاجهي لات
پکي پنهنجي وات، مناڙيو موتي چٽي.

www.maktabah.org

(٢٣٧)

هر هر هوءِ پئو، رنگ فاقيري روح جو
ڪنهن جنهن پاهه پئو، تئين رچي رنگ سپ ڪنهين

(٢٣٨)

هلڻ ويرم هوءِ، شال ڪنهن جو ڪم پنيور ۾
پنڌ اڳي دل پوءِ، سور سناٿو سرتيون.

(٢٣٩)

من جڳ جوڳي جي ٿيا، تن جو اٿي سين آرو
مارئو مهرن سان، ڪن پيٽ جو پارو
صبر جن سارو، سي لاهوتي لڏي ويا.

(٢٤٠)

هڪ جو هٽي هٽ ڪٽي، هئو جو جهلي گهاءُ
انهيءَ سور سماءُ، اهي جاڻن ٻه جٽا.

(٢٤١)

مورن هنيون انهيون ڪيو، گوندر ڇڏم گل
ليئي لاڳا پن جي، اتڪايو اصل
سبق پڙهه سرير جو، جنهن ۾ حرف نه هل
سڃي محض سڪوت ۾، قلب جو ڪهڳل
جرئن جالي جل، ڳٽيءَ وارا ڳور ۾

(٢٤٢)

هي وٽ هٽ نه اڳري، بلندي بازار
دوساٽي دربار، انهيون سوپڻ سنهيون

(٢٤٣)

هيئان ٻنڍ مهي مري، متان مهاٽي
ڪڻ ڪر پاٽي، تا انڌا مرن اڄ سين !

(٢٤٤)

هينئڙا هندو زال ڪئون، هڏم هيٺو ٿيءُ
پرت پيالو پيءُ، ماٺ ڪري پئو مچ ۾.

ختم شد

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

اسان جا ڪجهہ ٻيا ڇپايل ڪتاب

تفسير تنوير الايمان (ڏهہ جلد)
بهشتي زيور ڪامل جلد
فضائل اعمال (تبليغي نصاب)
شمائل ترمذي شريف
اسوة رسول اڪرم ﷺ
بخاري شريف جلد اول مجلد
خلفاء راشدين چار يار رضہ
تحفة الفقه ٧ حصہ مجلد
تذڪرة الاولياء
مخزن اخلاق
برڪاة الصلواة (اصل)
خطبہ جمع و عيدين عربي
نماز ڪامل
نماز مترجم
تحفة الاسلام
تحفة المسلمين
تحفة الواعظين
انيس الواعظين
قصص الانبياء
سرڪار مدينہ جا ڏهہ صحابہ رضہ
محمد رسول الله ﷺ
گلدستہ احاديث
(٤٠٠) احاديث جو مجموعو
موت جو منظر (اصل)
تنوير الاسلام
حضرت امير معاويہ رضہ
صد حديث
ميراث المسلمين
چونڊ ڪهاڻيون
قائده يسر القرآن
غدار اسلام
خطبہ جتوئي واعظي
خطبہ عثماني
خطبہ رسولي

خطبہ نڪاح
رڪن الدين
حضرت عبدالقادر رح
پٽ ڌڻي رح
سچل سرمست رح
قلندر لعل شهباز رح
بيدل فقير رح
حمل فقير رح
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح
سلطان باهو رح
خواجہ غلام فريد رح
ذبح شڪار
٣٠ ٽيہ قصا
احسن القصص
يوسف زليخان (وڏو)
پرت نامو امروٽي رح
يوسف زليخان (ننڍو)
شهادت حضرت امام حسين رضہ
بهشت نامو
معراج محمد ﷺ
معجزات محمد ﷺ
اسماء الحسنىٰ
ڀاڪا ۽ پروليون
قلبي اج (بادام ناتوان)
فلاح دارين
ادعيات دعا گنج العرش
صلاة تنجينا
ارشادات نبوي ﷺ
ديني معلومات
آئينه سڪندري ٻہ حصا
سنڌ بابت ڄاڻ
ڪافي بلي شاهہ
عبدالرحيم گرهوڙي رح
ننڍو ڪتاب

www.maktabah.org

Maktabah.org

This book has been digitized by www.maktabah.org.

Maktabah.org does not hold the copyrights of this book. All the copyrights are held by the copyright holders, as mentioned in the book.

Digitized by Maktabah.org, 2011

Files hosted at Internet Archive [www.archive.org]

We accept donations solely for the purpose of digitizing valuable and rare Islamic books and making them easily accessible through the Internet. If you like this cause and can afford to donate a little money, you can do so through Paypal. Send the money to ghaffari@maktabah.org, or go to the website and click the Donate link at the top.

www.maktabah.org